# زرعي هدايتون

# Agricultural Field Guide



زرعي توسيع، زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ

**Agriculture, Supply and Prices Department,**
**Directorate General Agriculture Extension Sindh**
**SAGP ICT Agricultural Extension Services Centre Sindh Hyderabad**

# زرعي هدايتون

# Agricultural Field Guide

## سرپرست

**محمد اسماعيل راهو**
وزير زراعت، سنڌ

## نگران اعليٰ

**عبدالرحيم سومرو**
سيڪريٽري زراعت،
سنڌ

## نگران

**هدايت الله ڇڄڙو**
ڊائريڪٽر جنرل،
زرعي توسيع سنڌ

## تحرير، ترتيب ۽ توسيع

**مصطفيٰ نانگراج**
انچارج، آءِ سي ٽي
زرعي توسيع مرڪز


زرعي توسيع، زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ

**Agriculture, Supply and Prices Department,
Directorate General Agriculture Extension Sindh
SAGP ICT Agricultural Extension Services Centre,
Sindh Hyderabad**

## نظرثاني

پروفيسر ڊاڪٽر اعجاز احمد سومرو

سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام

## ٻانهن ٻيلي

فهيم قريشي، ڪاشف علي ٻرڙو،

رياض حسين چانڊيو، خليل الله پنهور ۽ غلام نبي ڏاهري

آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز، زرعي توسيع سنڌ حيدرآباد

## ڊزائين

بلاول عباسي

## ڪمپوزنگ

علي انور لغاري


Contact us:

+92 311 1646111 / +92 22 9201958

ictagriextensionsindh@gmail.com

www.ictagrisindh.gov.pk

ictagriculturalextensionservicessindh

www.youtube.com/channel/UCqTcNu8o9s2y7vjSiafo8kQ

# فهرست


| صفحو | فصل | نمبر |
|---|---|---|
| 1 | Wheat - ڪڻڪ | 1 |
| 6 | Rice - ساريون | 2 |
| 13 | Cotton - ووننئڻ | 3 |
| 22 | Sugarcane - ڪمند | 4 |
| 30 | Sunflower - سورج مُکي | 5 |
| 36 | Kharif Vegetables خريف جون پاچيون | 6 |
| 47 | Rabi Vegetables ربيع جون پاچيون | 7 |
| 68 | Maize - مڪئي | 8 |
| 70 | Sorghum - جوئر | 9 |
| 73 | Millet - ٻاجهري | 10 |
| 75 | Egyption Clover -برسيم | 11 |
| 77 | Alfalfa - لوسڻ | 12 |
| 79 | Sesbania -جنتر يا ڍانچو | 13 |
| 80 | Cluster bean - گوار | 14 |
| 81 | Mango - انب | 15 |
| 91 | Banana -ڪيلو | 16 |
| 94 | Guava - زيتون | 17 |
| 101 | Lemon - ليمون | 18 |
| 110 | Papaya - پپيتو | 19 |
| 114 | Green Gram - مگ | 20 |
| 116 | Black Gram - ماش يا مانهن | 21 |
| 118 | ڪِنوا جي پيداواري حڪمت عملي<br>Quinoa Cultivation Technology | 22 |
| 120 | موسمياتي تبديليون ۽ اسان جي زراعت<br>Climate Change & Agriculture | 23 |
| 123 | Efficient use of water پاڻي جو بهتر استعمال | 24 |
| 125 | Agriculture Marketing زرعي مارڪيٽنگ | 25 |



# ڪڻڪ Wheat

-

## زمين جي چونڊ ۽ تياري:

ڪڻڪ لاءِ اهڙي زمين چونڊ ڪجي جيڪا زرخيز ۽ نامياتي مادي سان ڀرپور هجي. پر جيڪڏهن زمين ڪمزور هجي ته اُن زمين کي ڪڻڪ پوکڻ کان هڪ مهينو پهرين ڳريل سڙيل وٿاڻ جي ڀاڻ جون 3 ٽرڪون ڏئي هرن سان ملائي ريج ڪجي. ٿي سگهي ته ٻنو ريج ڪجي ته جيئن ڀاڻ زمين ۾ چڱي ريت ڳري ملي وڃي. جنهن بعد زمين کي ٿوس ڪلٽيويٽر جا ٻه ھر ڏئي پوکيءَ لاءِ تيار ڪجي. ناڙي پوک لاءِ ڪلٽيويٽر پويان ڳاڏي ٻڌجي ته جيئن زمين ۾ سيڪ موجود رهي. جيڪڏهن زمين هموار نه هجي ته پوءِ زمين کي ليزر مشين ذريعي سنوت ۾ آڻجي ته جيئن فصل کي هڪجيترو پاڻي ۽ ڀاڻ ملي سگهي.

## جنسون ۽ پوکيءَ جي مُند:

| سفارش ڪيل جنسو | علائقو | پوکيءَ جو وقت |
|---|---|---|
| بنيظير-13، حمل- 13<br>مومل- 89، آبادگار-93، سرسبز،<br>خرمن، سسئي ۽ ڪرن-95 | ڏکڻ سنڌ | پهرين نومبر کان 20 نومبر |
| | اتر سنڌ | 7 نومبر کان 30 نومبر |
| ٽي جي- 83، انمول- 91،<br>سرسبز ۽ ڪرن-93 | ڏکڻ سنڌ | 21 نومبر کان 15 ڊسمبر |
| | اتر سنڌ | پهرين ڊسمبر کان 21 ڊسمبر |
| ٽي ڊي-1، سڪرنڊ-1،<br>ڀٽائي ۽ مارئي- 2000 | سڄي سنڌ | پهرين نومبر کان 25 ڊسمبر |

## پوکڻ جا طريقا:

ڪڻڪ جي پوکي جا ٽي طريقا آهن
1. ڇٽ ڪيرُ 2. ڪُر يا گهڙٻي 3. ناڙي پوک.
ڇٽ ڪيرُ سارين کان پوءِ واندي ٽيل زمين لاءِ مناسب طريقو آهي. جڏهن ته سارين جي واندي ٽيل زمين ۾ زيرو ٽليج ناڙيءَ ذريعي ٻڻ پوکي ڪري سگهجي ٿي. پڪين، سم ۽ ڪلر وارين زمينن ۾ ڪُرَ يا گهڙٻي پوک ڪجي. پر ڪُرَ يا گهڙٻيءَ واري پوک لاءِ هڪ ته جڏهن زمين پاڻي ڪٽي وڃي ته پوءِ ٻج ڳپ ۾ ڇنڊجي ۽ ٻج کي ڇنڊڻ کان پهرين پاڻيءَ ۾ 8 کان 10 ڪلاڪ پسائڻ گهرجي. ٻج کي پاڻيءَ ۾ پسائڻ سان ٻج جو ڦوٽهڙو وڌيڪ ڀلو ٿيندو. اهڙي طرح ڀلين زمينن ۾ ڪڻڪ جي پوکي ناڙيءَ رستي ڪجي. ناڙي پوک ۾ گندگاهه جي ضابطي ۾ آساني ٿئي ٿي. ڀاڻ صحيح طريقي ڏجي ٿو. ٻج گهٽ استعمال ٿئي ٿو ۽ ڦوٽهڙو ڀلو ٿيڻ سان گڏ ناڙي پوک ٻين جي مقابلي ۾ وڌيڪ پيداوار ڏئي ٿي.

## ٻج (ڪلوگرام في ايڪڙ):

| جنسون | ناڙيءَ ذريعي | ڇٽ ڪيڙ ذريعي | ڪُريا گهڙيءَ ذريعي | ڪرين تي پوک |
|---|---|---|---|---|
| آڳاٽي پوک | 50 | 55 | 60 | 60 |
| پاڇاٽي پوک | 60 | 65 | 70 | 70 |

## پاڻن جي گُهرج:

عام طور تي سنڌ جون زمينون نائٽروجن، فاسفورس ۽ پوٽاش ۾ ڪمزور آهن. جڏهن ته عام آبادگار نائٽروجن ۽ فاسفورس وارا پاڻ ڪٽڪ کي ڏئي ٿو پر پوٽاش نٿو ڏئي. نائٽروجن ۽ فاسفورس ۾ به فاسفورس گهٽ ۽ نائٽروجن وڌيڪ ڏني وڃي ٿي جنهن جي ڪري گُهربل پيداوار نٿي ملي. ان ڪري آبادگارن کي صلاح ٿي ڏجي ته زمين جي مٽي ڪنهن ويجهي مٽيءَ ۽ پاڻيءَ جي چڪاس واري ليبارٽريءَ مان ضرور چڪاس ڪرائن ۽ ليبارٽريءَ جي ماهرن جي سفارشن مطابق پاڻ جو استعمال ڪن. پر جيڪڏهن ڪنهن اڻٽر سبب جي ڪري مٽي چڪاس نه ٿي سگهي ته پوءِ سٺي زمين ۾ هيٺين ريت ڪٽڪ جي فصل کي پاڻ ڏيڻ گُهرجي:

1. ½ 1بوري ڊي اي پي، اڌ بوري يوريا ۽ هڪ بوري ايس او پي في ايڪڙ ڏيڻ گُهرجي.
2. ڪٽڪ جي ٽي ڊي-1 جنس کي 2 بوريون ڊي اي پي ۽ 3 کان 4 بوريون يوريا في ايڪڙ ڏجن.

**ڪٽڪ لاءِ مرحليوار پاڻيءَ جي ورهاست**

| ڪل پاڻي | پهريون پاڻي ٽن هفتن يا 21 ڏينهن کان پوءِ | ٻيون پاڻي ڇهن هفتن يا 42 ڏينهن کان پوءِ | ٽيون پاڻي نون هفتن يا 63 ڏينهن کانپوءِ | چوٿون پاڻي ٻارهن هفتن يا 84 ڏينهن کانپوءِ | پنجون پاڻي پندرهن هفتن يا 105 ڏينهن کانپوءِ | ڇهون پاڻي ارڙهن هفتن يا 126 ڏينهن کان پوءِ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 6 | پن پاڙ نڪرڻ وقت | ٻوڙي ٻڌڻ وقت | سنگ نڪرڻ وقت | ٻور اچڻ وقت | داڻي ۾ کير ٽيڻ وقت | داڻي ٻجڻ وقت |
| 5 | پن پاڙ نڪرڻ وقت | ٻوڙي ٻڌڻ وقت | سنگ نڪرڻ وقت | - | داڻي ۾ کير ٽيڻ وقت | داڻي ٻجڻ وقت |
| 4 | پن پاڙ نڪرڻ وقت | ٻوڙي ٻڌڻ وقت | سنگ نڪرڻ وقت | - | داڻي ۾ کير ٽيڻ وقت | - |
| 3 | پن پاڙ نڪرڻ وقت | - | سنگ نڪرڻ وقت | - | داڻي ۾ کير ٽيڻ وقت | - |
| 2 | پن پاڙ نڪرڻ وقت | ٻوڙي ٻڌڻ وقت | - | - | - | - |
| 1 | پن پاڙ نڪرڻ وقت | ٻوڙي ٻڌڻ وقت | - | - | - | - |

## گندگاهه:

سوڙهن پنن وارن گاهن لاءِ ٽاپڪ 120 گرام في ايڪڙ ۽ ويڪرن پنن وارن گندگاهه لاءِ بڪٽرل سپر 300 کان 400 ملي لٽر في ايڪڙ ۽ سوڙهن ۽ ويڪرن گڏيل گندگاهن لاءِ ايٽلانٽس 120 کان 160 ايفينٽي 600 کان 800 گرام في ايڪڙ ڦوهارو ڪجي. سمورن زهرن کي 120 لٽر پاڻي ۾

ملائي ڦوهارو ڪرڻ گهرجي. ڦوهاري لاءِ مشين ۾ گندگاهه وارو نوزل استعمال ڪجي.

## جيت ۽ بيماريون:

جيتن ۽ بيمارين جو گهڻو ڪري سنڌ جي ايجاد ٿيل ڪڻڪ ۾ سفارش ڪيل جنسن تي حملو نٿو ٿئي پر جيڪڏهن موسمي حالتن جي ڪري ڪٿي حملو نظر اچي ته جلد حد جي زرعي ماهر سان رابطو ڪجي.

## ڪڻڪ جون بيماريون:

ڪڻڪ جي فصل کي ڪيترين ئي بيماريون لڳن ٿيون. جيڪي پيداوار تي اثر انداز ٿين ٿيون. انهن کي روڪڻ لاءِ ضروري آهي ته:


- مدي خارج جنسون نه پوکيون وڃن.
- بيمارين کان پاڪ ۽ سفارش ڪيل جنسون پوکجن.
- پوکي کان پهريان ذڪر ڪيل دوائون جهڙوڪ؛ وائٽاويڪس، ٽاپس ايم يا بينليٽ وغيره ٻج سان ملائي پوءِ پوکڻ گهرجن.
- فصلن جي وار ڦير سان پوکي ڪرڻ گهرجي.
- ڪاٽي(Smut) لڳل ٻوٽو يا سنگ پٽي ساڙي ڇڏڻ گهرجي.

سنڌ ۾ لڳندڙ بيمارين جون علامتون ۽ بچاءُ جا اپاءَ هيٺ ڏجن ٿا.



### پيلي يا پٽا پٽي رتي (Strip or Yellow Rust)

هي بيماري گهٽ سيءَ پوڻ ڪري ڪڏهن ڪٿي ڪٿي لڳي ٿي. گرمي جي درجي وڌڻ سان خود بخود ختم ٿي وڃي ٿي. هن بيماري ۾ پنن تي پيلي رنگ جي ليڪا ٿيندا آهن. آخر ۾ داڻا سڪي ختم ٿي ويندا آهن. هن بيماري کان بچاءَ لاءِ بيماري کان پاڪ جنسو پوکيون وڃن. جيڪڏهن فصل ۾ بيماري لڳي وڃي ته ان جي ضابطي لاءِ ٽلٽ 200 ملي لٽر يا اين اسٽار 250 ملي ليٽر يا اسڪور 150 ملي ليٽر في ايڪڙ ڦوهارو ڪريو.



### پن واري رتي (Leaf Rust)

هن بيماري جو سنڌ ۾ شديد حملو ٿئي ٿو. تدارڪ نه ڪرڻ سان ڪافي نقصان ٿئي ٿو. هن بيماري ۾ پنن تي نارنگي يا بادامي رنگ جا ڦلوڪڙا ٿين ٿا ۽ انهن مان ناسي رنگ جا گول ذرڙا هر وقت خارج ٿين ٿا جيڪي هوا جي ذريعي اڏامي ميلن ۾ پکڙجي وڃن ٿا.

هن بيماري کان بچڻ لاءِ به ضروري آهي ته بيماري کان پاڪ ۽ سفارش ڪيل جنسون پوکڻ گهرجن. جيڪڏهن فصل ۾ بيماري لڳي وڃي ته ان جي ضابطي لاءِ ٽلٽ 200 ملي لٽر يا اين اسٽار 250 ملي ليٽر يا اسڪور 150 ملي ليٽر في ايڪڙ ڦوهارو ڪريو.

### ڪاري يا تيلي جي رتي (Stem Rust)



هن بيماري جو حملو پنن، تيلن ۽ سنگن تي ٿئي ٿو. شروعات ۾ الڳ الڳ ڳاڙها يا ناسي داغ ٿيندا آهن. جيڪي سخت حملي جي صورت ۾ ڪارو رنگ اختيارڪري ملي ويندا آهن. هن بيماري جا جراثيم هوا وسيلي پري پري تائين پکڙجي ويندا آهن. 12 کان 18 ڏينهن تائين ڦيرو پورو ڪري ٻئي فصل ۾ جراثيم پکڙيندا آهن. هي بيماري خاص ڪري فيبروري ۾ لڳندي آهي. بچڻ لاءِ ضروري آهي ته بيماري کان پاڪ ۽ سفارش ڪيل جنسون پوکڻ گهرجن. جيڪڏهن فصل ۾ بيماري لڳي وڃي ته ان جي ضابطي لاءِ ٽلٽ 200 ملي لٽر يا اين اسٽار 250 ملي ليٽر يا اسڪور 150 ملي ليٽر في ايڪڙ ڦوهارو ڪريو.

### ڪاڳي (Smut)



سنڌ ۾ هن بيماري جو صرف هڪ قسم کليل ڪاڳي (Loose Smut) لڳندي آهي. هن بيماري جو حملو صرف سنگ تي ٿيندو آهي. جيڪو ڪاري پوري ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. هوا ۾ اڏامي ٻئي فصل تي جراثيم پکيڙيندو آهي. متاثر ٿيل ٻوٽا ٻين ٻوٽن کان اڳ سڙڻ ۽ سڪڻ شروع ڪن ٿا. هن بيماري کان بچڻ لاءِ اهڙو ٻج استعمال ڪجي جيڪو صحتمند ۽ گندگاه کان پاڪ هجي. پوکي لاءِ پاڪ ۽ سفارش ڪيل جنسون پوکڻ گهرجن.
پوکي کان اڳ وائٽاويڪس 220 يا بينليٽ 50 ڊبليو جي دوا جا 2 گرام في ڪلو گرام ٻج سان چڱي طرح ملائي پوءِ ٻج پوکڻ گهرجي. جون جولاءِ مهينن ۾ گرمي جو درجو 38 ڊگري سينٽي گريڊ کان مٿي هجي ته متاثر ٻج عام پاڻي ۾ 4 ڪلاڪ پسائي، سنهي تهه سان پکيڙي چڱي طرح سڪائي، ٻج ۾ موجود جراثيم ختم ڪري سگجهن ٿا. جيڪڏهن فصل ۾ بيماري لڳي وڃي ته ان جي ضابطي لاءِ ٽلٽ 200 ملي لٽر يا اين اسٽار 250 ملي ليٽر يا اسڪور 150 ملي ليٽر في ايڪڙ ڦوهارو ڪريو.

## ڪڻڪ جو لابارو ۽ ڳاهه

ڪڻڪ مان في ايڪڙ بهتر پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ لابارو ۽ ڳاهه صحيح وقت تي ڪرڻ گهرجي. يعني ته اجا ڪڻڪ ٿوري ڪچي هجي ته لابارو نه ڪجي ۽ پچي وڃڻ کان پوءِ لاباري ۾ دير نه ڪجي جيڪڏهن ڪچي ڪڻڪ جو لابارو ڪيو ويو ته داڻا مارجي ويندا. ۽ وري پچي وڃڻ کان پوءِ لاباري ۾ گهڻي دير ڪئي وئي ته ڪڻڪ جا سنگ ٽٽي پوندا ۽ سنگ ۾ موجود داڻا ڇڻي ويندا. جنهن ڪري پيداوار گهٽجي ويندي.
جڏهن مارچ ۽ اپريل مهينن ۾ جيئن ئي گرمي وڌندي آهي ته ڪڻڪ جو فصل به پچي راس ٿيندو آهي. جڏهن ڪڻڪ جو رنگ سائي مان ڦري پيلو يا سونهري ٿي وڃي تيلا ۽ سنگ سڪي وڃن ۽ مڙڻ لڳن ۽ جڏهن 95 کان 98 سيڪڙو سنگ پچي وڃن ته لاباري ۾ دير نه ڪجي. لاباري ۾ 10 کان 15 ڏينهن دير ڪرڻ سان ڪڻڪ 5 کان 10 سيڪڙو ڇاڻو ڪري زيان ٿي وڃي ٿي. ان ڪري ايڏي وڏي نقصان کان بچڻ لاءِ وقت تي لابارو ڪرڻ تمام ضروري آهي.
لابارو هميشه صبح جو سوير يعني فجر جو شروع ڪجي ۽ منجهند کان اڳ ختم ڪجي. ڇو ته گرميءَ جو درجو وڌڻ ڪري سنگ ٽٽڻ ۽ داڻن ڇڻڻ جو انديشو هوندو آهي. لابارو زمين سان لائي ڪرڻ گهرجي ته جيئن ٻُهه وڌيڪ حاصل ٿئي لاباري ڪرڻ وقت تڪڙ بلڪل نه ڪجي ۽ سٿريون هڪ مهاڙيون ٿاهجن ۽ ڪوشش ڪري گڏ ڪري ٻڌن ۽ سرن مان ٿهيل نوڙين يا نئين پراڻي واڻ سان ننڍا ننڍا گڏا ٻڌي ڇڏجن. ڇو ته هن وقت تيز هوا، برسات ۽ ڳڙي وغيره جو خطرو هوندو آهي. پوءِ جيڪڏهن گڏا ٻڌل نه هوندا ته ول ٽڙي پکڙي زيان ٿي ويندي. گڏن کي ٻن ٽن ڏينهن لاءِ ٻني ۾ رهڻ ڏجي ته جيئن ول چڱيءَ طرح سڪي وڃي ۽ ان ڳاهه جي مشين مان آساني سان صاف ٿي نڪري سگهي ۽ داڻا پچي ٽٽي زيان نه ٿين.

## ذخيرو:

ڪڻڪ کي ذخيري وارن جيتن کان بچاءَ لاءِ اَنُ ديري مان صاف ٻورين ۾ پرجي ۽ گُندين کي صاف ڪجي. گهرن ۾ ننڍي سطح تي ڪڻڪ ذخيرو ڪرڻ لاءِ ڪڻڪ کي چڱيءَ طرح اُس ۾ سڪائي صاف گنديءَ ۾ وجهي نم جا ٻن وجهي فاسٽاڪسن جون گوريون وجهي هوا بند ڪري ڪنهن کليل هوادار ۽ چانوري واري جاءِ تي رکڻ گهرجي. پر جي ڪڻڪ وڏي پئماني تي ذخيرو ڪرڻي هجي ته 2 ڪلو چُن 2 ڪلو توتيو الڳ الڳ پلاسٽڪ جي ٿانو ۾ 24 ڪلاڪ ڳاري ڪپڙي ۾ ڇاڻي ڪري 50 لٽر پاڻيءَ ۾ ملائي گدام جي ڀتين، ڇت ۽ فرش تي پوچي ڪرڻ گهرجي. اهو عمل ڪڻڪ ذخيرو ڪرڻ کان هڪ مهينو اڳ ڪرڻ گهرجي ۽ بعد ۾ فاسٽاڪسن جون گوريون وجهي گدام کي هوا بند ڪجي.



# ساريون - Rice

## زمين:

سارين جي فصل لاءِ اهڙي چيڪي يا لٽياسي زمين جي چونڊ ڪجي، جيڪا زرخيز هجي ۽ نامياتي مادو چڱي مقدار ۾ رکندي هجي.

## سارين جون جنسون:

ديسي جنسن ۾ اري – 6، اري – 8، ڊي آر – 92، ڊي آر – 82، ڊي آر – 83، سدا حيات، ڪنول – 95، لطيفي، خوشبو – 95، شاداب، شعاع – 92، سرشار، مهڪ، شاندار ۽ ڪي ايس-282 پوکڻ لاءِ موجود آهن.
جڏهن ته هائبرڊ جنسون جهڙوڪ، گارڊ، شهنشاهه، انمول ۽ ڊائمنڊ وغيره پوکجن ٿيون.

## سارين جي جنسن جو علائقي ۾ مند آهر پيجارو پوکڻ ۽ رونبو ڪرڻ لاءِ وقت

| جنسون | پيجارو پوکڻ جو وقت | |
|---|---|---|
| | اتر سنڌ | ڏکڻ سنڌ |
| | (لاڙڪاڻو، شڪارپور، جيڪب آباد، سکر، دادو ضلعي جا ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه تعلقا) | (ٺٽو، بدين ۽ حيدرآباد ضلع جو ٽنڊو محمد خان تعلقو) |
| اري – 6، اري – 8 سدا حيات | مئي جي ٻئي هفتي کان جون جي ٻئي هفتي تائين | اپريل جي ٽئين هفتي کان مئي جي ٻئي هفتي تائين |
| ڊي آر – 82، ڊر آر – 92 | مئي جي آخري هفتي کان جون جي آخري هفتي تائين | مئي جي ٻئي هفتي کان جون جي ٽئين هفتي تائين |
| ڊر آر – 83 | جون جي ٽئين هفتي کان جولاءِ جي ٻئي هفتي تائين | جون جي پهرين هفتي کان جولاءِ جي پهرين هفتي تائين |
| ڪنول – 95 | اپريل جي ٻئي هفتي کان مئي جي ٻئي هفتي تائين | اپريل جي پهرين هفتي کان مئي جي پهرين هفتي تائين |
| لطيفي | جون جي ٻئي هفتي کان جولاءِ جي پهرين هفتي تائين | مئي جي ٽئين هفتي کان جون جي آخري هفتي تائين |
| خوشبو – 95، شاداب، شعاع، سرشار، مهڪ ۽ شاندار | مئي جي ٻئي هفتي کان جون جي آخري هفتي تائين | اپريل جي ٽئين هفتي کان مئي جي آخري هفتي تائين |

| جنسون | رونبي جو وقت | |
|---|---|---|
| | اتر سنڌ | ڏکڻ سنڌ |
| | (لاڙڪاڻو، شڪارپور، جيڪب آباد، سکر، دادو ضلعي جا ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه تعلقا) | (ٺٽو، بدين ۽ حيدرآباد ضلع جو ٽنڊو محمد خان تعلقو) |
| اري – 6، اري – 8 سدا حيات | جون جي ٻئي هفتي کان جولاءِ جي ٻئي هفتي تائين | مئي جي ٽئين هفتي کان جون جي ٻئي هفتي تائين |
| ڊي آر – 82، ڊر آر – 92 | جون جي آخري هفتي کان جولاءِ جي آخري هفتي تائين | جون جي ٻئي هفتي کان جولاءِ جي ٽئين هفتي تائين |
| ڊر آر – 83 | جولاءِ جي ٽئين هفتي کان | جولاءِ جي پهرين هفتي کان |

| | | |
|---|---|---|
| | آگسٽ جي ٻئي هفتي تائين | آگسٽ جي پهرين هفتي تائين |
| ڪنول – 95 | جولاءِ جي ٽئين هفتي کان<br>آگسٽ جي ٻئي هفتي تائين | جولاءِ جي پهرين هفتي کان<br>آگسٽ جي پهرين هفتي تائين |
| لطيفي | جولاءِ جي ٻئي هفتي کان<br>آگسٽ جي پهرين هفتي تائين | جون جي ٽئين هفتي کان<br>جولاءِ جي پهرين هفتي تائين |
| خوشبو – 95، شاداب، شعاع، سرشار، مهڪ ۽ شاندار | جون جي ٻئي هفتي کان<br>جولاءِ جي ٽئين هفتي تائين | مئي جي ٽئين هفتي کان<br>جون جي آخري هفتي تائين |

## ٻج جو مقدار

ٻيجارو پوکڻ لاءِ تيار ڪيل اڌ ويسي جون ٻه ٻاريون هڪ ايڪڙ جي روپبي لاءِ سفارش ڪجن ٿيون ۽ هڪ ٻاريءَ ۾ ٻج جو مقدار جنس وار هيٺ ڏجي ٿو.

| جنس | اڌ ويسي جي ٻاريءَ ۾ ٻج جو مقدار |
|---|---|
| اري – 6، اري – 8، سدا حيات، ڊي آر – 92، ڊي.آر – 82، ڊي.آر – 83، ڪنول – 95 | 6 کان 7 ڪلو گرام |
| خوشبو – 95، شاداب، شعاع – 92، سرشار، مهڪ ۽ شاندار | ½ 3، کان 4 ڪلو گرام |

## زمين جي تياري ۽ پوکي

جيڪڏهن زمين ڏيڱن ذريعي تيار ڪرڻي هجي ته 3 کان 4 خشڪيءَ جا هر ٿيڻ گهرجن. پر جيڪڏهن ٽريڪٽر استعمال ڪرڻو هجي ته پوءِ راجا هر ذريعي اونها هر ڏجن. هر ٿيڻ بعد زمين کي 3 هفتا کليل ڇڏجي. ان کانپوءِ 2 هر ڪلٽيويٽر جا يا هڪ هر پتر پچڻ واري هر يعني روٽاويٽر جو ڏئي زمين کي پوکيءَ لاءِ تيار ڪجي.

## پوکيءَ جا طريقا:

### رونبي رستي پوک:

سارين جي پوکي قطارن ۾ ڪجي. قطارن واري فصل ۾ ٻوٽن جو گهربل تعداد يعني 80000 کان 100000 ملي ٿو. جنهن جي ڪري پيداوار سٺي لهي ٿي. قطارن جي وچ ۾ 8 انچن جو مفاصلو رکجي. رونبي لاءِ هاڻ نيئون وڏيون هر قسم جون مشينون پڻ ايجاد ٿي ويون آهن.
پر جي لس واري طريقي سان رونبو ڪرڻو هجي ته پوءِ هڪ چورس ميٽر جي ڪاٺ جي چوڪاٺي (فريم) اندر 25 سلا هڻجن ته گهربل ٻوٽن جو تعداد ملي ويندو.

### ڇٽ رستي پوک

هن طريقي سان ڏاکڻي سنڌ (لاڙ) جي ڪجهه علائقن ۾ سارين پوکيون وڃن ٿيون. جنهن لاءِ تيار زمين ۾ پاڻي ڏئي ٻج ڇٽيو ويندو آهي.

### ناڙيءَ رستي پوک

هن طريقي ۾ تيار زمين کي ريج ڪرڻ کان پوءِ وٽ اڃڻ تي زمين کي ڪلٽيويٽر جا ٻه هر ٻويان ڳاڏي ٻڌي ڏجن. جنهن بعد ڪٽڪ وانگر ناڙي ڪجي. ليڪن پوکيءَ لاءِ ڏهه ٻارنهن ڪلاڪ پهرين ٻج کي پُسائي رکجي. ان کان پوءِ ٿوري وقت لاءِ ڪنهن صاف جاءِ تي پکيڙجي ته جيئن اهو خشڪ ٿئي ۽ بعد ۾ پوکي ڪجي ته ڦوٽهڙو سٺو ٿيندو.

### سُڪي زمين ۾ سارين جي پوک:

سارين جي هن ٽيڪنالاجيءَ ۾ زمين کي سڪيءَ جا چڱيءَ ريت هر ڏئي زمين تيار ڪري ناڙيءَ رستي پوک ڪجي. پوکيءَ لاءِ قطار کان قطار جي وچ ۾ مفاصلو 8 انچ بيهارڻ گهرجي. ناڙي ڪرڻ کانپوءِ پاڻي ڏئي ڇڏجي.
جڏهن زمين ڏار ڏئي وڃي جنهن ۾ گهٽو ڪري هڪ هفتو لڳي وڃي ٿو. ان بعد پهرئين پاڻ طور هڪ بوري ڊي اي پي، اڌ بوري يوريا ۽ 12 ڪلوگرام پوٽاش في ايڪڙ ڇٽي پهريون پاڻي ڏيڻ گهرجي. اهڙي طرح ٻيو پاڻ 20 ڏينهن بعد مُني بوري يوريا في ايڪڙ ڏجي. جڏهن ته آخري پاڻ فصل جڏهن ڏيڏي تي پهچي ته مُني بوري يوريا في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي. هن پوکيءَ جي طريقي ۾ هن وقت DR-92 ۽ شاهڪار جنسون ڪامياب وڃي رهيون آهن.

| جنسوار ڪيميائي پاڻن جون سفارشون | |
|---|---|
| سفارش ڪيل مقدار في ايڪڙ | پاڻ ڏيڻ جو وقت |
| اري – 6، اري – 8، ڊي.آر – 92، ڊي.آر–82، ڪنول – 95 ٻه بوريون يوريا ۽ سوا بوري ڊي اي پي يا اڍائي بوريون يوريا ۽ پوٽيون ٽي بوريون ايس-ايس-پي. | رونبي کان هڪ يا ٻه ڏينهن اڳ ۾ سمورو ڊي اي پي ۽ اڌ بوري يوريا يا هڪ بوري يوريا ۽ پوٽيون ٽي بوريون ايس-ايس-پي زمين ۾ ڇٽي مٿان ريج ڏجي جڏهن ته باقي رهيل يوريا مان مني بوري رونبي کان 20 ڏينهن بعد ۽ مني بوري رونبي کان 40 کان 50 ڏينهن بعد |
| ڊي.آر – 83<br>سوا بوري يوريا ۽ مني بوري ڊي-اي-پي يا ڏيڊ بوري يوريا ۽ پوٽيون ٻه بوريون ايس-ايس-پي | رونبي کان هڪ يا ٻه ڏينهن اڳ ۾ سمورو ڊي-اي-پي ۽ مني بوري يوريا يا اڌ بوري يوريا ۽ پوٽيون ٽي بوريون ايس-ايس-پي ڏجي. جڏهن ته باقي يوريا جي رهيل وزن مان اڌ رونبي کان 15 کان 20 ڏينهن بعد ۽ ٻيو رونبي کان 35 کان 40 ڏينهن بعد |
| لطيفي<br>سوا بوري يوريا ۽ سوا بوي ڊي-اي-پي | رونبي کان هڪ يا ٻه ڏينهن اڳ ۾ سمورو ڊي-اي-پي ۽ يوريا جي بوريءَ جو چوٿون حصو ڏجي. جڏهن ته باقي يوريا جي رهيل وزن جو اڌ رونبي کان 15 کان 20 ڏينهن بعد ۽ ٻيو اڌ رونبي کان 35 کان 40 ڏينهن بعد |
| سدا حيات | رونبي کان هڪ يا ٻه ڏينهن اڳ ۾ سمورو ڊي-اي- |

| | |
|---|---|
| ٻه ٻوريون يوريا ۽ سوا ٻوري ڊي-اي-پي يا ادائي ٻوريون يوريا ۽ پوٽيون ٽي ٻوريون ايس-ايس-پي | پي ۽ اڌ ٻوري يوريا يا هڪ ٻوري يوريا ۽ پوٽيون ٽي ٻوريون ايس-ايس-پي ڏجي جڏهن ته پوٽيون ٽي ٻوريون ايس-ايس-پي ڏجي رهيل يوريا جو هڪ حصو روپڻي کان 20 ڏينهن بعد ۽ ٻيو حصو 50 کان 55 ڏينهن بعد ڏجي. |
| خوشبو – 95<br>ڏيڍ ٻوري يوريا ۽ هڪ ٻوري ڊي-اي-پي | مني ٻوري يوريا ۽ هڪ ٻوري ڊي-اي-پي پوکيءَ کان پهريائين بنيادي وزن طور ۽ باقي رهيل مني ٻوري يوريا ڀيو نسرڻ وقت ڏجي. |
| شاداب، شعاع – 92، سرشار مهڪ ۽ شاندار<br>ادائي ٻوريون يوريا ۽ سوا ٻوري ڊي-اي-پي يا ادائي ٻوريون يوريا ۽ ٽي ٻوريون ايس-ايس-پي | يوريا ياڻ جو اڌ وزن ۽ ڊي-اي-پي جو سمورو مقدار پوکيءَ کان پهرين بنيادي وزن طور ۽ نائٽروجن ياڻ جو اڌ وزن ڀير نسرڻ وقت ڏجي. |
| هائبرڊ<br>ٽي ٻوريون يوريا ۽ ڏيڍ ٻوري ڊي-اي-پي يا ٻه ٻوريون مونو امونيم فاسفيٽ ۽ هڪ ٻوري سلفيٽ آف پوٽاش يا ادائي ٻوريون يوريا ۽ ٻه ٻوريون زرخيز | روپڻي کان هڪ يا ٻه ڏينهن اڳ ۾ سمورو ڊي-اي-پي ۽ اڌ ٻوري يوريا يا هڪ ٻه ٻوريون زرخيز يا ٻه ٻوريون امونيم فاسفيٽ ۽ هڪ ٻوري سلفيٽ آف پوٽاش ڏجي. جڏهن ته رهيل يوريا جو هڪ حصو روپڻي کان 20 ڏينهن بعد ۽ ٻيو حصو 50 کان 55 ڏينهن بعد ڏجي. |

## پاڻي:

ٻيجارو هڻڻ کان 4 کان 6 ڏينهن پهرين ايترو ريج ڪجي، جيئن روپڻي وقت زمين ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ انچ پاڻي بيٺل هڻڻ گهرجي جنهن ۾ روپڻو ڪجي. ان بعد آهستي آهستي فصل ۾ 3 کان 4 انچ تائين پاڻي وڌائڻ گهرجي. فصل مان بيٺل پاڻي نيڪال به ڪبو رهجي. اهڙي طرح لاباري کان 10 يا 15 ڏينهن پهرين پاڻي بند ڪرڻ گهرجي.
جڏهن ته ناڙي واري پوک ۾ فصل ۾ ڦوٽهڙي بعد پهريون پاڻي ڏجي ۽ باقي پاڻي مٿين طريقي موجب ڏجن. اهڙي طرح چٽ ۾ وري شروعات ۾ ئي تڪڙا پاڻي ڏبا اچن ته جيئن ڦوٽهڙو جلد ۽ سٺو ٿئي.

## زنڪ جو استعمال:

ڪلراٺي هيٺاهين، سخت زمينن ۾ جتي لڳاتار پاڻي بيهي ٿو. اُتي زنڪ جي کوٽ ٿئي ٿي. ان لاءِ زنڪ سلفيٽ (20 سيڪڙو) 16 ڪلوگرام في ايڪڙ يا آسٽريليا يا چائنا جو ٺهيل زنڪ سلفيٽ (36 سيڪڙو) 9 ڪلوگرام في ايڪڙ جي حساب سان اوتري ئي سڪل مٽي يا يوريا ياڻ سان ملائي فصل ۾ روپڻي کان 12 کان 15 ڏينهن بعد ڇٽڻ گهرجي.

## گندگاهه:

مارڪيٽ ۾ ڪيترن ئي قسمن جو سارين جي فصل مان گندگاهه کي ختم ڪرڻ لاءِ گاهه مار زهر موجود آهن. جيڪي روپڻي جي چار ڏينهن اندر بيٺل پاڻيءَ ۾ استعمال ڪرڻ سان گندگاهه تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو.

## گوٺ پرڻ:

ضرورت موجب جتي فصل ۾ گوٺ نظر اچي ته ان کي فوري طور تي پرڻ گهرجي.

## جيت:

روپڻي ٿيل فصل ۾ ڪينئن يا گڏر کان بچاءُ لاءِ هيٺ ڄاڻايل داڻيدار دوائن مان ڪابه هڪ پهريون ڀيرو روپڻي بعد 35 کان 40 ڏينهن دوران ۽ ٻيو ڀيرو 55 کان 60 ڏينهن دوران استعمال ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ؛ پاڊان 4 سيڪڙو 9 ڪلوگرام في ايڪڙ يا ورٽاڪو 6 سيڪڙو 4 ڪلوگرام في

ايڪڙ يا فيورادان 3 سيڪڙو 9 ڪلوگرام في ايڪڙ يا روٽاپ 4 سيڪڙو 10 ڪلوگرام في ايڪڙ.
نوٽ: داڻيدار دوا جي استعمال ڪان اڳ پنن جي ڏارن ۽ ٻرن وغيره کي آلي مٽيءَ سان ليپو ڏجي ته جيئن دوا لڳل پارن جو پاڻي ٻين پارن ڏانهن وهي نه وڃي ۽ فصل ۾ پاڻيءَ جي سطح 4 ڪان 6 انچ بيهارڻ گهرجي.

## اڇي پٽيءَ وارو مهلو:



اڇي پٽيءَ وارو مهلو يا سارين جي الي هن فصل کي گهڻو نقصان پهچائي ٿي. هي جيت ننڍڙو ٿئي ٿو. جيڪو فصل ۾ بيٺل پاڻيءَ جي مٿان نظر ايندو آهي ۽ فصل جي پوٽن تي هيٺيان ڪان حملو ڪندو آهي. جنهن ۾ پوٽن جي رس چوسي انهن کي سڪائي ڪارو ڪري ڇڏيندو آهي. جيڪي سڙي ختم ٿي ويندا آهن. هن جيت جي نقصان ڪان بچڻ لاءِ پاڇاتي پوک نه ڪرڻ گهرجي. پارن جا ٻنا هميشه ننڍا ناهڻ گهرجن. هن جيت لاءِ قوت مدافعت رکندڙ جنسون جهڙوڪ: سدا حيات پوکڻ گهرجن ساڳئي وقت فصل کي گهاتو ٿيڻ نه ڏجي. فصل اندر هوا ۽ اُس جي صحيح گذر لاءِ جڏهن قطارون پاڻ ۾ ملي وڃن ته هٿن سان هر پنجن قطارن ڪان پوءِ پها ناهجن. اليءَ ڪان بچاءَ فصل پوکڻ ڪان اڳ پنيءَ ۾ بيٺل وٽن جي چانگ ڪرڻ گهرجي ته جيئن فصل ۾ چانورو نه ٿئي. سارين جي روئبي ڪان 55 ڏينهن بعد نائٽروجن وارو پاڻ نه ڏجي، ٻي صورت اليءَ جو مسئلو شدت اختيار ڪري ويندو. وڌيڪ حملي جي صورت ۾ اميدا گروپ جي ڪونفيڊور يا اسيٽامپرڊ گروپ جي موسپلان استعمال ڪري سگهجي ٿي.



## سارين جو پن ويڙهو:

هن جيت جي موجودگيءَ جي جانچ روئبي بعد 40 ڪان 45 ڏينهن ڪان پوءِ شروع ڪجي. هن جيت جو به حملو چانوري واري هنڌ، گهاٽي فصل ۽ گهڻي ڏنل نائٽروجن واري فصل ۾ وڌيڪ ٿئي ٿو. جنهن جو خيال رکڻ گهرجي.
هي جيت فصل جا پن ٽڪي ٿو ۽ انهن کي ويڙهي ڇڏي ٿو. ٻه ڪان ٽي پن ويڙهيل نظر اچن ته زهر جو استعمال ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ سارين جي پن ويڙهي ڪان فصل کي بچائڻ لاءِ پيرائرائيڊ گروپ جون دوائون يعني لمدا سيهائيلوٿرين 400 ملي لٽر في ايڪڙ استعمال ڪجي ۽ ان سان ملندڙ دوائون استعمال ڪجن.

## سارين جي جونءَ:





هي جيت سارين ۾ روئبي بعد 20 ڪان 25 ڏينهن ڪان وٺي خاص طور تي ڪسين جي پاسن تي نظر اچن ٿا. اهڙي طرح هن جيت جي شروعات ۾ غير هموار زمين ۾ پاڻيءَ جي سطح ڪان مٿي بيٺل پوٽن ۾ حملو ٿئي ٿو. هي جيت عام طور تي جسامت ۾ تمام ننڍڙا ۽ پوٽن جي باهرين پنن اندر ڏانڊين کي ڇهتيل نظر ايندا آهن. جيڪي پوٽن جو رس چوسي وٺندا آهن ۽ نتيجي ۾ متاثره پوٽن جي واڌ ويجهه رُڪجي وڃي ٿي. پوٽا پيلا ٿي سُڪي وڃن ٿا ۽ سنگ ننڍا خالي يا ان جا داڻا گهٽ تعداد ۾ ٿين ٿا.
جيڪڏهن فصل ۾ جونءَ جو حملو نظر اچي ته پوءِ روئبي جي 35 ڪان 40 ڏينهن تي ڊائفينٿيوران گروپ جو زهر يا ڪنهن به مائٽي سائڊ يا ان سان ملندڙ زهر جو استعمال ڪجي.

## بيماريون:

1. رتيءَ جي بيماري: بيماريءَ کان پاڪ صاف ۽ صحتمند ٻج استعمال ڪجي. حملي جي صورت ۾ اسڪور 150 ملي لٽر في ايڪڙ يا ڊائيفينوڪونازول 150 ملي لٽر في ايڪڙ تي اسپري ڪجي.
2. ڪاٽيءَ جي بيماري: بيماريءَ کان پاڪ صاف ۽ صحتمند ٻج استعمال ڪجي. حملي جي صورت ۾ اسڪور 150 ملي لٽر في ايڪڙ يا ڊائيفينوڪونازول 150 ملي لٽر في ايڪڙ تي اسپري ڪجي.

ٻج کي پوکڻ کان اڳ بيمارين جي بچاءَ وارو زهر لڳائي پوءِ پوکجي ۽ ٻج صحتمند پوکڻ گهرجي. سارين واري زمين ۾ پوٽاش وارو پاڻ ڏيڻ گهرجي. پوک پاڇاٽي نه ڪجي ۽ پاڻ جو سفارش ڪيل مقدار ڏجي فصل مان گندگاهه صاف ڪبو رهجي.

## ڪوئن کان بچاءَ:



ڪوئن کان فصل کي بچائڻ لاءِ راڪومن يا ڪلورو فيسيٽان بيٽ استعمال ڪرڻ گهرجي يا ڏرڙن ۾ سائي ماگ پائوبر واس ڪرڻ گهرجي، يا وري فاسٽاڪسن جي هڪ ٽڪي هڪ ڏرڙ ۾ استعمال ڪجي ۽ ان کان پوءِ ڏرڙ کي مٽي سان بند ڪرڻ گهرجي.

## لاٻارو

جڏهن ساريون 95 سيڪڙو پچي وڃن ۽ سنگ ۾ پلال جهڙو رنگ ڏيکارين ته لاٻارو شروع ڪجي. لاٻاري ڪرڻ وقت سارين جون سٽريون ترتيبوار ۽ هڪ ڪريون ڪري پٽجن ۽ اتي ئي زمين ۾ 2 کان 4 ڏينهن سڪڻ لاءِ ڇڏجن. لاٻاري لاءِ هاڻ ننڍيون هٿ سان هلندڙ موٽر واريون مشينون اچي ويون آهن اُهي به استعمال ڪري وقت ۽ محنت بچائي سگهجي ٿي.
گهٽي ايراضيءَ جي صورت ۾ ڪمبائن هارويسٽر جي استعمال سان وقت ۽ مزدوريءَ جي بچت سان گڏ لاٻاري ۾ لاٻاري کان پوءِ وارا نقصان گهٽائي سگهجن ٿا.

## اسٽوريج

سارين کي اسٽور ڪرڻ کان پهرين چڱي طرح اُس ۾ سڪائڻ تمام گهڻو ضروري آهي. ٻي صورت ۾ سارين ۾ موجود نمي يا گهم جي ڪري گرمي جو درجه حرات تمام گهڻو وڌي ويندو آهي. ان کان علاوه سارين ۾ ڦقوندي (Fungus) لڳي ٿي جنهن جي ڪري چانور جو معيار ۽ ذائقو تمام گهڻو متاثر ٿئي ٿو. ان لاءِ سارين کي سج جي روشني ۾ هڪ به ڏينهن سڪائڻ ضروري آهي ته جيئن گهربل معيار کي برقرار رکي سگهجي.



# Cotton - ڪپهه

## پوکڻ جو وقت:

| پوکڻ جو وقت | علائقو |
|---|---|
| 15 مارچ کان 31 مارچ تائين | ضلعو ٺٽو ۽ بدين |
| پهرئين اپريل کان 30 اپريل تائين | ٿر. ميرپورخاص ۽ عمرڪوٽ |
| 15 اپريل کان 15 مئي تائين | حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان، ٽنڊو الهيار، مٽياري ۽ ڄامشورو |
| 15 اپريل کان 20 مئي تائين | سانگهڙ |
| پهرئين مئي کان 31 مئي تائين | دادو، بينظيرآباد ۽ نوشهروفيروز |
| 15 مئي کان 15 جون تائين | خيرپور، سکر، ڪشمور، گهوٽڪي، لاڙڪاڻو، قمبر شهدادڪوٽ، شڪارپور ۽ جيڪب آباد |

## زمين جي تياري:

ڪپهه جي فصل جي سٺي پيداوار لاءِ اهڙي زرخيز زمين چونڊڻ گهرجي. جيڪا پاڻي جذب ڪرڻ جي صلاحيت رکڻ سان گڏ دير تائين وَت کي قائم رکي سگهي. خاص ڪري نرم لٽياسي يا چيڪي لٽياسي زمين جي چونڊ ڪجي. چونڊيل زمين ۾ سڪيءَ جا اونها هر ڏجن. ان کانپوءِ پارا ٺاهي اهڙيءَ طرح ناليون ٺاهجن جو هر پاري کي ڌار ڌار پاڻي ملي. ياد رکڻ گهرجي ته ڪپهه جي فصل لاءِ هر هميشه اونهو استعمال ڪجي جيڪو ڪافي هيٺ تائين زمين ۾ لهي وڃي ۽ زمين کي اهڙيءَ طرح سڌائي ۾ آڻجي جو ڪٿي به پاڻي نه بيهي ۽ فصل کي هڪ جهڙو پاڻي ۽ پاڻ ملي سگهي.

## ڪپهه جي فصل جي پوکڻ جا طريقا:

سنڌ ۾ ڪپهه جي پوک عام طور تي ته ناڙيءَ ذريعي ڪئي ويجي ٿي پر ڪرين ۽ ويڪرن ڪرين ٻڻ تي به هيءَ فصل پوکيو ويجي ٿو. ڪپهه جي ناڙيءَ رستي پوک لاءِ قطارن جي وچ ۾ اڍائي فوٽن جو مفاصلو ۽ ڄڃائيءَ کانپوءِ ٻوٽن جي وچ ۾ 9 انچ مفاصلو رکيو ويجي. ڪرين تي هوا جي رخ کي نظر ۾ رکي 9 انچن جي فاصلي تي 2 کان 3 داڻا چنگيءَ جي صورت ۾ لڳائڻ گهرجن. ڪرين يا ٻڻ جي وچ ۾ نالي مُني فوٽ کان وڌيڪ ويڪري نه هجي. ويڪرن ڪرين ٻڻ تي ٻنهي پاسن کان چنگيون لڳائڻ گهرجن.

## ٻج جو مقدار:

ٻج هميشه اعتماد وارن ادارن، ڪمپنين يا زميندارن کان حاصل ڪرڻ گهرجي. خاص ڪري سنڌ ۾ بي ٽي جنسن جي پوک ڪرڻ وقت اهڙي ٻج جي چونڊ ڪجي جيڪو موسم توڙي ڪپهه جي جيتن ۽ بيمارين خلاف مدافعت جي سگهه رکندڙ هجي.

| ٻُج لٿل ٻج جو مقدار في ايڪڙ | ٻُج واري ٻج جو مقدار في ايڪڙ | پوکڻ جو طريقو |
|---|---|---|
| 5 کان 6 ڪلو گرام | 8 کان 10 ڪلو گرام | ناڙي پوک |
| 2 کان 3 ڪلوگرام | 3 کان چار ڪلو گرام | ڪرين ۽ ٻڻ واري پوک |

## سفارش ڪيل جنسون:

ڪپهه جون هي جنسون پوکي سگهجن ٿيون ؛ ايف ايڇ 900، ايف ايڇ 901، ايف ايڇ 1000، CIM 602 ، MNT 886، ايف ايڇ 142، بي ايڇ 118، سي آئي ايم 473، نيلم 121، ڪرس 9 ، ريشمي، هاري دوست، شهباز، ڪرس 134، ڪرس 342، چاندي، سهڻي، ناياب، نيا اُفق وغيره.

## ٻج تان ٻُج لاهڻ لاءِ تجويزون:

10 ڪلو ٻج تان ٻُج لاهڻ لاءِ هڪ لٽر گنڌڪ جو تيزاب ڪافي آهي. ٻج کي ڪنهن به پلاسٽڪ جي ٽب ۾ وجهو مٿان آهستي آهستي تيزاب هاريو ان ڪانپوءِ ڪنهن ڪاٺي يا بيلچي سان ٻج کي هيٺ مٿي چڱي طرح هلايو ته ڪَڪَڙن تان ڪپهه جا ٻُج آهستي آهستي ختم ٿيڻ شروع ٿيندا. پر هاڻ ڪَڪَڙن تان ٻُج صاف ڪرڻ لاءِ جديد مشينون به مارڪيٽ ۾ آهن انهن مان به فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو. جڏهن ٻج تيزاب ۾ صاف ٿي وڃي ته پوءِ ان کي ڪنهن چاڻي يا ڳوڻ مٿان رکو ۽ ٻج تي پاڻي هاريوگ. ۽ گهٽ ۾ گهٽ 3-4 ڀيرا چڱي طرح پاڻي هاريو پوءِ هڪ ٻج کڻي زبان تي رکو جيڪڏهن کٽاڻ هجي ته وري پاڻي ۾ ڌوئو جيڪڏهن کٽاڻ نه هجي ته ڪنهن چانوءَ واري جاءِ تي سڪايو.

## پوکيءَ کان اڳ ٻج کي دوا لڳائڻ:

پوکيءَ کان اڳ زرعي ماهر جي صلاح سان ٻج کي ڪا ڦنگي ۽ جيت مار دوا لڳائي پوءِ پوکيو وڃي ته ائين ڪرڻ سان هڪ مهيني تائين ڦٽندڙ فصل رس چوسڻ وارين بيمارين جي حملي کان محفوظ رهندو. ان ڪانسواءِ ٻج ۾ ڦوٽهڙو به بهتر انداز ۾ ٿيندو آهي.

## في ايڪڙ ٻوٽن جو تعداد ۽ ڇڊائي:

جيئن ته ماهرن جو چوڻ آهي ته ووئنٽن مان بهتر پيداوار لاءِ في ايڪڙ ۾ ٻوٽن جو تعداد 22 کان 25 هزار تائين هئڻ گهرجي. ان لاءِ جڏهن ٻوٽا 5 کان 6 انچ جا ٿين ته ٻوٽن ۾ ڇڊائي جو عمل ڪرڻ گهرجي. جنهن ۾ هڪ ٻوٽي جو ٻئي ٻوٽي کان مفاصلو گهٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 9 انچ رکجي. ته جيئن هر هڪ ٻوٽي کي پاڻي، پاڻ توڙي اس ۽ هوا گهربل انداز ۾ ملي سگهي.

## رهيل خال پرڻ:

جيئن ته ڪرين وارين فصل جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ ڏسجي ته جتي جتي اڳ ۾ پوکيل ٻج نه ڦٽو آهي ته اتي پيهر ٻج جون چُنگيون لڳائي خال پري ڇڏڻ گهرجن.

## گُڏ:

ووئنٽن جي ٻوٽن جي بهتر واڌ ويجهه لاءِ فصل کي گندگاهه کان صاف رکڻ گهرجي ۽ ان جو بهترين ذريعو گُڏ آهي. ناڙي پوک ۾ پهرئين گُڏ پنجهونءَ تي، ٻي گُڏ پهريون پاڻيءَ ڏيڻ وقت ٽئين گُڏ ٻيو پاڻي ڏيڻ ڪانپوءِ زمين جي وٽ ۾ اچڻ وقت ڪرڻ گهرجي. جڏهن ته ڪرين واري فصل کي پهرئين گُڏ ٻئي پاڻي کان پوءِ زمين جي وٽ ۾ اچڻ ڪانپوءِ ڪرڻ گهرجي. فصل ۾ گُڏ ڪرڻ ڪانپوءِ نائٽروجن پاڻ استعمال ڪرڻ گهرجي ته جيئن پوکيل فصل جي ٻوٽن کي وقت سر خوراڪ ملي سگهي.

## فصل مان گندگاهه جو خاتمو:

حقيقت سان ڏسجي ته ووئنٽن جي فصل تي اڪثر جيتن ۽ وائرس جو حملو گهڻي گندگاهه سبب ٿئي ٿو. ان ڪانسواءِ گندگاهه جي ڪري فصل جي پيداوار ۾ گهٽتائي اچي ٿي. گندگاهه فصل جي روشني، پاڻي، هوا ۽ پاڻ ۾ به حصيدار بنجي ٿو. جنهن ڪري زرعي ماهر جي صلاح سان جڙي ٻوٽيون ختم ڪندڙ دوائن جو استعمال ڪرڻ گهرجي. جنهن ۾ اسٽامپ 1000 کان 1250 سي سي في ايڪڙ يا ٽرانسونل 600 گرام في ايڪڙ يا ڊوال گولڊ 800 ملي ليٽر في ايڪڙ يا پينڊي ميٿالين 1000 ملي ليٽر في ايڪڙ يا تيز 20 گرام في ايڪڙ جي حساب سان ڦوهارو ڪريو.

## پاڻ جو استعمال:

پاڻ جي ذريعي ٻوٽن کي نائٽروجن، فاسفورس، پوٽاش ۽ زنڪ جو گهربل مقدار ملي ٿو. جيڪڏهن ٻوٽن ۾ نائٽروجن جي کوٽ ايندي ته ٻوٽن جي پنن جو رنگ هلڪو سائو ٿي ويندو آهي ۽ آهستي آهستي پيلي رنگ ۾ تبديل ٿي ويندو آهي ۽ ٻوٽن جي واڌ ويجهه بيهجي وڃي ٿي.
اهڙيءَ طرح وري فاسفورس جي کوٽ سبب ٻوٽن جو قد ننڍو ٿئي ٿو، گوگڙا دير سان ٺهندا آهن. گوگڙن جي سائيز به ننڍي ٿي ويندي آهي. ۽ ٻوٽن جي ٽڙ جو رنگ زمين جي سطح وٽ پيلو نظر ايندو آهي. پر جيڪڏهن فصل ۾ پوٽاش جي کوٽ هوندي ته پنن جا ڪنارا پيلا ۽ زردي مائل ٿي ويندا آهن. پنن جي رڳن جو رنگ ڳاڙهاڻ مائل ٿي پوندو آهي ۽ پنن جا ڪنارا خشڪ ٿي ويندا آهن.
جڏهن ته زنڪ جي کوٽ جي ڪري پنن جي سائز ننڍي ٿي ويندي آهي ۽ اندروني طور تي پنن

جون رڳون ڪاريون يا ڏنڏليون نظر اينديون آهن. جنهن ڪري وونئڻ جي فصل ۾ ڪيميائي ڀاڻ جو استعمال مٽيئن ڪوٽ ڪي نظر ۾ رکي ڪرڻ گهرجي. جڏهن ته زمين ۾ پوکيءَ وقت وٺاڻ جو ڀاڻ پڻ استعمال ڪرڻ گهرجي.

**بي ٽي جنسن لاءِ ڀاڻ جي سفارش**

| زمين جو قسم | في ايڪڙ ڪيميائي ڀاڻ جو استعمال |
|---|---|
| لٽياسي زرخيز زمين | ادائي ٻوريون نائٽروفاس ۽ اڌ ٻوري ايس-او-پي، پوکيءَ مهل، اڌ ٻوري يوريا ۽ اڌ ٻوري ايس-او-پي پنجهوءَ مهل ۽ مُني ٻوري يوريا گل ڀاڻي مهل ڏيڻ گهرجي.<br>يا سوا هڪ ٻوري ڊي-اي-پي، اڌ ٻوري ايس-او-پي ۽ اڌ ٻوري يوريا، پوکيءَ مهل اڌ ٻوري يوريا ۽ اڌ ٻوري ايس-او-پي پنجهوءَ مهل ۽ هڪ ٻوري يوريا گل ڀاڻي مهل ڏيڻ گهرجي. |
| وچولي زرخيز زمين | ٻوٽيون ٽي ٻوريون نائٽروفاس، اڌ ٻوري ايس-او-پي، پوکيءَ مهل اڌ ٻوري يوريا ۽ اڌ ٻوري ايس-او-پي پنجهوءَ مهل ۽ مُني ٻوري يوريا گل ڀاڻي مهل.<br>يا ڏيڍ ٻوري ٽي-ايس-پي، مُني ٻوري يوريا ۽ اڌ ٻوري ايس-او-پي پوکيءَ مهل ڏيڻ گهرجي مُني ٻوري يوريا ۽ اڌ ٻوري ايس او پي پنجهوءَ مهل جڏهن ته هڪ ٻوري يوريا گل ڀاڻيءَ تي ڏيڻ گهرجي. |
| هلڪي وارياسي زمين | هڪ ٻوري ڊي-اي-پي، اڌ ٻوري ايس-او-پي ۽ مُني ٻوري يوريا پوکيءَ مهل ڏيڻ گهرجي. هڪ ٻوري يوريا ۽ اڌ ٻوري ايس-او-پي، پنجهوءَ مهل ۽ جڏهن ته هڪ ٻوري يوريا گل ڀاڻيءَ وقت ڏيڻ گهرجي.<br>يا هڪ ٻوري ٽي-ايس-پي، اڌ ٻوري ايس-او-پي ۽ هڪ ٻوري يوريا پوکيءَ مهل. هڪ ٻوري يوريا ۽ اڌ ٻوري ايس-او-پي پنجهوءَ مهل ۽ جڏهن ته هڪ ٻوري يوريا گل ڀاڻي مهل ڏيڻ گهرجي. |
| ڪمزور يا ڪلراٺي زمين | ٻه ٻوريون نائٽروفاس پوکيءَ مهل، 2 ٻوريون امونيم نائيٽريٽ پنجهوءَ مهل ۽ 2 ٻوريون گل ڀاڻيءَ مهل ڏيڻ گهرجي.<br>يا هڪ ٻوري يوريا پوکيءَ مهل. 3 ٻوريون SSP ۽ هڪ ٻوري امونيم نائٽريٽ 2 ٻوريون امونيم نائٽريٽ پنجهوءِ مهل ۽ گل ڀاڻي وقت ڏيڻ گهرجي. |
| ڪلراٺين، سخت زمينن يا ڪرين تي پوکيل وونئڻ جي صورت ۾ | ٻه ٻوريون نائٽروفاس يا سوا ٻه ٻوريون ايس- ايس-پي، ۽ هڪ ٻوري امونيم نائٽريٽ يا هڪ ٻوري زور آور ۽ هڪ ٻوري يا سوا ٻوري ٽي-ايس-پي ڏيڻ گهرجي.<br>نوٽ: فصل کي پهريون ڀاڻ پوکي جي 15 ڪ... 2... ڪان 30 ڏينهن اندر ڏيڻ گهرجي. ڪرين تي ... 7... ڏينهن جي اندر ڏيڻ گهرجي. |




## وونئڻ جون بيماريون ۽ تدارڪ

### ٻوٽن جي پنن جو سڙڻ ۽ سڪڻ:

هن بيماريءَ جي ڪري وونئڻ جي ٻوٽن جي پنن تي شروع ۾ ڀورا ڇهنبدار داغ ٺهيا ٿين ٿا. گهڻي حملي جي صورت ۾ ٽارين تي به اهي داغ نظر اچن ٿا. ٽڙ تي هن بيماريءَ جي حملي سبب ڪاري رنگ جو دائرو ٺهي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح هن بيماريءَ جي لڳڻ سان ٻوٽي جا گوگڙا ڳرڻ، سڙڻ شروع ٿي ويندا آهن. اها بيماري هڪ قسم جو وائرس آهي جيڪو آهستي آهستي سموري فصل ۾ ڦهلجي ويندو آهي. ان ڪري بيمار ٻوٽا فوري طور ڪڍي فصل کان پري ساڙڻ گهرجن. ان ڪانسواءِ ٻج کي آئنده ڪا ڦڦوندي مار (Fungicide) زهريلي دوا لڳائي پوءِ پوکڻ گهرجي.

### گوگڙن جو سڙڻ (Boll Root):

هن بيماريءَ ۾ شروع ۾ گوگڙن جي اندر ڀورا يا ڪاري رنگ جا ٽڪا ظاهر ٿيندا آهن. ٻاهران گوگڙا ٺيڪ حالت ۾ هوندا آهن پر اندران ڪپهه ڳري سڙي ويندي آهي يا وري گوگڙا ٽڙندا ئي ناهن. ڪجهه گوگڙا ٽڙندا آهن ته انهن جي ڪپهه جو رنگ اڇي بدران هلڪو پيلو نظر ايندو آهي.



## هن ڪان بچاءَ جي تدبير:

جيئن ته هيءَ بيماري گهميل موسم يا ڪيڙي جي حملي جي ڪري ٿيندي آهي. جنهن جي ضابطي لاءِ ريبومل گولڊ يا ميٽاليڪس+ مينڪوزيب 250 گرام في ايڪڙ جي حساب سان ڦوهارو ڪرڻ گهرجي. ۽ ڪيئنئن ته پڻ ضابطو آڻڻ گهرجي.

## ٻوٽن جي پاڙن جو سڙڻ (Root Rot):



هيءَ بيماري ٻوٽن ۾ مختلف بيڪٽيرياز جي ڪري ٿيندي آهي. ٻوٽا اوچتو مرجهائجي ويندا آهن ۽ ڇڪ ڏيڻ سان پاڙان سؤلائي سان نڪري ايندا آهن. ٻوٽن جون پاڙون ڳريل سڙيل نظر اينديون آهن ۽ پاڙن کي زور ڏيڻ سان پيلي رنگ جو ليسوڙي جهڙو بدبودار پاڻي نڪرندو.
هن بيماريءَ کان بچاءَ لاءِ ٻوٽي جو ٻوٽي کان فاصلو مناسب رکڻ گهرجي. ۽ ٻج کي ڪنهن به ڦقوندي مار زرعي زهر سان ملائي پوءِ استعمال ڪجي جهڙوڪ؛ ٽاپسن ايم Topsin M يا ٿايوفينائيٽ ميٿائيل 5 گرام في ڪلو لڳائي پوءِ پوکڻ گهرجي.

# **وونئڻن جا جيت ۽ انهن جو تدارڪ**



## سائو مهلو (Jassid):

سائي مهلي جا ٻچا ۽ بالغ پنن جي هيٺان رس چوسي پنن ۾ زهريلو مادو داخل ڪن ٿا. حملي آور پنن جا ڪنارا هيٺئين پاسي مڙي ويندا آهن، پنن جون نسون سڪي ويندا آهن. جنهن ڪري پن ڪمزور ٿي ويندا آهن. شديد حملي جي صورت ۾ پن ڦڪا ۽ ڳاڙها ٿي ڇڻي پوندا آهن.
هن جيت جو شديد حملو جولاءِ ۽ آگسٽ مهيني ۾ ٿيندو آهي، جهڙالي موسم هن جيت جي واڌ ويجهه لاءِ وڌيڪ موزون هوندي آهي.

## احطياتي تدبيرون:

وونئڻن جي پوکي سفارش ڪيل وقت تي ڪرڻ گهرجي. گهٽي پاڻ ڏيڻ کان پاسو ڪجي. گندگاهه کي ختم ڪرڻ گهرجي. قوت مدافعت رکندڙ جنسون پوکڻ گهرجن.

## ضابطو:

جيسپر 200 ملي لٽر (نائٽن پائرم) يا انسٽنٽ يا ويلاسٽي 200 ملي لٽر في ايڪڙ يا اميڊاڪلوپرڊ گروپ جي ڪابه دوا 250 ملي ليٽر في ايڪڙ يا ايڊوانٽيج 500 ملي ليٽر في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي.



## ٿرڙو (Thrips):

هن جيت جي حملي سان پن هيٺئين پاسي اڇا چاندي نما سا سر جهڙي شڪل جا ٿي مُڙي ويندا آهن ۽ ٻوٽي جي واڌ ويجهه پڻ متاثر ٿي رڪجي ويندي آهي. هُن جيت جو حملو وونئڻن جي فصل تي شروعات کان وٺي آخري چونڊي تائين هوندو آهي.

## احطياتي تدبيرون:

وونئڻن جي پرسان ڪيهه سان مشابهت رکڻ وارا ٻوٽا يا فصل نه پوکجن. گندگاهه جو خاتمو ڪجي. گهٽي پريشر واري مشين ذريعي صاف پاڻي يا ڪپڙن ڌوئڻ واري صابڻ جي محلول جو ڦوهارو ڪرڻ سان به ٿرڙي جو حملو گهٽائي سگهجي ٿو.

## ضابطو:

پائريٽ 80 ڪان 100 ملي لٽر في ايڪڙ يا ريبيئنٽ 60 ڪان 80 ملي لٽر في ايڪڙ يا ڊائميٿوئيٽ 300 يا ڊينادم300 ملي لٽر في ايڪڙ يا ليسنٽا 100 گرام يا (ڪلوروفيناپائير) يا سوشل يا پروفائيل يا اسٽالڪر 200 ملي لٽر في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي .



## اڇي مک (White fly):

هن جيت جا ٻچا ۽ بالغ پنن مان رس چوسي ليئس دار مادو ماڪي جهڙو خارج ڪن ٿا. جنهن ڪري سينور واري بيماري ٿي پوندي آهي ۽ ڪپهه جي پيدوار ۽ معيار کي نقصان پهچي ٿو. اڇي مک جو حملو خشڪ موسم ۾ گهٽو ٿئي ٿو. شديد حملي جي ڪري وونئڻ تي پن مروڙ (CLCV) بيماري اچي ٿي. هن جيت جو حملو آگسٽ ۽ سيپٽمبر مهيني ۾ وڌيڪ ڏٺو ويو آهي.

## احطياتي تدبيرون:

وونئڻ جي فصل ۾ يا پرسان ميزبان ٻوٽا جهڙوڪ ڀينڊي، وانگڻ وغيره نه پوکڻ گهرجن.ميزبان ٻوٽن ۽ گندگاهه کي ختم ڪجي. پاڻ سفارش ڪيل وزن کان وڌيڪ نه ڏجي.

## ضابطو:

اولالا 60 سي سي في ايڪڙ يا ڊاءِ فينٿيوران 250 سي سي في ايڪڙ يا ڊولو يا راڪو 250 سي سي في ايڪڙ يا پولو يا موسپلان 125 گرام في ايڪڙ يا ايسيلان يا اسيٽامائيپرڊ 125 گرام في ايڪڙ يا گليبيو 150 گرام يا پائرپروڪسيفن 400 ڪان 500 ملي لٽر يا اميڊاڪلوپرڊ 250 ملي ليٽر في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي .



## ملي بگ (Mealy bug ):

ملي بگ ٻوٽي جي پنن مکڙين مان رس چوسيندو آهي ۽ زهريلو مادو ڪاڍي دوران ٻوٽي ۾ داخل ڪندو آهي جنهن ڪري پن مکڙيون ۽ گل ڇڻي پوندا آهن ۽ ٻوٽي جي واڌ ويجهه رڪجي وڃي ٿي ۽ حملي آور ٻوٽي جا گونچ، گل، گوگڙا ڇڻي پوندا آهن. هي جيت لئي دار مادو خارج ڪري ٿو جيڪو ڪاري سينور واري بيماريءَ جو ذريعو بنجي ٿو. شديد حملي جي صورت ۾ ٻوٽو سڪي ختم ٿي ويندو آهي.

## احطياتي تدبيرون:

فصل جو هر روز معائنو ڪرڻ گهرجي. شروعاتي مرحلي ۾ ملي بگ ٿوري تعداد ۾ نظر اچي ته ان کي هٿ تي پلاسٽڪ جي ٿيلهي لڳائي ماري ختم ڪجي. ميزبان ٻوٽن ۽ گندگاهه جو خاتمو ڪرڻ گهرجي.

## ضابطو:

ڪيوراڪران 500-800 ملي لٽر يا پروفيڪس 500 ڪان 800 ملي لٽر يا لارسبين يا ڪلوروپائريفاس يا فورٿ 500 ڪان 1000 ملي لٽر ر يا پروفينوفاس 500-800 ملي لٽر في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي .

## جون (Mites):



وونئڻ جي فصل ۾ لڳاتار موسم خشڪ رهڻ سان جُون جو حملو ظاهر ٿئي ٿو جون ٻوٽي جي پنن مان رس چوسي چارو ٺاهي ٿي جيڪو ٻوٽي جي کاڌ خوراڪ ٺاهڻ وارو عمل پڻ متاثر ٿئي ٿو. جڏهن جون جو شديد حملو ٿئي ٿو ته پن، مُکڙيون ۽ گل ڇڻي پوندا آهن. جولاءِ ۽ آگسٽ مهيني ۾ هن جو شديد حملو ٿئي ٿو.

## احطياتي تدبيرون:

پيراٿرائيڊ گروپ جونءَ دوائون شروعاتي مرحلي ۾ استعمال نه ڪجن. جون جو حملو خشڪيءَ تي وڌيڪ ٿئي ٿو، ان ڪري فصل کي صاف پاڻي سان ڦوهارو ڪرڻ سان جونءَ جو خاتمو ڪري سگهجي ٿو.

## ضابطو:

اوبيرون100 ملي لٽر في ايڪڙ يا ٽالسٽار يا ريشم يا سلڪ يا باءِ فينٿرين 250 ملي لٽر في ايڪڙ يا پولو يا بولو 250 ملي لٽر في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي .



## چٽڪمرو ڪينئون (Spotted boll worm):

چٽڪمرو ڪينئون فصل جي شروعات ۾ چوٽين کي نقصان ڏيندو آهي. جڏهن گل باتي نڪرڻ شروع ٿيندي آهي ته گهڻو نقصان گلن، مُڪڙين ۽ گوگڙن ۾ اندر داخل ٿي ڪندو آهي جنهن ڪري پيداوار گهٽ ملندي آهي. هن جو شديد حملو آگسٽ ۽ سيپٽمبر مهيني ۾ ٿئي ٿو.

## احطياتي تدبيرون:

وونئڻ جي فصل ۾ يا پاسن کان ميزبان ٻوٽن جو خاتمو ڪجي. آخري چونڊي کانپوءِ جلدي زمين مان ٻاٺيون ڪپي اونها هر ڏئي زمين کيڙي ڇڏجي. پيندين جي باقيات کي وونئڻ جي پوکي کان اڳ ۾ ختم ڪرڻ گهرجي.

## ضابطو:

ٽريسر80 کان 100 ملي لٽر يا ڪراٽي يا جيسپر يا ٻماڻد يا ليمڊا 250 کان 300 ملي لٽر في ايڪڙ يا ٽالستار يا سلڪ يا ريشم يا باءِ فينٿرين 250 ملي لٽر في ايڪڙ ڦوهارو ڪرڻ گهرجي.



## آمريڪي ڪينئون (American Boll worm):

هن جيت جا ٻچا/ ڪينئان ڦٽڻ سان فصل جي نرم گؤنچن کي کائڻ شروع ڪندا آهن ۽ پوءِ ٻوٽي جي ٻين حصن جهڙوڪ مُکڙيون، گل ۽ گوگڙن تي ڪينئان حمله آور ٿين ٿا جنهن ڪري فصل کي شديد نقصان ٿئي ٿو.گل ٻاٽي نهڻ وقت هن جيت جو حملو شروع ٿئي ٿو پر شديد حملو جون کان آگسٽ مهيني ۾ ڏٺو ويو آهي.

## احطياتي تدبيرون:

اونها هر هلائي زمين ۾ رهيل ڪينئن کي اُس جي تپش رستي ناس ڪجي. گندگاهه جو خاتمو ڪجي. جاچ پڙتال جاري رکجي.

## ضابطو:

ٽريسر 80 کان 100 ملي لٽر في ايڪڙ يا لارسبين 700 کان 1000 ملي ليٽر يا پروڪليم 200 ملي لٽر في ايڪڙ يا ايماميڪٽن200 ملي لٽر يا ٽائيمر- پارڪو- بروڪا- ٽائي ڪون يا ٽالستار 200 ملي لٽر في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي .

## گلابي ڪينئون ( Pink boll worm):



هن جيت جا آنن مان نڪتل ڪينئا جلدي گل ٻاٽيءَ ۾ داخل ٿين ٿا جڏهن گل تي حملو ڪري ٿو ته گل جون مُکڙيون ملائي روزيٽ (Rosette) يا مانڊاٽي جهڙي شڪل ۾ اندر ئي اندر گل جا نر صفا کائي ڇڏيندو آهي. ۽ ٻئي پيري نسل شڪل ۾ آٽيندو آهي گوگڙي تي حملي ڪرڻ وقت سوراخ ڪري اندر داخل ٿي وڃي ٿو، هي ڪپهه جي ٻج جو ڳِپ کائي ناس ڪري ٿو.

## احطياتي تدبيرون:

هن جيت کي ناس ڪرڻ لاءِ پيلاڙي کانپوءِ مال جو چارو ڪرائڻ گهرجي ان کانپوءِ وونئٽائيون ڪٽي ساڙي ڇڏجن.

## ضابطو:

بولٽن 500 ملي لٽر يا ٻريم يا يونٽ پلس يا ڪيپيٽل پلس ايبر پلس، ايگري فاس يا ڪائونٽر پلس، ٻيلٽا ڪنگ يا ٻيلٽا+ٽراءِ زوفاس 500 کان 600 ملي لٽرفي ايڪڙ يا پروايڪسس 100 ملي لٽر في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي .



**لشڪري (Armyworm):** ميچ يا ليچ يا ليوفيوران يا انڊيڪس 200 ملي لٽر في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي .



# Sugarcane - ڪمند

## زمين جي چونڊ:

بهتر پيداوار لاءِ ڪمند واري زمين لئياسي هئڻ سان گڏوگڏ اُن ۾ پاڻي جذب ڪرڻ جي قوت به هجي ۽ ان ۾ هوا داخل ٿيڻ جي به صلاحيت هجي ۽ اها زمين هجي جنهن ۾ ڪافي نامياتي مادو ۽ خوراڪي جزا موجود هجن. ڪمند لاءِ زمين سم ۽ ڪلر واري نه هجي. پر ڪمند جون ڪي جنسون جهڙوڪ: بي ايل-19 (BL-19) هلڪي ڪلراٺي زمين ۾ پوکي سگهجي ٿو.

## زمين جي تياري:

ڪمند واري زمين ۾ راجا هر يا ٿالهين وارا (3 يا 4) هر ڏيڻ گهرجن. ساڳئي وقت جيڪڏهن زمين ۾ چيزل هر ڏني ٿي سال ٿي ويا هجن ته پوءِ چيزل هر به ضرور هلائڻ گُهرجي. چاڪاڻ ته هي هر 3 کان 4 فوٽ زمين ۾ اونهو وڃي ٿو. جيڪو زمين جي سخت تهه کي ٽوڙي ڇڏيندو آهي. انهيءَ سان ڪمند جون پاڙون اونهيون ۽ زمين ۾ پاڻي هيٺ تائين ويندو ۽ زمين ۾ آلاڻ، پوسل يا گهم گهڻو عرصو رهندي آهي. جنهن بعد زمين کي سنوت ۾ آڻي تيار ڪجي.

## پوکي جو وقت:

ڪمند جي پوکي بهار ۽ سرءُ جي موسم ۾ ڪئي ويندي آهي. بهار واري پوکي 15 فيبروري کان مارچ جي آخر تائين ٿي سگهي ٿي ۽ سرءُ واري پوکي 15 آگسٽ کان سيپٽمبر جي پڇاڙي تائين ڪري سگهجي ٿي. سرءُ جي مند ۾ پوکيل ڪمند بهار جي مند ۾ پوکيل ڪمند کان 30 کان 40 سيڪڙو وڌيڪ پيداوار ڏئي ٿو.

## پوکيءَ جا طريقا:

سنڌ ۾ عام طرح سان پوکيءَ جا هيٺيان به طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا. جيڪي آبهوا جي لحاظ کان نهايت موزون آهن.

1. ريج وارو طريقو: اڳواٽ تيار ڪيل زمين کي ريج کان پوءِ زمين جي وٺ اچڻ تي اُن ۾ گوبل هر هلائي 90 سينٽي ميٽرن تي ڪريا تيار ڪري ان ۾ گهربل پاڻ چٽي ذڪر ڪيل ٻج جي جنس جون ٻوا لڳل ڳريون اهڙي طريقي سان پوکڻ گهرجن جو انهن جون پچڙيون پاڻ ۾ مليل هجن ۽ انهن مٿان سهاڳو گُهمائي ڪرين کي ڍڪي ڇڏجي ۽ پاڻي ايستائين نه ڏجي جيستائين ڪمند ڦٽي نه اچي.

2. خشڪ طريقو: هن طريقي ۾ زمين جي تياريءَ ۾ 3 يا 4 سُڪي جا هَرن کان پوءِ مٿان راجا هر ڏيئي پٽر پڇي زمين کي تيار ڪجي ۽ پوءِ سنوت ڪري اوڙون ڪڍڻ گهرجن جن جو فاصلو 90 سينٽي ميٽر هئڻ گهرجي ۽ اوڙن جي گهرائي 18 کان 20 سينٽي ميٽر هئڻ گهرجي جنهن ۾ ٻن (2) اکين واريون ڳريون ملائي پوکي ڪرڻ گهرجي ۽ مٿان وري مٽيءَ جو هلڪو تهه چاڙهڻ گهرجي تنهن کان پوءِ جلدي پاڻي ڏيڻ گهرجي. پوکيءَ کان پوءِ 2 يا 3 پاڻي هفتي جي وقفي سان ڏيڻ گهرجن.

## پوکيءَ لاءِ ٻج:

ٻج صحتمند فصل مان وٺجي جيڪو فصل 6 کان 8 مهينن جو هجي. انهيءَ مقصد لاءِ بهار ۾ پوکيل نرسري ڪمند نهايت ئي اهم آهي. منڊي واري فصل جو ٻج استعمال نه ڪجي ۽ ٻج هر قسم جي بيماريءَ کان پاڪ هجي. ڪمند جي لٺ (لڙهيءَ) جا مٿيان ٻه حصا ٻج لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجن ۽ مٿين حصي ۾ گلوڪوز وڌيڪ هوندو آهي. ڪمند جو هيٺيون حصو گهٽ پوکڻ گهرجي، چاڪاڻ ته هيٺئين حصي جون اکيون (Buds) تمام گهٽ ڦٽن ٿيون ۽ ٻج لاءِ ڪمند جي لٺ هٿن سان صاف ڪجي. جيئن اکيون (Buds) زخمي نه ٿين. اُن کان پوءِ لڙهيءَ مان اُهي ٽڪريون ڪپجن جن مان هر هڪ ٽڪريءَ ۾ ٻه يا ٽي (2 يا 3) اکيون هجن.

## ٻج جو مقدار:

ٻج جو مقدار 80 کان 100 مڻ يا 30 کان 40 هزار ٽڪريون في ايڪڙ جي حساب سان پوکجن. ٿلهي قسم جي جنسن جهڙوڪ: ٽرائٽان، بي ايل-4، گلابي-95، پي آر-1000، جو ٻج وڌيڪ استعمال ڪرڻ گهرجي.

## ٻج کي دوا لڳائڻ:

بيمارين کان بچاءُ لاءِ ٽاپسن ايم 70 ڊبليو پي يا ٿايوفنيٽ ميٿائل 200 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ يا دوا جي ڳار ۾ ٻج کي پنج منٽ ڪن ٻوڙي پوءِ پوکڻ گهرجي.

## جنسون:

ڪمند جون جنسون، پوکيءَجي وقت ۽ علائقي کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي.

| علائقا | سفارش ڪيل جنسون |
|---|---|
| اتر سنڌ | |
| خيرپور، سکر، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو، قمبر شهدادڪوٽ، شڪارپور | گلابي-95 (BF-129)، ايل-113، ايل-116، بي ايل-4 لاڙڪاڻو-1 |
| وچين سنڌ | |
| نوشهروفيروز، شهيد بينظير آباد، دادو، ڄامشورو، سانگهڙ | گلابي-95 (BF-129)، ايل-113، بي ايل-19، ايل-116، بي ايل-4 |
| ڏکڻ سنڌ | |
| ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، ميرپورخاص، مٽياري، ٽنڊوالهيار، ٽنڊو محمد خان، حيدرآباد، بدين، ٺٽو | گلابي-95 (BF-129)، بي ايل-19، ٽرائٽان، بي ايل-4، ٿته-10 ۽ نيا-98، نيا-2004، نيا-2010، نيا-2011، نيا-2012 |

## گڏيل پوک:

ڪمند جي فصل ۾ شروعاتي مرحلي ۾ گڏيل پوک پڻ ڪري سگهجي ٿي. انهيءَ ۾ ڪمند ۽ بصرن جي گڏيل پوک ڪمند ۽ سورج مکيءَ جي گڏيل پوک مان سٺا نتيجا حاصل ٿيا آهن. سرءُ واري ڪمند جي وچ وارين قطارن ۾ ڪٽڪ جو فصل پڻ پوکي سگهجي ٿو.

## وٺاڻ جو پاڻ:

زمين ۾ لاڳيتو فصل پوکڻ سان خوراڪي جزن جي کوٽ ٿئي ٿي. وٺاڻ جي پاڻ کي استعمال ڪرڻ سان نه رڳو خوراڪ جو پورائو ٿئي ٿو. پر اهو پاڻ زمين جي طبعي حالت کي به سڌاري ٿو. زمين ۾ پوسل برقرار رکڻ جي صلاحيت وڌي ٿي ۽ زمين نرم ٿئي ٿي.

ڪمند پوکڻ کان هڪ مهينو پهرين سڪي جا هر ڏئي به ترڪون وٺاڻ جي پاڻ جون في ايڪڙ زمين ۾ وجهي پاٽي ڏجي. وٽ اچڻ تي ڪلٽيويٽر هلائي وري زمين کي پاٽي ڏجي، جڏهن زمين وٽ ۾ اچي ته پوءِ زمين کي پوکي لاءِ تيار ڪجي.

## سائو پاڻ:

ڪمند وارين زمينن کي هر ٻن يا ٽن سالن کان پوءِ سائو پاڻ ڏيڻ گهرجي. اُن لاءِ ڊانچو (جنتر)، سڻيءَ وارو گاهه، برسيم يا گوار وغيره پوکي گل ورڻ مهل هر ڏئي زمين ۾ ملائي مٿان پاٽي ڏئي چڱڻ گُهرجي. ته جيئن سائي پاڻ وارو نامياتي مادو سڙي ڳري زمين ۾ ملي وڃي.

## پاڻ جو استعمال:

ڪمند جو فصل 12 کان 14 مهينا زمين تي بيٺل هوندو آهي اُن ڪري هن فصل کي گهڻي ڪاڌ خوراڪ جي ضرورت رهي ٿي. اُها ڪاڌ خوراڪ مختلف جزن يعني نائٽروجن، فاسفورس ۽ پوٽاش جي صورت ۾ هوندي آهي. تنهنڪري زمين جي مطابقت سان سنڌ ۾ ڪمند کي علائقيوار پاڻ ڏيڻ گهرجي.

علائقيوار ڪمند جي فصل ۾ پاڻ ڏيڻ جو وقت ۽ ان جو في ايڪڙ وزن

| پاڻ جو نالو | پاڻ ڏيڻ جو وقت | اتر سنڌ | وچولي سنڌ | ڏکڻ سنڌ |
|---|---|---|---|---|
| يوريا | 1. پوکي وقت<br>2. پهرين مٽي چاڙهڻ وقت<br>3. ٻئي مٽي چاڙهڻ وقت | هڪ ٻوري<br>مُني ٻوري<br>مُني ٻوري | هڪ ٻوري<br>هڪ ٻوري<br>هڪ ٻوري | هڪ ٻوري<br>ڏيڍ ٻوري<br>ڏيڍ ٻوري |
| ڊي-اي-پي | 1. پوکي وقت | سوا ٻوري | ڏيڍ ٻوري | ٻه ٻوريون |
| سلفيٽ آف پوٽاش | 1. پوکي وقت | سوا ٻه ٻوريون | اڍائي ٻوريون | ٽي ٻوريون |

نوٽ: منڊي واري فصل ۾ مٿي ذڪر ڪيل پاڻ جي وزن کان 25 سيڪڙو وڌيڪ پاڻ ساڳئي طريقي سان ڏيڻ گهرجي.

## گندگاهه جو خاتمو:

ڪمند جي فصل ۾ گندگاهه جا ٻوٽا تقريبا 25 سيڪڙو فصل جي پيداوار ۾ گهٽتائي آڻين ٿا. گندگاهه جا ٻوٽا زمين ۾ پاڻي، خوراڪي جزن ۽ روشني ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿين ٿا. جنهن سان فصل جي واڌ ويجهه ۽ معيار متاثر ٿئي ٿو. فصل جي پوکيءَ کان پوءِ پهريان ٽي مهينا تمام گهڻي اهميت رکن ٿا. انهي مرحلي ۾ گندگاهن جو وقت سر خاتمو تمام ضروري آهي. جنهن لاءِ وقت سر گُڏ ڪرڻ يا ڪيميائي گاهه مار دوائن جو استعمال ڪري سگهجي ٿو.

| گاهه جو نالو | دوا جو نالو | وزن في ايڪڙ | استعمال جو وقت |
|---|---|---|---|
| ويڪرن ۽ سنهن پنن وارا گاه جهڙوڪ؛ واهو، ڀرٽ، للر، ماڌاڻو، ساوڙي، لوٽڪ، ڪل ۽ ڪيهه | ڪرمسٽ 75 ڊبليو جي | 400 گرام | پهرئين پاڻي کانپوءِ جڏهن زمين آلي هجي. |
| | بيونل گولڊ 960 اي سي | 1000 سي سي | پوکيءَ کانپوءِ 24 ڪلاڪن اندر ڪرين تي |
| | سن اسٽار 15 ڊبليو جي | 100 گرام | ٻئي پاڻي کانپوءِ زمين وٽ تي هجي. بهتر نتيجو حاصل ڪرڻ لاءِ ڦوهاري کانپوءِ 7 ڏينهن بعد پاڻي ڏجي. |

## ڳُڏ ڪرڻ:

ڪمند کي سڄي سال ۾ چار ڳڌون ڪرڻ لازمي آهن. پهرين ڳُڏ ڪمند جي ڦٽڻ کان پوءِ ڏيڍ مهيني بعد ڪرڻ گهرجي. جڏهن ته باقي ٻيون ڳڏون هر ڏيڍ مهيني کان پوءِ ڪرڻ گهرجن. ڪمند جي ڳُڏ چنجور، ڪوڏر يا ديسي هر سان ڪرڻ گهرجي.

## مٽي چاڙهڻ:

ڪمند جو فصل تيز هوائن يا گهڻي پاڻيءَ جي ڪري زمين تي ڪِري پوندو آهي. جنهنڪري فصل جي پيداوار تي اثر پوندو آهي.
ان ڪري مٽي ضرور چاڙهجي ۽ اها پهريون دفعو تڏهن چاڙهجي جڏهن ڪمند جو ٻوٽو اٽڪل چئن مهينن جو ٿئي ۽ قد اندازن ڏيڍ ڪان ڀه فوٽ ٿئي. انهيءَ وقت تي نائٽروجن ڀاڻ جو پهريون وزن ڏجي. ٻيو دفعو ڏيڍ مهيني کان پوءِ اوڙن تي مٽي چاڙهجي ۽ باقي رهيل نائٽروجن ڀاڻ جو آخري وزن ڏيئي پاڻي ڏيڻ گهرجي.

## پاڻيءَ جو استعمال:

ڪمند جي ٻوٽي کي ڦوٽهڙي ۽ شاخون ڪيڻ مهل پاڻيءَ جي وڌيڪ ضرورت هوندي آهي. اُنهيءَ لاءِ ڪمند ۾ وقتائتو ۽ موسم آهر پاڻي ڏيڻ تمام ضروري آهي. ۽ هيٺ ڄاڻايل پروگرام تحت پاڻي ڏيڻ گهرجي.
تجربن مان معلوم ٿيو آهي ته ملچ ڪرڻ سان پوسل هئڻ ڪري پاڻي جو وقفو وڌي ٿو ۽ پاڻي جي بچت ٿئي ٿي.

| ڪمند پوکڻ بعد | ڪمند جي ڦوٽهڙي بعد | مئي، جون، جولاءِ مهينن ۾ | برسات جي مند ۾ |
|---|---|---|---|
| 2 يا 3 پاڻي 7 کان 8 ڏينهن جي وقفي سان | 10 کان 12 ڏينهن جي وقفي سان | 8 کان 10 ڏينهن جي وقفي سان | زمين ي آلاڻ جي مطابق پاڻي ڏيڻ جو وقفو وڌائڻ گهرجي |

نوٽ: اهڙي طرح ڪمند جي پوک کي پوکيءَ کان وٺي وڍ تائين 22 کان 25 پاڻي ڏيڻ تمام ضروري آهن.

## جيت ۽ انهن جو تدارڪ (Insect pests and their Control):

ڪمند جي فصل کي جيڪي جيت نقصان رسائين ٿا اُنهن ۾ چوٽيءَ وارو ڪينئون، لٺ وارو ڪينئون، پاڙ وارو ڪينئون ۽ جوئر جي لٺ جو ڪينئون، ميلي بگ، ڪارو بگ، اڇي مک، ٽرڙو، جوںءَ، اڏوهي ۽ گهوڙا مک شامل آهن. هتي مکيه جيتن جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو.

### 1. چوٽيءَ وارو ڪينئون (Sugarcane Top borer):



هن ڪينئين جو حملو مارچ مهيني کان ٿيندو آهي ۽ آڪٽوبر تائين 5 کان 7 سيڪڙو فصل کي نقصان رسائيندو آهي. جيت جي مادي پنن تي آنا لاهيندي آهي. اُنهن سان ڪينئون نڪرڻ کان پوءِ اهي 10 کان 15 ڪلاڪن تائين پنن تي موجود هوندا آهن ۽ انهن کان پوءِ ڪمند جي اندر داخل ٿي ان کي نقصان رسائڻ شروع ڪندا آهن جنهنڪري چوٽي واري شاخ سڪي ويندي آهي ۽ مٿي سوراخ نظر ايندا آهن.


### 2. چڙيءَ وارو ڪينئون (Sugarcane Stem borer):



جيئن ته هي چڙيءَ وارو ڪينئون آهي جڏهن ڪمند ۾ چڙي (لٺ) ٺهڻ شروع ٿئي ٿي ته هن جيت جو حملو شروع ٿي ويندو آهي. هي جيت اپريل جي مهيني کان شروع ٿي ويندو آهي ۽ آڪٽوبر مهيني تائين هلندو آهي. هن جيت جي نشانيءَ طور چڙي جي سڪل چوٽيءَ تي ننڍڙا سوراخ نظر ايندا آهن.

هن جيت جي منڍيءَ تي پنج سنها ليڪا هوندا آهن.

### 3. پاڙ وارو ڪينئون (Sugarcane root borer):




مٿي ڄاڻايل جيت جي مقابلي ۾ هن جو حملو گهٽ هوندو آهي. پر شهيد بينظيرآباد (نوابشاهه) جي علائقي ۾ اِهو جيت گهڻو نظر ايندو آهي. مٺي سڪل چوٽيءَ سان گڏ پهريون پن به سڪل هوندو آهي. ۽ پاڙ سان گڏوگڏ پاڙ کان مٿي به پن کان ٽن ڳرين تائين موجود هوندو آهي. هي جيت به آڪٽوبر تائين پنهنجا پنج نسل پورا ڪندو آهي.

### 4. جوئر جي ڪاني وارو ڪينئون (Jowar Stem borer):




هي جوئر جي ڪاني جو ڪينئون آهي. پر جيئن ته جوئر ڪمند جي ويجهي پوکي وڃي ٿي ان ڪري جوئر جي فصل تيار ٿيڻ کان پوءِ هي جيت ڪمند تي حملو ڪري ٿو هن جيت جي سڄاڻپ ۽ زندگي وارو مرحلو به ساڳيو آهي جيڪي مٿئين ڪاني واري ڪينئين ۾ ڄاڻايل آهي.

### 5. گهوڙا مک (Pyrilla / Leaf Hopper):



هي جيت ڪمند جي سيني جنسن کي نقصان رسائي ٿو. پر گهڻو ڪري اهي جنسون جن جا پن ويڪرا ۽ ٿلها ٿين ٿا. انهن ۾ رس وٺيڪ هئڻ ڪري وڌيڪ نقصان ڏئي ٿو. هن جيت جي حملي جي صورت ۾ ڪمند جي واڌ رڪجيو وڃي ۽ ڪمند ۾ کنڊ جو مقدار گهٽجي وڃي ٿو. هن جا ٻچا ۽ وڏا (پوپٽ) ٻئي نقصان رسائين ٿا. هي جيت پنن ۾ رس چوسي ماکيءَ جهڙي پاٿيات خارج ڪري ٿو. جيڪا پنن کي ڪارو ڪري ڇڏي ٿي جنهن جي ڪري پنن ۾ خوراڪ ٺهڻ جو عمل رڪجي وڃي ٿو ۽ آخرڪار ٻوٽي جا پن سڪيو وڃن. هي جيت جنوري کان مارچ تائين ٻچي (Nymph) جي صورت ۾ رهي ٿو. اپريل ۾ ٻچا وڏا ٿي ڪمند تي حملو ڪن ٿا. هن جا سال ۾ 6 کان 8 نسل ٿين ٿا ۽ جولاءِ کان سيپٽمبر تائين هن جي واڌ گهٽي ٿيندي آهي.

## جيتن کان بچاءُ لاءِ اپاءُ (Control Measures):

1. هر قار رستي جيتن کان بچاءَ (Cultural Control):

1. هميشه صاف ۽ صحتمند ٻج استعمال ڪجي.
2. سفارش ڪيل پاڻ صحيح مقدار ۾ وقتائتو استعمال ڪرڻ گهرجي.
3. ڪمند مان گندگاهه ۽ گڏ جو خاص خيال ڪرڻ گهرجي.
4. ڪمند جي وڍ کان پوءِ ٿڀين کي گڏ ڪري ساڙڻ گهرجي.
5. هڪ کان وڌيڪ منڍي وارو فصل وٺڻ نه گهرجي.
6. هميشه سڪل ۽ پراڻو وٿاڻ جو پاڻ استعمال ڪرڻ گهرجي.

### 2. حياتياتي طريقو (Biological Control):

حياتياتي جيتن جي نسل کي بچائڻ لاءِ جيستائين ٿي سگهي زهريلين دوائن جو استعمال گهٽ ڪرڻ گهرجي. نقصانڪار جيتن جا آنا جيئن پنن تي نظر اچن ته هنن کي گڏ ڪري ناس ڪري ڇڏجن. گذر جي حملي جي صورت ۾ فائيدمند جيت ڇڏڻ گهرجن. انهن ۾ ٽرائڪو گراما وڏي اهميت رکن ٿا. هن فائيدمند

جيت مان تمام بهتر نتيجا مليا آهن. هي جيت تحقيقي ادارن ۾ مختلف شگرملن مان حاصل ڪري سگهجن ٿا.

## 3. ڦندي وارو طريقو (Light Traps):

هن طريقي ۾ جيتن کي ڦاسائڻ لاءِ رات جو فصل ۾ بتي (لالٽين) رکيا وڃن ٿا جنهن جي روشني تي مختلف ڪيڙن جا پتنگ ۾ پوپٽ گڏ ٿين ٿا ۽ لالٽين جي هيٺيان گاسليٽ مليل پاڻي ۾ ڦاسي مرن ٿا. انهيءَ کان علاوه جيتن جي نرن کي ڦاسائڻ لاءِ فيرامون جو استعمال عام آهي.

## 4. ڪيميائي طريقو (Chemical Control):

مؤثر ۽ ترت خاتمي لاءِ دوائن جو استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ هيٺ ڏنل دوائن مان ڪابه هڪ دوا جو استعمال ڪرڻ سان ڳڙن جو تدارڪ ٿي سگهي ٿو. بشرطيڪه ڪمند جو فصل ننڍو هجي.

1. ريجنٽ 5 سيڪڙو ايس پي 480 سي سي في ايڪڙ.
2. ورٽاڪو (0.6 جي آر) 4 ڪلوگرام في ايڪڙا يا
3. ريڪٽر سپر (0.35%G) 8 کان 10 ڪلوگرام في ايڪڙ يا
4. ٿائيميٽ (5G) 10 ڪلوگرام في ايڪڙ يا
5. فيورادان( 10 G) 8 کان 10 ڪلوگرام في ايڪڙ يا
6. ريفري (3G) 8 کان 10 ڪلوگرام في ايڪڙ.

## بيماريون ۽ انهن کان بچاءُ (Diseases & their remedies):

دنيا ۾ ڪمند جي فصل تي اٽڪل 80 بيماريون (Record) ٿي چڪيون آهن. پر اسان جي صوبي اندر هن فصل ۾ چند مکيه بيماريون ڏٺيون ويون آهن جن جي سڃاڻپ ۽ انهن تي ضابطو آڻڻ واري جامع حڪمت عملي هيٺ ڏجي ٿي.




### 1. چهبڪ واري ڪاٽي (Whip Smut of Sugarcane):

ڪمند جي ٻيڻل فصل ۾ ڏسبو ته بيمار ٻوٽي جون نيون ڦنڊڙ چوٽيون ٻڱهي ڪاري چهبڪ وانگر نظر اينديون ۽ ان ۾ ڪاري رنگ جو ٻورو ڀريل هوندو جنهن جي مٿان چانديءَ جهڙو سنهون پردو چڙهيل هوندو آهي ۽ اهو جلدي ڦاٽي پوندو آهي ۽ بيماريءَ جا تخم هڪ فصلِ کان ٻئي فصل تائين هوا ذريعي اوڏامي وڃي تندرست فصل جي اکين تي داخل ٿيندا آهن.

### بچاءُ لاءِ اپاءُ:

هن بيماري ۾ ورتل ٻوٽن کي پاڙان ڪڍي ساڙيو وڃي. ٻج پوکڻ کان پهريائين ڳرين کي ٽاپسن ايم 70 ڊبليو پي 200 گرام 100 لٽر پاڻيءَ ۾ 5 منٽن لاءِ ٻوڙي پوکڻ گهرجي.

## 2. رتي (Leaf Rust of Sugarcane):



هن بيماريءَ جي ڪري پنن جي مٿان ڳاڙهي ناسي رنگ جهڙو ٻورو لڳل نظر ايندو آهي ۽ بيماري جي شدت جيڪري پنن ۾ ساواڻ وارو عمل متاثر ٿيندو آهي ۽ پيداوار گهٽ لهندي آهي.

### بچاءُ لاءِ اپاءُ:

جيڪڏهن هي بيماري فصل ۾ نظر اچي ته زرعي زهر ٽاپسن ايم 20 ڊبليو پي 200 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي 10 کان 15 ڏينهن جي وقفي سان به دفعا ڦوهارو ڪجي.

## 3. پن تي ڳاڙهيون لڪيرون (Red Stripes of Sugarcane):




هن بيماري جي ڪري پن ۾ ڳريون ٻئي متاثر ٿينديون آهن پنن جي مٿان ڳاڙهي رنگ جون سڌيون لڪيرون نظر اينديون آهن ۽ ڳريون به اندران

ڳاڙهيون ٿي وينديون آهن پنن ۾ ساواڻ وارو عمل پڻ رڪجي ويندو آهي جنهن جي ڪري فصل سڪڻ لڳندو آهي.

## بچاءُ لاءِ اپاءُ:

هي بيماري فصل ۾ نظر اچي ته اُنهي بوٽي کي سڄو پاڙان ڪڍي ساڙڻ گهرجي. فصل پوکڻ کان اڳ ۾ ڳرين کي ٿايسن ايم 70 ڊبليو پي/ ٿايوفينيٽ ميٿائل 200 گرام يا ڪاربينڊزم 50% 150-200 WP گرام في 100 لٽر پاڻيءَ جو ڳار ناهي اٽڪل 5 منٽن تائين ٻوڙي پوءِ پوکڻ گهرجي.

## 4. ڪمند جي چٽڪمري وائرس (Sugarcane Mosaic Virus):



هي بيماري ڪمند جي جنسن ۾ عام طور تي ٿيندي آهي. هن بيماريءَ جي ڪري پن پيلاڻ مائل ٿي ويندا آهن جيڪي ڌارين يا ليڪن جي صورت اختيار ڪندا آهن. ٻوٽي اندر سائي مادي ٺهڻ وارو عمل پڻ رڪجي ويندو آهي جنهنڪري ٻوٽي جي واڌ ويجهه متاثر ٿيندي آهي.

## بچاءُ لاءِ اپاءُ:

هن بيماريءَ کان بچاءُ لاءِ ڪو خاص اپاءُ دريافت نه ٿيو آهي جنهن جي ڪري اهڙيون جنسون پوکڻ گهرجن جن ۾ بيماري خلاف قوت مدافعت هجي.

## 5. اڇي پنن واري بيماري (Grassy shoot/White leaf Disease):



هن بيماريءَ ۾ ڪمند جا پن اڇا ٿي ويندا آهن. فصل جي واڌ ويجهه رڪجي ويندي آهي. ڪمند جي ڪجهه جنسن تي هي بيماري شديد حملو ڪري ٿي. جنهن ڪري سمورو فصل تباهه ٿي ويندو آهي. هن بيماري کان بچاءُ لاءِ احتياطي اپاءُ وٺجن. ان لاءِ سفارش ڪيل جنسن جي پوکي ڪجي. فصل جي وار ڦير ڪجي. اهڙي جنس جو منڍيو هرگز نه پوکجي.

## منڍي ڪمند:

ڪمند جي وڍ کان پوءِ صرف هڪ منڍي فصل وٺجي. آبادگارن کي گهرجي ته منڍي فصل پوکڻ کان اڳ وڍ ڪيل ڪمند جي حالت سان گڏ فائدن ۽ نقصانن کي ذهن ۾ رکن.

## فائدا:

- ٻج بچي ٿو.
- زمين جي تياري جو خرچ بچي ٿو.

## نقصان:

- 25 سيڪڙو پاڻ وڌيڪ ڏجي ٿو.
- ٻج لاءِ استعمال نه ڪجي.
- جيتن ۽ بيمارين جو حملو وڌيڪ ٿئي ٿو.
- ڦوٽهڙي جو سيڪڙو گهٽ ٿئي ٿو.



# سورج مُکيِ
# Sunflower

## پوکيءَ جو وقت (Sowing Time):

سورج مُکيءَ جي فصل مان به بهتر پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ اُن جي سفارش ڪيل وقت تي پوکي ڪرڻ تمام ضروري آهي. ته جيئن وقتائتي پوکي ڪرڻ سان فصل جي صحيح نشونما ٿئي ۽ ايندڙ فصل لاءِ وقت سر زمين به خالي ٿي سگهي.

## پوکيءَ جي مندن جو گوشوارو

| فصل | پوکيءَ جو وقت | |
|---|---|---|
| | ڏکڻ سنڌ | اتر سنڌ |
| بهار وارو فصل (Spring Crop) | پهرين جنوري کان 15 جنوري | فيبروريءَ جو سڄو مهينو |
| سرءُ وارو فصل (Autumn Crop) | پهرين آگسٽ کان 15 آگسٽ | آگسٽ جو سڄو مهينو |

## سفارش ڪيل جنسون ۽ ٻج جو مقدار (Recommended Varieties & Seed Rate)

سورج مُکيءَ جون ٻن قسمن جون جنسون ٿين ٿيون. هڪڙيون ديسي جنسون جهڙوڪ: ايچ او-1 (HO-1) ۽ ٻيون ٻه سريون جنسون يعني هائبرڊ (Hybrid) ٻج جو مقدار هيٺينءَ ريت سفارش ڪجي ٿو:

| جنس | ناڙي پوک | ڪريا ڇٽ ڪيرَ پوک |
|---|---|---|
| 1. ديسي جنس (HO-1) | 3 ڪلوگرام في ايڪڙ | ساڍا ٽي ڪلوگرام في ايڪڙ |
| 2. ٻه سري جنس (Hybrid) | ڏيڍ ڪلوگرام في ايڪڙ | 2 ڪلوگرام في ايڪڙ |

سورج مُکيءَ جي ديسي جنس پوکڻ جي صورت ۾ هيٺين خاص ڳالهين تي چڱيءَ ريت عمل ڪجي. ديسي جنس هڪ جاءِ تي 10 ايڪڙن کان وڌيڪ هرگز پوکڻ نه گهرجي. چاڪاڻ ته ديسي جنس ۾ لڳ جو عمل جيتن ۽ مکين وغيره جي معرفت ٿئي ٿو جيڪي ساڳي ايراضيءَ ۾ گهٽ هوندا آهن.
ديسي جنس واري فصل ۾ هٿرادو ماکيءَ جون ڪالونيون رکڻ سان پيداوار تي تمام گهڻا مثبت اثر پون ٿا. چاڪاڻ ته ماکيءَ جون مکيون هڪ گل کان ٻئي گل ڏي رس چوسڻ لاءِ اڏامنديون رهن ٿيون جنهن جي ڪري جنسي ميلاپ ٿيندو آهي ۽ نتيجي ۾ گلن ۾ ٻج ٺهڻ شروع ٿي ويندو آهي.
هڪ اندازي موجب فصل ۾ ماکيءَ جون ڪالونيون رکڻ سان ٽيڻ تي پيداوار وڌيڪ حاصل ڪري سگهجي ٿي. ان لاءِ شعبه ريشم سازي و ماکيءَ جي پالنا ٻيلو کاتو، حڪومتِ سنڌ آٿو پان، يونٽ نمبر 3، لطيف آباد، حيدرآباد سان رابطي ۾ اچڻ گهرجي.
سورج مُکيءَ جي ديسي جنس جو تصديق ٿيل ٻج تيلي ٻجن جي تحقيقي مرڪز، ٽنڊوڄام مان مناسب اگهه تي آبادگار آفيس جي ڪم ڪار وارن ڏينهن مان ڪنهن به ڏينهن تي خريد ڪري سگهن ٿا. جڏهن ته هائبرڊ ٻجن جي پوکيءَ لاءِ پروسي وارو ٻج پوکجي.

## زمين جي چونڊ (Land Selection):

سوج مُڪيءَ جي پوکيءَ سم وارين، گهٽين ڪلرائين ۽ وارياسين زمينن کان سواءِ ٻين سمورين زمينن ۾ ڪري سگهجي ٿي. پر وچولين لٽياسين زمينن، جن ۾ وٿاڻ جو ڀاڻ يا سائو ڀاڻ پيل هُجي تن ۾ سورج مُکي پوکڻ سان وڌيڪ پيداوار حاصل ٿيندي. ڇاڪاڻ ته زمين کي ساهي نه ڏيڻ، فصل مٿان فصل پوکڻ، فصلن جي وارقير نه ڪرڻ ۽ فصلن کي گهٽي ڪيميائي ڀاڻ ڏيڻ جي ڪري زمين جي زرخيزي تمام گهٽي گهٽجي وئي آهي.
زمين ۾ ناميائتي مادي کي وڌائڻ جا به ذريعا آهن. هڪ سائو ڀاڻ ۽ ٻيو وٿان جو ڀاڻ جيڪو زمين ۾ هر ٽئين سال استعمال ڪرڻ تمام ضروري آهي.

## سائو ڀاڻ (Green Manure):

سائي ڀاڻ لاءِ سڻي، گوار، جنتر، برسيم ۽ لوسڻ وغيره سفارش ڪيا وڃن ٿا جن منجهان سڻيءَ کي سائي ڀاڻ لاءِ مئي مهيني ۾، گوار کي اپريل کان جولاءِ تائين ۽ جنتر کي مارچ کان جولاءِ تائين پوکجي ۽ اُهي جڏهن اٽڪل سٺ ڏينهن کن جا ٿين ته بيٺل فصل ۾ مٿان سانهر گهمائجي ته جيئن فصل زمين تي سمهي پوي. بعد ۾ ٽريڪٽر ذريعي روٽاويٽر ڏيئي، ان کي زمين ۾ ملائي، مٿان ريج جو پاڻي ڏجي. ريج کان پوءِ جيئن ئي زمين وٽ ۾ اچي ته هر ڏئي وري ٻيو ريج جو پاڻي ڏجي. ان ٻئي ريج کان پوءِ زمين وٽ ۾ اچڻ تي سورج مُکيءَ جي سرءُ واري فصل جي پوکيءَ لاءِ زمين تيار ڪجي.
ساڳيءَ ريت وري سورج مُکيءَ جي بهار واري فصل جي پوکيءَ لاءِ زمين ۾ سائي ڀاڻ لاءِ لوسڻ يا برسيم پوکڻ گهرجي. لوسڻ ۽ برسيم سيپٽمبر جي وچ کان نومبر جي وچ تائين پوکڻ گهرجي. جن جو هڪ به لوب لڻڻ کان پوءِ مٿين طريقي موجب بيٺل فصل کي زمين ۾ ملائي زمين پوکيءَ لاءِ تيار ڪجي.

## وٿاڻ جو ڀاڻ (Farm Yard Manure):

وٿاڻ جي ڀاڻ ۾ زمين جي بهتريءَ واري خاصيت ۽ ٻوٽن لاءِ گهربل خوراڪي جُزا جهڙوڪ: نائٽروجن، فاسفورس، پوٽاشيم، سلفر، ڪئلشيم، مئگنيشيم، فيرس، زنڪ، ڪاپر، مينگنيز، موليبڊينم ۽ بوران ٿين ٿا. ليڪن وٿاڻ جي ڀاڻ مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ان جو صحيح طرح سان استعمال تمام ضروري آهي. جنهن جي بنيادي ڳالهه ڀاڻ جو ڳريل سڙيل هجڻ آهي. جڏهن ته عام طرح اهو ڏٺو ويو آهي ته آبادگار تازو ڀاڻ زمين ۾ وجهي پوکي ڪن ٿا، جنهن جي ڪري فصل ۾ گندگاهه جو تمام گهڻو مسئلو ٿئي ٿو ۽ اُن سان گڏ تازو وٿاڻ جو ڀاڻ فصل لاءِ مؤثر ثابت نه ٿو ٿئي.
ڳريل سڙيل ڀاڻ جو سورج مکيءَ جي فصل لاءِ ان ريت استعمال ڪجي ته سورج مُکيءَ جي پوکيءَ لاءِ چونڊيل زمين کي جيڪڏهن اڳ ۾ سائو يا وٿاڻ جو ڀاڻ ناهي ڏنل ته پوءِ 150 کان 200 مڻ في ايڪڙ جي حساب سان وجهي فوري طور هر ڏئي زمين سان ملائي ريج ڪجي. ريج کان پوءِ جيئن زمين وٽ ۾ اچي ته هر ڏئي وري ٻٽو ريج ڪجي. ٻئي ريج کان بعد زمين وٽ ۾ اچڻ تي پوکيءَ لاءِ زمين تيار ڪجي.

## زمين جي تياري (Land Preparation):

سورج مکيءَ جي پوکيءَ لاءِ زمين کي چڱيءَ طرح ٻه اونها هر ڏئي مٿان سانهر گهمائي پٽر پيچجن. جي زمين هلڪي ڪلراٺي هجي ته اُن ۾ سب سوائلر سان زمين کي هر ڏئي مٿان پترن پيچڻ لاءِ سانهر ڏجي. جنهن کان پوءِ زمين ۾ ٻارابندي ڪجي. ٻارابنديءَ لاءِ زمين کي ڏهن ڏهن ويسن ۾ ورهائجي. ۽ ٻارابندي ڪرڻ دوران پاڻي ڏيڻ لاءِ ناليون اهڙيءَ طرح ٺاهجن جيئن هر ٻاري کي پاڻي جدا جدا ۽ آسانيءَ سان هڪجهڙو اچي سگهجي.
ٻارابندي ڪرڻ کان پوءِ زمين کي سنوت ۾ آڻڻ لاءِ ڪيڻ گهمائجي يا ليزر ليولر سان زمين کي هموار ڪجي.
سُڪيءَ زمين کي تيار ڪرڻ کان پوءِ چڱيءَ طرح ريج ڪجي ۽ اُها ريج واري زمين جڏهن وٽ ۾ اچي ته پيهر ڪيڻ هٽي دڙي دڪي سڌي ڪري بعد ۾ سائيءَ جا ٻه هر ڏئي مٿان سهاڳو گهمائجي، پر جي وٿاڻ جو ڀاڻ وڌل هجي ته اُن کي وري ٻٽو ريج ڪري زمين تيار ڪجي.

## پوکيءَ جا طريقا (Sowing Methods):

پوکيءَ جا جيئن ته مروج ٽي طريقا آهن. هڪڙو ڇٽ ڪيڙ، ٻيو ڪُر يعني گپ ۾ ٻج ڇٽڻ ۽ ٽيون طريقو آهي، ناڙيءَ رستي پوکي ڪرڻ. جيڪي مختلف حالتن ۾ ماحول ۽ ضرورت مطابق عمل ۾ آندا وڃن ٿا. هنن ٽنهي طريقن مان ناڙي ڪامياب پوک آهي.
ناڙي پوک ۾ قطارن جي وچ ۾ مفاصلو سوا ٻه کان اڍائي فوٽ رکڻ گهرجي ۽ ٻوٽن جي وچ ۾ مفاصلو 9 انچ ٻيهارجي. ناڙي ڪوشش ڪري ٽريڪٽر ذريعي ڪجي. ناڙي رستي پوکي ڪرڻ جي ڪري ٻج جو ڦوٽهڙو سٺو ٿئي ٿو.
ناڙيءَ واري پوک سان اوڀرون سڌيون ۽ کليل ٿين ٿيون جن مان هوا ۽ سج جي روشني آسانيءَ سان گذر ڪري ٿي. ۽ انهن جي موجودگيءَ ۾ ٻوٽا پنهنجو کاڌ خوراڪ پنن رستي بهتر نموني تيار ڪن ٿا. جنهن ڪري ٻوٽن جي واڌويجهه سٺي ٿئي ٿي.
ناڙيءَ واري پوک ۾ گُڏ، ڪيميائي ڀاڻ ۽ جيت مار دوائون آسانيءَ سان، ٿوري وقت ۾ ۽ بهتر نموني ڏئي سگهجن ٿيون.

## سارين ۾ پوکي:

سارين جي عام منداٿي فصل ۾ به آخري پاڻي ڏيڻ کان پوءِ گپ ۾ سورج مکيءَ جو ٻج ڇٽي سگهجي ٿو. پر ان ريت پوکي ڪرڻ لاءِ ٻج کي ڇهه (6 ) ڪلاڪ پاڻيءَ ۾ پُسائي پوءِ ڇٽجي ته ڦوٽهڙو وڌيڪ سٺو ٿيندو.
گپ ۾ پوکيل سورج مکيءَ جيستائين سارين جو لاٻارو ٿيندو تيستائين ڦوٽهڙو ڪري ويندو. ۽ لاٻاري کان پوءِ پنهنجي بهتر نشونما ڪري سگهندو. ان پوک تي خرچ تمام گهٽ اچي ٿو ۽ وقت جي بچت به ٿئي ٿي، پر ان فصل مان ايتري پيداوار نه لهندي.

## زيرو ٽليج ناڙي رستي پوک:

پاڻي ۽ خرچ بچائڻ لاءِ سورج مُکيءَ جي ٻوباري فصل طور سارين جي فصل مان واندي ٿيل زمين ۾ فوري طور تي زيرو ٽليج ناڙيءَ رستي پوکي سگهجي ٿو. زيرو ٽليج ناڙيءَ ذريعي پوکي ڪرڻ سان زمين کي هر ڏئي ٺاهڻ جي ضرورت نٿي پوي. هيءَ ناڙي زراعت کاتي سنڌ جي زرعي انجنيئرنگ واري شعبي جي ڪنهن ويجهي آفيس سان مشورو ڪري وٺڻ گهرجي يا ڪنهن پاڙي واري زميندار وٽ هجي ته اها استعمال ڪجي. زيرو ٽليج ناڙيءَ رستي پوکي ڪرڻ لاءِ اوڙن جي وچ ۾ اڍائي فوٽن جو مفاصلو رکجي.

## ٻٽي پوک:

سورج مُکي ڪمند جي فصل ۾ ٻٽي پوک طور به پوکيو وڃي ٿو. جنهن لاءِ سرءُ ۽ بهار جي مندن ۾ ڪمند پوکي ڪري جيڪو پاڻي ڏجي، اُنهيءَ پاڻيءَ کان پوءِ جيئن ئي زمين وٽ ۾ اچي ته سورج مُکيءَ جي ناڙيءَ رستي ڪمند جي اوڙن جي وچ ۾ سورج مُکيءَ جي پوکي ڪري وڃجي. ڪمند ۾ سورج مُکي پوکڻ سان سورج مُکي ڪمند جي ئي پاڻيءَ ۽ ڀاڻ تي راس ٿئي ٿو ۽ ڪمند ۾ پوکيل سورج مکيءَ مان ايتري آمدني ٿي وڃي ٿي. جنهن مان ڪمند جو خرچ آسانيءَ سان لهي وڃي ٿو.

**ڪيميائي ڀاڻ جي گُهرج (Requirement of Chemical Fertilizer):**

ڪيميائي ڀاڻ استعمال ڪرڻ لاءِ پنهنجي فصل واري زمين جي مٽيءَ جي چڪاس ڪرائي پوءِ ڀاڻ ڏيڻ گهرجي ته وڌيڪ بهتر آهي، پر مجبوريءَ واري حالت ۾ سورج مُکيءَ لاءِ سفارش ڪيل زمينن ۾ هيٺينءَ ريت ڀاڻ ڏيڻ گهرجي:

## ڪيميائي ڀاڻ جون سفارشون

| فصل | ڀاڻ جو قسم | ڀاڻ جو مقدار في ايڪڙ | ڀاڻ ڏيڻ جو وقت |
|---|---|---|---|
| موکي فصل | نائٽروفاس | 2 ٻورين | پوکيءَ وقت |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | يوريا | هڪ بوري | پهرئين پاڻيءَ تي |
| دوباري فصل | نائٽروفاس | 2 بورين | پوکيءَ وقت |
| | يوريا | اڌ بوري | پوکيءَ وقت |

ڪيميائي پاڻ ڏيڻ وقت ان ڳالهه جو خيال رکڻ گهرجي ته جيڪڏهن ڪنهن سبب جي ڪري سورج مُکيءَ ڪلراٺي زمين ۾ پوکڻو هجي ته اُن زمين ۾ فصل کي ڪيميائي پاڻ نه ڏجي. جڏهن ته عام زمينن ۾ سورج مُکي پوکڻ جي صورت ۾ سفارش ڪيل فاسفورس واري پاڻ کي ڳريل سڙيل وٿاڻ جي پاڻ سان گڏائي ڏيڻ گهرجي ته فاسفورس بوٽن کي وڌيڪ مؤثر نموني مهيا ٿي ملندو ۽ فاسفورس واري پاڻ جي هڪ بوريءَ کي ٻن وٿاڻ جي پاڻ جي بورين جي نسبت سان پاڻ ۾ ملائي پوءِ ڇٽجي.

## ٻوٽن جو تعداد (Plant Population):

سورج مُکيءَ جي فصل مان بهتر پيداوار وٺڻ ڪاڻ ٻوٽن جو تعداد 20 کان 25 هزار في ايڪڙ هجڻ ضروري آهي.

## گُڏ ۽ مٽي چاڙهڻ (Interculturing & Earthing up):

سورج مُکيءَ جي فصل ۾ به ٻين فصلن جيان گندگاهه ڦٽي ان سان کاڌ خوراڪ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿين ٿا ۽ فصل ۾ جيتن جو حملو به وڌي ٿو. جنهن جي ڪري فصل جي صحيح نشونما نٽي ٿئي. اِن ڪري هن فصل ۾ ٻي گُڏون ڏيڻ جي ضرورت پوي ٿي. انهن گُڏن مان پهرين گُڏ پهريون پاڻي ڏيڻ کان اڳ ۾ ڏيڻ گهرجي ۽ باقي ٻه گُڏون ٻئي ۽ ٽئي پاڻيءَ کان پوءِ جيئن ئي زمين وٺ ۾ اچي ته ڏيڻ گهرجن. فصل ۾ گُڏون ڏيڻ سان زمين کُلي ٿي ۽ پاڙون صحتمند ٿي بوٽي تائين گهربل مقدار ۾ خوراڪ پهچائين ٿيون ۽ ساڳئي وقت جيتن جو حملو گهٽ ٿئي ٿو.
سورج مُکيءَ جي ٻوٽن جي چوڌاري مٽي چاڙهڻ سان پيداوار ۾ بهتريءَ جا نتيجا سامهون آيا آهن. تنهن ڪري جڏهن ٻوٽا هڪ فوٽ جيترا ٿين ته اُنهن جي چوڌاري شام جي وقت مٽي چاڙهجي.

## پاڻي ڏيڻ (Water Schedule):

فصل جي پاڻيءَ جي گُهرج جو دارومدار آبهوا، زمين جي قسم ۽ زمين جي سيڪ رکڻ واري صلاحيت تي آهي. پنهنجي فصل جي حالت کي ڏسي ۽ پاڻيءَ جي موجودگيءَ کي ذهن ۾ رکي فصل کي پاڻيءَ ڏيڻ گهرجي. سورج مُکيءَ کي پهريون پاڻي ۽ جڏهن فصل کيري ڏڌر تي هُجي ته اُهي ٻئي پاڻي هر حال ۾ مقرر وقت تي ڏيڻ گهرجي.
هن فصل کي هيٺينءَ ريت عام طور تي پاڻي ڏيڻ جي ضرورت ٿئي ٿي.
سورج مُکيءَ کي پاڻي جي گهرج

| پاڻين جو تعداد | بهار ۽ سرءُ جا فصل |
|---|---|
| پهريون پاڻي | پوکيءَ جي 21 ڏينهن کان پوءِ |
| ٻيو پاڻي | پهرئين پاڻيءَ جي 15 ڏينهن کان پوءِ |
| ٽيون پاڻي | فصل ۾ جڏهن گل اچڻ شروع ٿين |
| چوٿون پاڻي | جڏهن فصل کيري ڏڌر تي هجي |



## نقصانڪار جيت (Insect Pests):

سورج مُکيءَ جي فصل تي اچي مک، سائي مهلي، بوجاري ڪينئين ۽ لشڪري ڪينئين جو حملو ٿئي ٿو. ليڪن اُنهن جي ضابطي جو دارومدار پيسٽ اسڪائوٽنگ يعني جيتن جي جاچ پڙتال تي آهي. جنهن ذريعي جڏهن به ڪو هڪڙو يا هڪ کان وڌيڪ جيت نقصان واري حد تي پهچل هوندا. تڏهن اُنهن جي خاتمي لاءِ ڪنهن مؤثر ڪيميائي دوا جو ڦوهارو ڪجي.

## جهار هڪلڻ:

سورج مُکيءَ جي فصل ۾ جهار جو مسئلو عام آهي، هن فصل ۾ جيئن گل نڙڻ لڳن ٿا ته مختلف پکي

خاص طور چِتون (طوطا) وغيره اچي ڪڙڪن ٿا. جن جي حملي سبب پهچندڙ نقصان کان بچڻ لاءِ لاباري ۾ ول کي ڳاهي وائري اناج ڪڍڻ تائين چڱيءَ طرح جهار هڪلڻ گهرجي.

## لابارو، ڳاهه ۽ ذخيرو (Harvesting, Threshing & Storage):

جڏهن سورج مُکيءَ جي گُلن جو هيٺيون پاسو سائي رنگ مان ڦري پيلو ٿي وڃي ته لابارو ڪرڻ گهرجي. لاباري کان پوءِ گلن کي ديري ۾ اهڙي طرح پکيڙي رکجي. جيئن اُهي هڪ ٻئي کان الڳ هجن، ٻي صورت ۾ اُهي چڱيءَ طرح نه سُڪي سگهندا ۽ اُنهن ۾ سينوارجڻ جو خطرو رهندو. سڪائڻ لاءِ پکيڙيل گلن کي وقت بوقت صفا سڪڻ تائين اُٿلائبو رهجي. صفا سڪل گلن کي سورج مُکيءَ واري ٿريشر ذريعي يا وري جيڪڏهن ول ٿوري هجي ته ڏنڊن سان سٽي اَن ڌار ڪري وڪرو ڪجي.

## پيداوار (Yield):

سورج مُکيءَ جي موجود جنسن ۾ 25 کان 30 مڻ في ايڪڙ پيداوار ڏيڻ جي صلاحيت آهي. ان لاءِ جيڪڏهن مٿين ڏسيل ڳالهين تي عمل ڪيو ويندو ته يقينن اها پيداوار حاصل ڪري سگهبي.



# خريف جون ڀاڄيون
# Kharif Vegetables

## ڪيميائي ڀاڻن لاءِ مشورو:

جيئن ته زمينون مختلف قسمن جون ٿين ٿيون، جهڙوڪ؛ وارياسيون، لٽياسيون، ڀڪيون، ڪلر وغيره واريون. ان ڪري هر قسم جي زمين لاءِ ڀاڻ مختلف قسم جو مختلف وزن ۾ ڏيڻو هوندو آهي. جنهن لاءِ زمين جي مٽي ليبارٽريءَ مان چڪاس ڪرائڻي هوندي آهي. ته جيئن پتو پوي ته زمين ڪهڙي قسم جي آهي. ۽ ان کي ڪهڙو ڀاڻ ۽ ڪيترو ڏيڻ گهرجي. ليبارٽريون زراعت کاتي حڪومت سنڌ پاران گهڻو ڪري هر ضلعي اندر قائم ٿيل آهن. جيڪي معمولي في وصول ڪرڻ سان مٽي چڪاس ڪري ڏين ٿيون. ڪافي جاين تي اهو ڏٺو ويو آهي ته ڪلراٺين ۽ ڀڪين زمينن ۾ به آبادگار ڊي-اي-پي ڀاڻ ڏين ٿا. جڏهن ته اهڙين زمينن ۾ ڊي-اي-پي ڀاڻ منع ٿيل آهي جنهن جي جاءِ تي ايس-ايس-پي يا ٽي-ايس-پي وغيره ڏيڻو آهي. ان ڪري جتي ڀاڄيون پوکڻيون هجن اتي جي ڀيريان ليبارٽريءَ مان مٽي چڪاس ڪرائجي. ڪيميائي ڀاڻ ڏيڻ جي لاءِ ان ڳالهه جو به خاص خيال رکجي ته ڀاڻ چٽي چڏي نه ڏجي پر ڀاٽي ڏئي پوءِ ڀاڻ ڏجي جڏهن زمين ۾ اجان گپ هجي.

ڪيميائي ڀاڻ ڪوشش ڪري ٻوٽن جي پاڙن وٽ ڏيڻ گهرجي. سڄي زمين ۾ ڇٽڻ سان هڪ ته ڀاڄيءَ وارن ٻوٽن کي ڀاڻ گهٽ ملي ٿو ۽ خالي زمين ۾ وڃي ڪري ٿو. جنهن جي ڪري ڀاڻ زيان به ٿئي ٿو ۽ زمين جي خالي جاين تي ڀاڻ پوڻ سان گندگاهه گهڻو زور وٺي وڃي ٿو.

## زمين جي چونڊ ۽ تياريءَ لاءِ مشورو:

ڀاڄين جي پوکيءَ لاءِ ڪوشش ڪري نرم لٽياسي زمين جي چونڊ ڪجي ته جيئن ڀاڄيون ڀليون ٿين. تياريءَ ۾ خاص طور تي زمين جي سنوت ۽ اونهن هرن ڏيڻ تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي. زمين جي سنوت لاءِ جيڪڏهن سهولت موجود هجي ته ليزر ليولنگ مشين استعمال ڪجي.

## ٻج سيڪ تي هڻڻ جو مشورو:

ٻج جون چنگيون يا ٻيجاري جو رونبو ڪرين کي ڀيريان ڀاٽي ڏئي جتي سيڪ هجي اتي هڻڻ گهرجي. سيڪ تي پوکيل ڀاڄي جلد ڦٽي ٿي ۽ تيار به تڪڙي ٿئي ٿي.

## چيزل پلو هڻڻ جو مشورو:

عام طور تي زمين اندر سخت تهه جڙي پوي ٿو. جنهن جي ڪري پيداوار گهٽ لهي ٿي. ان ڪري سخت تهه کي ٽوڙڻ لاءِ ضروري آهي ته هر ٽئين سال زمين ۾ چيزل پلو ضرور هڻڻ گهرجي.

چيزل پلو هڻڻ سان نه صرف زمين اندر جڙيل سخت تهه ٽٽي پوي ٿو. پر ساڳئي وقت چيزل پلو جي اها به خاصيت آهي ته اهو زمين اندر راجا ۽ ٻسڪ پلو کان گهڻو اونهو به وڃي ٿو ۽ زمين کي اٿلائي به بلڪل نٿو ۽ زمين جو مٿيون طاقت وارو تهه به پنهنجي جاءِ تي برقرار رهي ٿو.

## وٿاڻ جي ڀاڻ ڏيڻ جو مشورو:

سنڌ جي زمينن ۾ هڪ سيڪڙو کان به گهٽ ناماتي مادو آهي. جيڪو زمينن مان سٺي پيداوار کڻڻ لاءِ بلڪل ناڪافي آهي جنهن کي وڌائڻ لاءِ ضروري آهي ته زمينن کي هر ٽئين سال وٿاڻ جو ڳريل سڙيل ڀاڻ ضرور ڏيڻ گهرجي. وٿاڻ جو ڀاڻ ڀاڄين پوکڻ کان ڀيرين زمين ۾ 150 کان 200 مڻ في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي ڀاڻ ڏيڻ وقت ان جي ڳريل سڙيل هجڻ جي پڪ ضرور ڪرڻ گهرجي فصل ۾ تازو وٿاڻ جو ڀاڻ هرگز نه وجهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته هڪ طرف وٿاڻ جي تازي ڀاڻ م زمين کي

سڌارڻ واري گهربل طاقت ناهي هوندي ۽ ٻئي طرف ان ۾ گندگاهه جا ٻج موجود هوندا آهن. ان کان علاوه ڪچو پاڻ زمين ۾ وجهي پاڇيون پوکڻ سان پاڇين کي اڏوهي لڳي ٿي ۽ پاڇين جي فصل ۾ نقصان ٿئي ٿو. وٺاڻ جو پاڻ پاڇيون پوکڻ کان هڪ مهينو پهرين زمين ۾ وجهي هڪدم هرن ذريعي ملائي مٿان پاڻي ڏيڻ گهرجي. پاڻي ڏيڻ کان پوءِ جڏهن زمين وٺ ۾ اچي ته هر ڏئي وري ريج ڪجي ۽ پيهر جڏهن زمين وٺ ۾ اچي ته هر ڏئي زمين کي تيار ڪجي.

## پاڇين ۾ پاڻ ۽ پاڻيءَ جي استعمال لاءِ مشورا:

پاڻي پاڇين کي گهڻو هرگز نه ڏجي ۽ خاص طور تي ڪرين تي پوکيل پاڇين ۾ پاڻي اهڙي طرح ڏجي جيئن چنگين لڳل ٻوٽن تائين رڳو سيڪ پهچي پر اهي پاڻيءَ ۾ هرگز نه ٻڏن چاڪاڻ ته سيڪ واري پاڇي تمام گهڻي سٺي ٿئي ٿي. سپني پاڇين کي پوکيءَ کان پوءِ ٻه ٽي پاڻي تڪڙا تڪڙا ڏيڻ گهرجن.

## ٻيجارو پوکڻ لاءِ مشورو:

ٻيجاري رستي پوکجندڙ پاڇين جهڙوڪ؛ مرچن، واڱڻ، بصرن، گوبي ٽماٽن وغيره جي ٻيجاري تيار ڪرڻ لاءِ هيٺئين طريقي کي اختيار ڪجي:
ٻيجارو ٻگهين اپين پٽڙين جي شڪل وارين ٻارين ۾ پوکجي. اهڙين ٻارين ۾ لٽ واري مٽي وجهي زمين جي سطح کان مٿي ڪري وچ مان اهڙي طرح ناليون ڪيجن ته جيئن جيڪڏهن پاڻي ڪنهن به سبب جي ڪري گهڻو ٿي وڃي ته اهو نالين ۾ وهي وڃي ۽ ٻيجارو گهڻي پاڻيءَ جي ڪري سڙي نه. ان کان پوءِ ڪڪ پن ۽ ٻيو گند ڪچرو ساڙي خاڪ تيار ڪجي. ۽ اها خاڪ جڏهن ٺري وڃي ته جنهن به پاڇيءَ جو ٻيجارو پوکڻو هجي ان جو ٻج لٽ واري مٽيءَ تي ڇٽي مٿان خاڪ ايتري وجهجي جيئن ٻج چڱيءَ طرح ڍڪجي وڃي ۽ ڍڪيل ٻج کي هٿ واري ڦوهاري سان پاڻيءَ جو ڦوهارو ڪري مٿان ڪکن يا سارين جي پلال سان ڍڪي ڇڏجي. جنهن بعد روزانو ڪکن جي مٿان هٿ واري ڦوهاري سان تيستائين پاڻيءَ جو ڦوهارو ڪجي جيستائين ٻج مڪمل ڦٽي وڃي. جنهن بعد پاڻيءَ جو ٻئي ٽئين ڏينهن ڦوهارو ڪبو رهجي ۽ جڏهن ٻيجارو وڏو ٿي وڃي ته ڪک ڪانا هٽائي ڇڏجن.

## جيتن ۽ بيمارين لاءِ مشورو:



پاڇين ۾ ڪن قسمن جا جيت هوندا آهن. هڪڙا اهي جيڪي پاڇين کي نقصان پهچائن ٿا. مثال طور اچي مک، سائو مهلو، ٽرڙو، سائو ڪينئون، لشڪري ڪينئون وغيره ۽ ٻيا وري اهي جيت آهن جيڪي فصل کي نقصان نٿا پهچائن پر نقصان وارن جيتن کي کائي پنهنجو پيٽ ڀرين ٿا. ان ڪري اهڙن جيتن کي هاري دوست جيت به چيو وڃي ٿو. جن ۾ ٻنپوريون، ڏينيو، ٽنڊٽيون وغيره اچي وڃن ٿيون. ان ڪري پاڇين ۾ جيتن جي نقصان کان بچڻ لاءِ زهرن جو ڦوهارو گهٽ ڪجي ۽ هيٺين ڳالهين تي ڌيان ڏجي:

## ٻاجهري جي اَنَ جو استعمال:

جيڪڏهن پاڇيءَ ۾ ڪينئن جو حملو گهڻو هجي ته ٻنن سان ٻاجهريءَ جي ان جي لپ ڇٽي ڇڏجي ته ان تي پکي ايندا جيڪي ٻاجهريءَ جي ان کي کائڻ سان گڏ ڪينئن جو به خاتمو آڻي ڇڏيندا.

## سرف ۽ پاڻيءَ جو ڦوهارو:

جيڪڏهن پاڇيءَ ۾ رس چوسڻ وارا جيت هجن ۽ پنن تي مٽي يا سٽِپ يا ڪاري ماکيءَ جهڙي حالت هجي ته هڪ چمچو سرف جي پائوڊر جو ڪلهي واري ڦوهاري جي ڏٻي ۾ پاڻيءَ ۾ وجهي ڦوهارو ڪجي ته ڪافي حد تائين تدارڪ ٿي ويندو.

## نم جي پنن جي ڳار جو استعمال:

نم جي ڏهه (10) ڪلوگرام ساون پنن کي ڪنهن برم ۾ وجهي ايترو پاڻي پرجي جيئن پن چڱيءَ ريت پسي وڃن. جنهن بعد انهن کي باهه تي ڪاڙهجي ۽ ايتري تائين ڪاڙهجي جيئن پاڻي سڪي هڪ لٽر وڃي بچي. بچيل هڪ لٽر ڳار کي سنهي ڪپڙي ۾ ڇاڻي ڪنهن بوتل ۾ وجهي رکجي. جڏهن پوکيل پاڇين تي معمولي جيتن جو حملو نظر اچي ته ان وقت ان بوتل مان 100 ملي لٽر ڪڍي واري ڦوهاري جي دٻي ۾ وجهي ڦوهارو ڪجي ۽ وري اٺين ڏينهن ٻيو ڦوهارو ڪجي. نم جي ڳار جو ڦوهارو ڪرڻ سان جيتوڙيڪ جيت مرندا ڪون پر اهي واڙيءَ مان ڀڄي ويندا ۽ ٻاهران وري ٻيا نقصانڪار جيت واڙيءَ ۾ داخل نه ٿيندا.

## ٿوم جو ڦوهارو:

هڪ ڪلو ڪٽيل ٿوم، 20 چانهه وارا چمچا (100 گرام) سرف يا صابڻ، 20 چانهه وارا چمچا گاسليٽ ۽ 5 لٽر پاڻي جو ڳار ٺاهيو. جنهن لاءِ ٿوم گاسليٽ ۾ 24 ڪلاڪ پسائي رکجي ان کان پوءِ ان ۾ سرف يا صابڻ ۽ پاڻي وجهي چڱي طرح هلائي هلائي ڇاڻيل ڳار مان هڪ حصو ۽ 20 حصا پاڻي ملائي پاڇين تي ڦوهارو ڪجي ته جيت ضابطي ۾ رهندا.



## ڦودني جو ڦوهارو:

ڦودني جي هڪ ڪلو گرام پنن کي گهوٽي هڪ سؤ لٽر پاڻيءَ ۾ چڱيءَ طرح ملائي ٻاڇين تي ڦوهارو ڪريو ته پنن تي داغن وارين بيمارين کان بچاءُ ۾ مدد ملندي. ڦوهاري لاءِ حجامن جي دڪانن تي استعمال ٿيندڙ هٿ وارو ڦوهارو استعمال ڪجي.

## چند ٻيون ڳالهيون:

1. ٻاڇين ۾ گندگاهه کي هرگز وڌڻ نه ڏجي ڇاڪاڻ ته گندگاهه جي اندر جيت جٽيا وڌيڪ شدت اختيار ڪن ٿا ۽ ٻاڇين جي خوراڪ کٽي انهن کي ڪمزور به ڪن ٿا.
2. نائٽروجن وارو ڀاڻ گهڻو نه ڏجي. گهڻو ڏيڻ سان ٻاڇيون ڪَچُ ۾ ساوڪ وڌيڪ ڪن ٿيون جنهن جي ڪري جيتن جو حملو وڌي ٿو وڃي.
3. بيمار ٻج يا ٻيجارو هرگز نه پوکجي.
4. ٻاڇين جي روزانو جاچ ڪبي رهجي.
5. زرعي زهرن جو شروعات ۾ تڪڙو ڦوهارو ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.
6. ٻاڇيءَ جي چوڌاري ٻنن سان سورج مکي، مڪئي يا جوئر جون قطارون ضرور پوکجن ڇاڪاڻ ته انهن قطارن ۾ جڏهن اَنُ تهندو ته پکي اَنَ جي لاري فصل ۾ ايندا ۽ اتي ٻاڇيءَ ۾ موجود ڪينئن کي به چڳڻ لڳندا. جنهن جي ڪري ٻاڇيءَ ۾ هرويرو زهرن جو ڦوهارو نه ڪرڻو پوندو.

## ڀينڊي (Okra/ oady Finger)

پوکيءَ جو وقت: نومبر کان مارچ تائين

ٻج جو مقدار: ڪرين تي 4 کان 5 ڪلوگرام ۽ ناڙي لاءِ 10 کان 12 ڪلوگرام في ايڪڙ.

نوٽ: جيئن ته عام طور تي خريدار ڪچڙيون ۽ نرم ڀينڊيون خريدڻ کي پسند ڪن ٿا. ان ڪري ڪي زميندار 20 کان 25 ڪلو في ايڪڙ ٻج ڏين ٿا. جنهن جي ڪري گهاٽين ڀينڊين مان اهڙو مال ملي ٿو پر پوءِ گهاٽين ڀينڊين ۾ جيتن جي ضابطي لاءِ خاص قدم کڻڻا پون ٿا.



پوکيءَ جو طريقو: ڪريا ۽ ناڙي

مفاصلو: ڪرين لاءِ اڍائي کان ٽي فوٽ ۽ ناڙيءَ لاءِ ڏيڍ کان ٻه فوٽ.

ڪيميائي ڀاڻ: ½ 1 بوري ڊي-اي-پي، 1 بوري ايس-او-پي ۽ اڌ بوري يوريا يا 3 بوريون زرخيز (8:23:18)

پوکيءَ وقت ڏجي، هڪ بوري يوريا گلن نڪرڻ وقت ۽ هڪ کان ڏيڍ بوري يوريا 2 کان 3 چونڊا ڪرڻ بعد ڏيڻ گهرجن.

پاڻي: شروع ۾ هفتي هفتي ۽ گل ٻاڻي تي ٽئين چوٿين ڏينهن ڏجي.

## مرچ (Chillies)

پوکيءَ جو وقت: ٻيجارو تيار ڪرڻ: فيبروري، مارچ ۽ جون جولاءِ.

رونبو: مارچ اپريل ۽ جولاءِ آگسٽ

ٻج جو مقدار: اڌ ڪلو في ايڪڙ.

پوکيءَ جو طريقو: ڪريا پوک.

مفاصلو: ڪريي کان ڪريي جو مفاصلو 3 فوٽ ۽ ٻوٽن جو مفاصلو ڏيڍ فوٽ.

ڪيميائي ڀاڻ: ڊي-اي-پي ڏيڍ کان 2 بوريون يوريا اڌ بوري ۽ ايس-او-پي هڪ بوري يا زرخيز (8:23:18) جون 3 بوريون في ايڪڙ پوکيءَ وقت، اڌ بوري يوريا گل نڪرڻ تي، اڌ بوري يوريا

ڦريون نڪرڻ تي ۽ پوءِ اڌ بوري يوريا في ايڪڙ هر ڀن چونڊن بعد ڏجي.
پاڻي: هفتي ڏيڍ جي وقفي سان يا گهرج مطابق.



## واڱڻ (Brinjal / Egg plant)

پوکيءَ جو وقت: ٻگهين جنسن جو ٻيجارو فيبروري ۾، ۽ رونبو اپريل ۾ ڪجي ۽ گول جنسن جو ٻيجارو مئي جون ۾ رونبو جولاءِ آگسٽ ۾ ڪجي.
ٻج جو مقدار: 200 کان 250 گرام في ايڪڙ ٻيجاري لاءِ.
پوکيءَ جو طريقو: ڪريا.
مفاصلو: ڪرين جو مفاصلو 3 فوٽ ۽ ٻوٽن جو مفاصلو 2 فوٽ رکجي.
ڪيميائي ڀاڻ: ڊي-اي-پي ڏيڍ کان 2 بوريون، يوريا اڌ بوري ۽ ايس-او-پي هڪ بوري يا 3 بوريون زرخيز (8:23:18) پوکيءَ وقت، باقي سوا بوري يوريا گل نڪرڻ تي ۽ سوا بوري يوريا مال لڳڻ تي ڏجي.
پاڻي: پهريون پاڻي ٽئين چوٿين ڏينهن ۽ بعد ۾ موسم ۽ فصل جي حالت کي نظر ۾ رکندي 8 کان 10 ڏينهن جي وقفي سان ڏيڻ گهرجي.

## گوار (Cluster bean)

پوکيءَ جو وقت: فيبروري کان مارچ ۽ جولاءِ کان آگسٽ.
ٻج جو مقدار: 2 کان 3 ڪلوگرام في ايڪڙ.
پوکيءَ جو طريقو: ناڙي ۽ ڪريا.
مفاصلو: قطار کان قطار ۽ ڪرئي کان ڪرئي جو مفاصلو 3 فوٽ.
ڪيميائي ڀاڻ: ڊي-اي-پي هڪ کان 2 بوريون، يوريا هڪ بوري ۽ پوٽاش هڪ بوري يا زرخيز (8:23:18) جون 3 بوريون في ايڪڙ پوکيءَ وقت باقي هڪ بوري يوريا ٻه دفعا پندرهين پندرهين ڏينهن ڏجي.
پاڻي: 10 کان 15 ڏينهن جي وقفي سان يا فصل جي گهرج مطابق ڏجي.



## ميها (Indian Squash)



**پوکيءَ جو وقت:** فيبروري کان مارچ ۽ جولاءِ کان آگسٽ
**ٻج جو مقدار:** ڏيڍ کان اڍائي ڪلو گرام في ايڪڙ ڏجي.
**پوکيءَ جو طريقو:** ويڪرن ڪرين (ٻٺن) تي ڪجي جنهن لاءِ 4 کان 6 فوٽ ويڪرا ڪريا (ٻٺا) تيار ڪجن ۽ ٻوٽن جو مفاصلو ڏيڍ کان 2 فوٽ رکجي.
**ڪيميائي ڀاڻ:** ڏيڍ ٻوري ڊي-اي-پي، اڌ ٻوري يوريا ۽ هڪ ٻوري ايس-او-پي يا 3 ٻوريون زرخيز (8:23:18) في ايڪڙ پوکيءَ وقت، باقي اڌ ٻوري يوريا گلن اچڻ تي ۽ باقي اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙ هر ٽن کان ڇئن چونڊن بعد ضرورت مطابق ڏبو رهجي.
**پاڻي:** هفتي ڏيڍ جي وقفي سان يا فصل جي گهرج مطابق ڏجي.

## ڪريلا (Bitter gourd)



**پوکيءَ جو وقت:** فيبروري کان مارچ ۽ جون کان جولاءِ
**ٻج جو مقدار:** 3 کان ساڍا 3 ڪلو گرام في ايڪڙ ڏجي.
**پوکيءَ جو طريقو:** ويڪرن ڪرين (ٻٺن) تي ڪجي جنهن لاءِ مفاصلو هڪ کان ڏيڍ فوٽ رکجي.
**ڪيميائي ڀاڻ :** ڊي-اي-پي هڪ کان ڏيڍ ٻوري يوريا اڌ ٻوري ۽ ايس-او-پي هڪ ٻوري يا 3 ٻوريون زرخيز (8:23:18) في ايڪڙ پوکيءَ وقت، باقي هڪ ٻوري يوريا گل اچڻ تي ۽ هڪ ٻوري يوريا هر ٽن چونڊن بعد ڏيڻ گهرجي.
**پاڻي:** هفتي ڏيڍ جي وقفي سان يا گهرج مطابق ڏجي.

## ديسي توري (Ridged gourd)
## گيها توري (Luffa gourd)



**پوکيءَ جو وقت:** فيبروري کان مارچ ۽ جون کان جولاءِ
**ٻج جو مقدار:** ڏيڍ کان اڍائي ڪلو گرام في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي.
**پوکيءَ جو طريقو:** 6کان 8 فوٽن جا ويڪرا ڪريا (ٻٺن) تيار ڪري ٻوٽن جو مفاصلو 2 فوٽ رکجي.
**ڪيميائي ڀاڻ :** ڊي-اي-پي ڏيڍ ٻوري. ايس-او-پي هڪ ٻوري ۽ اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙ پوکيءَ وقت، باقي اڌ ٻوري يوريا گل اچڻ تي ڏجي ۽ بعد ۾ يوريا هر ٻن ٽن کان چونڊن بعدضرورت مطابق ڏيڻ گهرجي.
**پاڻي:** هفتي ڏيڍ جي وقفي سان يا فصل جي گهرج مطابق ڏجي

## ڪدو (Bottle gourd)



**پوکيءَ جو وقت:** نومبر کان مارچ
**ٻج جو مقدار:** 2 کان 2 ½ ڪلوگرام في ايڪڙ
**پوکيءَ جو طريقو:** ويڪرن ڪرين (ٻٽن) تي.
**مفاصلو:** ڪرين جو مفاصلو 8 کان 12 فوٽ ۽ ٻوٽن جو مفاصلو 2 فوٽ.
**ڪيميائي ڀاڻ :** ڊي-اي-پي ڏيڍ ٻوري کان ٻه ٻوريون، يوريا اڌ ٻوري ۽ ايس-او-پي هڪ ٻوري في ايڪڙ پوکيءَ وقت، باقي هڪ ٻوري يوريا گُلن نڪرڻ وقت ۽ ميوو ٺهڻ وقت ڏيڻ گھرجي
**پاڻي:** هفتي هفتي جي وقفي سان يا فصل جي گھرج مطابق ڏجي.

## گدرو (Musk melon)



**پوکيءَ جو وقت:** جنوري کان فيبروري ۽ جون کان جولاءِ
**ٻج جو مقدار:** 2 ڪلو گرام في ايڪ ڙ ڏجي.
پوکيءَ جو طريقو: ويڪرن ڪرين (ٻٽن) تي.
مفاصلو: 6 فوٽ ويڪرا ڪريا (ٻٽا) ۽ ٻوٽن جو مفاصلو ڏيڍ کان ٻه فوٽ.
ڪيميائي ڀاڻ: ڊي-اي-پي هڪ کان ٻه ٻوريون، يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ ٻوري يا 3 ٻوريون زرخيز (8:23:18) في ايڪڙ پوکيءَ وقت، باقي هڪ ٻوري يوريا ٻه دفعا پندرهين پندرهين ڏينهن ڏجي.
**پاڻي:** 10 کان 15 ڏينهن جي وقفي سان ڏجي.

## چانهيون (Water melon)



پوکيءَ جو وقت: فيبروري کان جولاءِ.
ٻج جو مقدار: 2 ڪلوگرام في ايڪڙ.
پوکيءَ جو طريقو: ويڪرن ڪرين (ٻٽن) تي.
مفاصلو: 6 فوٽ ويڪرا ڪريا (ٻٽا) ۽ ٻوٽن جو مفاصلو ڏيڍ کان 2 فوٽ.
ڪيميائي ڀاڻ: ڊي-اي-پي هڪ کان ٻه ٻوريون، يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ ٻوري يا 3 ٻوريون زرخيز (8:23:18) في ايڪڙ پوکيءَ وقت، باقي هڪ ٻوري يوريا ٻه دفعا پندرهين پندرهين ڏينهن ڏجي.
پاڻي: 10 کان 15 ڏينهن جي وقفي سان يا فصل جي گھرج مطابق ڏجي.

## کيرا (Cucumber)



پوکيءَ جو وقت: فيبروريءَ کان مارچ ۽ جون کان جولاءِ.
ٻج جو مقدار: 2 ڪلوگرام في ايڪڙ.
پوکيءَ جو طريقو: ڪريا (ٻٽن) تي.
مفاصلو: ڪرين جو مفاصلو 2 کان 2 ½ ميٽر ۽ ٻوٽن جو مفاصلو هڪ فوٽ.
ڪيميائي ڀاڻ: ڊي-اي-پي ڏيڍ ٻوري، يوريا اڌ ٻوري ۽ ايس-او-پي هڪ ٻوري يا 3 ٻوريون زرخيز (8:23:18) في ايڪڙ پوکيءَ وقت، هڪ ٻوري يوريا گل نڪرڻ تي ۽ باقي يوريا مُني مُني ٻوري هر چونڊي بعد ڏجي.
پاڻي: هفتي ڏيڍ جي وقفي سان يا فصل جي گھرج مطابق ڏجي.

## خريف جي پاچين جا جيت ۽ انهن جو ضابطو

| فصل | جيت | تدارڪ |
|---|---|---|
| ڪريلا، چانهيون، ميها، گدرا، ڪدو، ڪيرا، ونگا وغيره | ميووي جي مک (Fruit fly)  | بيٽريڪس 400 کان 500 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي ڦوهارو ڪريو يا ٽراءِ ڪلورفون 80 ايس پي 680 گرام في ايڪڙ فصل ۾ ميوي اچڻ تي ڦوهارو ڪجي. |
| مرچ، گجرون وغيره | ست مهلو (Aphid)  | پلينم 80 گرام يا اميڊا 60 سي سي يا ايڪٽارا 24 گرام يا ايڊوانٽيج 200 سي سي في 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي ڦوهارو ڪجي. |
| ڪيرا، مرچ، چانهيون، گدرا، پينڊيون، واڱڻ وغيره | اڇي مک (White fly)  | پلينم 80 گرام يا موونٽو 125 ملي لٽر يا پائرپيروڪسيفين 120 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي ڦوهارو ڪجي. |
| ڪدو، گدرا، چانهيون وغيره | سرنگهه ٺاهڻ وارو ڪينئون (Leaf minor)  | ٽراءِ گارڊ 30 گرام يا ڊيلٽافاس 500 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي ڦوهارو ڪريو |
| ڪيرا، مرچ، چانهيون، گدرا، پينڊيون، واڱڻ وغيره | سائو مهلو (Jassid)  | ناڪ آئوٽ يا نائٽي پائرم 100 گرام يا پولو 180 کان 200 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي ڦوهارو ڪريو. (پر ولين وارين پاچين تي پولو استعمال نه ڪجي) |
| چانهيون، ميها، گدرا، ڪدو، | جون (Mites) | اوبيران 100 ملي لٽر يا پائريڊبن 200 سي سي يا پولو 180 کان 200 ملي لٽر في 100 لٽر |

| | | |
|---|---|---|
| مرچ، پينديون، واڱڻ، گجرون وغيره |  | پاڻي ۾ ملائي ڦوهارو ڪجي. (پر ولين وارين پاڇين تي پولو استعمال نه ڪجي). |
| گجرون، واڱڻ، وغيره | بصرن ۾ ٿوم جو ٿرڙو (Thirps)  | ڪيوراڪران 400 سي سي يا ڪلورفينپائر 100 سي سي في 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي ڦوهارو ڪجي. |
| ڪريلا، پينديون، ڪدو، توريون، گجرون وغيره | آمريڪين ڪينئون، چٽڪمرو ڪينئون، مٽر جو ڪينئون، لشڪري ڪينئون  |ووليم فليڪس 80 سي سي يا بيلٽ 2 ڪان 3 سي سي يا اسٽيورڊ 175 سي سي يا ٽريسر 40 سي سي في 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي ڦوهارو ڪجي. |
| ميها، ڪريلا، توريون، ڪدو، گدرو، چانهيون، ونگا وغيره | ڳاڙهي ٽنبڙي  | ڪراٽي 60 سي سي يا ايڪٽار 24 گرام يا اميدا 60 سي سي في 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي ڦوهارو ڪريو. |
| پينديون، مرچ، لاهوري گجرون وغيره | چور ڪينئون  | لارسبين يا ڊيلٽافاس 500 ملي لٽر 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي ڦوهارو ڪريو يا ڪراٽي 400 ملي لٽر في ايڪڙ ڏيو. |
| واڱڻ وغيره | پٽاٽي جو پوپٽ  | ڪراٽي يا ڊيسس 300 ڪان 400 ملي لٽر پاڻي ۾ ملائي ڦوهارو ڪجي. |



# ربيع جون ڀاڄيون
# Rabi Vegetables

## ڪيميائي ڀاڻن لاءِ مشورو:

جيئن ته زمينون مختلف قسمن جون ٿين ٿيون. جهڙوڪ؛ وارياسيون، لٽياسيون، پڪيون، ڪلر وغيره واريون. ان ڪري هر قسم جي زمين لاءِ ڀاڻ مختلف قسم جو مختلف وزن ۾ ڏيڻو هوندو آهي جنهن لاءِ زمين جي مٽي ليبارٽريءَ مان چڪاس ڪرائڻي هوندي آهي ته جيئن پتو پوي ته زمين ڪهڙي قسم جي آهي. ۽ ان کي ڪهڙو ڀاڻ ۽ ڪيترو ڏيڻ گهرجي. ليبارٽريون زراعت کاتي حڪومت سنڌ پاران گهڻو ڪري هر ضلعي اندر قائم ٿيل آهي. جيڪي معمولي في وصول ڪرڻ سان مٽي چڪاس ڪري ڏين ٿيون. ڪافي جاين تي اهو ڏٺو ويو آهي ته ڪلراٺين ۽ پڪين زمينن ۾ به آبادگار ڊي-اي-پي ڀاڻ ڏين ٿا. جڏهن ته اهڙين زمينن ۾ ڊي-اي-پي ڀاڻ منع ٿيل آهي. جنهن جي جاءِ تي ايس-ايس-پي يا ٽي-ايس-پي وغيره ڏيڻو آهي. ان ڪري جتي ڀاڄيون پوکڻيون هجن اتي جي ڀرپاسي ليبارٽريءَ مان مٽي چڪاس ڪرائجي.

ڪيميائي ڀاڻ ڏيڻ جي لاءِ ان ڳالهه جو به خاص خيال رکجي ته ڀاڻ چٽي چڏي نه ڏجي پر ڀاڻ ڏئي مٿان هڪدم پاڻي ڏيڻ گهرجي.

ڪيميائي ڀاڻ ڪوشش ڪري ٻوٽن جي پاڙن وٽ ڏيڻ گهرجي. سڄي زمين ۾ ڇٽڻ سان هڪ ته ڀاڄيءَ وارن ٻوٽن کي ڀاڻ گهٽ ملي ٿو ۽ خالي زمين ۾ وڃي ڪري ٿو. جنهن جي ڪري ڀاڻ زيان به ٿئي ٿو ۽ زمين جي خالي جاين تي ڀاڻ پوڻ سان گندگاهه گهڻو زور وٺي وڃي ٿو.

## زمين جي چونڊ ۽ تياريءَ لاءِ مشورو:

ڀاڄين جي پوکيءَ لاءِ ڪوشش ڪري نرم لٽياسي زمين جي چونڊ ڪجي ته جيئن ڀاڄيون ڀليون ٿين. تياريءَ ۾ خاص طور تي زمين جي سنوت ۽ اونهن هرن ڏيڻ تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي. زمين جي سنوت لاءِ جيڪڏهن سهولت موجود هجي ته ليزر ليولنگ مشين استعمال ڪجي.

## ٻج سيڪ تي هڻڻ جو مشورو:

ٻج جون چنگيون يا ٻيجاري جو رونبو ڪرين کي ڀريان پاڻي ڏئي جتي سيڪ هجي اتي هڻڻ گهرجي. سيڪ تي پوکيل ڀاڄي جلد ڦٽي ٿي ۽ تيار به تڪڙي ٿئي ٿي.

## چيزل ڀِلو هڻڻ جو مشورو:

عام طور تي زمين اندر سخت تهه جڙي پوي ٿو. جنهن جي ڪري پيداوار گهٽ لهي ٿي. ان ڪري سخت تهه کي ٽوڙڻ لاءِ ضروري آهي ته هر ٽئين سال زمين ۾ چيزل ڀِلو ضرور هڻڻ گهرجي.

چيزل ڀِلو هڻڻ سان نه صرف زمين اندر جڙيل سخت تهه ٽٽي پوي ٿو پر ساڳئي وقت چيزل ڀِلو جي اها به خاصيت آهي ته اهو زمين اندر راجا ۽ ٻسڪ ڀِلو کان گهڻو اونهو به وڃي ٿو ۽ زمين کي اٿلائي به بلڪل نٿو ۽ زمين جو مٿيون طاقت وارو تهه به پنهنجي جاءِ تي برقرار رهي ٿو.

## وٿاڻ جي ڀاڻ ڏيڻ جو مشورو:

سنڌ جي زمينن ۾ هڪ سيڪڙو کان به نامياتي مادو گهٽ آهي. جيڪو زمينن مان سٺي پيداوار کڻڻ لاءِ بلڪل ناڪافي آهي جنهن کي وڌائڻ لاءِ ضروري آهي ته زمينن کي هر ٽئين سال وٿاڻ جو ڳريل سڙيل ڀاڻ ضرور ڏيڻ گهرجي. وٿاڻ جو ڀاڻ ڀاڄين پوکڻ کان پهرين زمين ۾ 150 کان 200 مڻ في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي. ڀاڻ ڏيڻ وقت ان جي ڳريل سڙيل هجڻ جي پڪ ضرور ڪرڻ گهرجي. فصل ۾

تازو وڻاڻ جو ڀاڻ هرگز نه وجهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته هڪ طرف وڻاڻ جي تازي ڀاڻ ۾ زمين کي سڌارڻ واري گهربل طاقت ناهي هوندي ۽ ٻئي طرف ان ۾ گندگاهه جا ٻج موجود هوندا آهن. ان کان علاوه ڪچو ڀاڻ زمين ۾ وجهي ڀاڇيون پوکڻ سان ڀاڇين کي اڏوهي لڳي ٿي ۽ ڀاڇين جي فصل ۾ نقصان ٿئي ٿو. وڻاڻ جو ڀاڻ ڀاڇيون پوکڻ کان هڪ مهينو پهرين زمين ۾ وجهي هڪدم هرن ذريعي ملائي مٿان پاڻي ڏيڻ گهرجي. پاڻي ڏيڻ کان پوءِ جڏهن زمين وٿ ۾ اچي ته هر ڏئي وري ريج ڪجي ۽ پيهر جڏهن زمين وٿ ۾ اچي ته هر ڏئي زمين کي تيار ڪجي.

## ڀاڇين ۾ ڀاڻ ۽ پاڻيءَ جي استعمال لاءِ مشورا:



1. ڀاڻ هميشه ماک سڪڻ کان پوءِ پر ٽڪ واري وقت تي ڏجي.
2. ڀاڻ اهڙي طرح سان ڏجي جيئن ڀاڻ ڀاڇيءَ جي پاڙن جي پر ۾ ڪري.
3. ڀاڻ ڏيڻ کانپوءِ پاڻي ڏيڻ ۾ دير هرگز نه ڪجي بلڪه هڪدم پاڻي ڏجي.
4. بچيل ڀاڻ کي کليل ۽ گهم واري حالت ۾ نه رکجي پر چڱيءَ طرح ٻڌي يا دٻي ۾ بند ڪري خشڪ جاءِ تي رکجي.
5. پاڻي ڀاڇين کي گهڻو هرگز نه ڏجي ۽ خاص طور تي ڪرين تي پوکيل ڀاڇين ۾ پاڻي اهڙي طرح ڏجي جيئن چنگين يا لڳل ٻوٽن تائين صرف سيڪ پهچي پر اهي پاڻيءَ ۾ هرگز نه ٻڏن، ڇاڪاڻ ته سيڪ واري ڀاڇي تمام گهڻي سٺي ٿئي ٿي.
6. سيڱي ڀاڇين کي پوکيءَ کان پوءِ به ٽي پاڻي تڪڙا تڪڙا ڏيڻ گهرجن.
7. هر ڀاڇيءَ کي ٻڌايل پاڻيءَ جي وقفي کان علاوه موسم ۽ فصل جي حالت کي به نظر ۾ رکجي.

## ٻيجارو پوکڻ لاءِ مشورو:

ٻيجاري رستي پوکجندڙ ڀاڇين جهڙوڪ؛ مرچن، واڱڻ، بصرن، گوبي ٽماٽن وغيره جي ٻيجاري تيار ڪرڻ لاءِ هيٺين طريقي کي اختيار ڪجي:

ٻيجارو ڏگهين ايپن پٽڙين جي شڪل وارين ٻارين ۾ پوکجي. اهڙين ٻارين ۾ لٽ واري مٽي وجهي زمين جي سطح کان مٿي ڪري وچ مان اهڙي طرح ناليون ڪڍجن ته جيئن جيڪڏهن پاڻي ڪنهن به سبب جي ڪري گهڻو ٿي وڃي ته اهو نالين ۾ وهي وڃي. ۽ ٻيجارو گهڻي پاڻيءَ جي ڪري سڙي نه. ان کان پوءِ ڪک پن ۽ ٻيو گند ڪچرو ساڙي خاڪ تيار ڪجي اها چار (خاڪ) جڏهن ٺري وڃي ته جنهن به ڀاڇيءَ جو ٻيجارو پوکڻو هجي ان جو ٻج لٽ واري مٽيءَ تي ڇٽي مٿان خاڪ ايتري وجهجي جيئن ٻج چڱيءَ طرح ڍڪجي وڃي. ۽ ڍڪيل ٻج کي هٿ واري ڦوهاري سان پاڻيءَ جو ڦوهارو ڪري مٿان ڪکن يا سارين جي پلال سان ڍڪي ڇڏجي. جنهن بعد روزانو ڪکن جي مٿان هٿ واري ڦوهاري سان تيستائين پاڻيءَ جو ڦوهارو ڪجي جيستائين ٻج مڪمل ڦٽي وڃي. جنهن بعد پاڻيءَ جو ٻئي ٽئين ڏينهن ڦوهارو ڪبو رهجي ۽ جڏهن ٻيجارو وڌو ٿي وڃي ته ڪک ڪانا هٽائي ڇڏجن.

# ربيع جي ڀاڇين جون فصلوار سفارشون

## مٽر (Peas):

پوکيءَ جو وقت: آڪٽوبر کان نومبر.
جنسون: پرلي، سونيڪس، پي ايف 400، شيرين.
ٻج جو مقدار: 15 کان 20 ڪلو گرام.
پوکيءَ جو طريقو: ننڍي قد وارين جنسن جون چئن فوٽن جي ويڪرن ڪرين تي اڍائي کان ٽن انچن جي مفاصلي تي چنگيون هڻجن.
وڏي قد ۽ وچولي قد وارين جنسن جون چئن فوٽن جي ويڪرن ڪرين تي ٻن کان ٽن انچن جي مفاصلي تي چنگين ذريعي پوکجي.
ڪيميائي ڀاڻ: ڊي-اي-پي هڪ کان ڏيڍ ٻوري، يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ کان ٻه ٻورين في ايڪڙ پوکيءَ وقت ۽ بعد ۾ ٻه ٻيرا هڪ هڪ يوريا هر پندرين ڏينهن يا اين-پي-ڪي (17:17:17)

جون 3 ٻورين ۾ ايڪڙ. هڪ ٻوري اين-پي-ڪي پوکيءَ وقت ٻي ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا پوکيءَ جي 15 ڏينهن ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙ مهيني بعد ڏجي.
پاڻي: هفتي هفتي ضرورت مطابق ڏجي.

## ٽماٽا (Tomato):

پوکيءَ جو وقت: پيجارو جون کان جولاءِ يا آگسٽ ۾ پوکجي روبنو آگسٽ کان سيپٽمبر تائين ڪجي.
جنسون: روما، ايس آرٽوٽي 10 وڪٽرپي لانگ سپر مني ميڪر، مارگلوب، گرنٽا، رٽگرس وغيره.
ٻج جو مقدار: 200 کان 250 گرام في ايڪڙ.
پوکيءَ جو طريقو: 6 کان 8 فوٽن جي ويڪرن ڪرين تي هڪ کان ٻن فوٽن جي مفاصلي تي روبنو ڪجي.
ڪيميائي ڀاڻ: ڊي-اي-پي هڪ کان ڏيڍ ٻوري، يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ کان ٻه ٻورين في ايڪڙ پوکيءَ وقت ۽ بعد ۾ ٻه پيرا هڪ يوريا هر پندرين ڏينهن يا اين-پي-ڪي (17:17:17) جون 3 ٻورين في ايڪڙ. هڪ ٻوري اين-پي-ڪي پوکيءَ وقت ٻي ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا پوکيءَ جي 15 ڏينهن ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙ مهيني بعد ڏجي.
پاڻي: هفتي هفتي ضرورت مطابق ڏجي.



## پٽاٽا (Potato):

پوکيءَ جو وقت: آڪٽوبر کان نومبر
جنسون: اچا پٽاٽا، ملٽا ۽ پيٽرونس
ٻج جو مقدار: 15 کان 20 مڻ في ايڪڙ.
پوکيءَ جو طريقو: 2 کان اڍائي فوٽن جي ڪرين جي چوٽيءَ تي، 5 کان 6 انچن جي مفاصلي تي لڳائجن.
ڪيميائي ڀاڻ: ڊي-اي-پي هڪ کان ڏيڍ ٻوري، يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ کان ٻه ٻورين في ايڪڙ پوکيءَ وقت ۽ بعد ۾ ٻه پيرا هڪ هڪ ٻوري يوريا هر پندرهين ڏينهن يا اين-پي-ڪي (17.17.17) جون 3 ٻورين في ايڪڙ، هڪ ٻوري اين-پي-ڪي پوکيءَ وقت ٻي ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا پوکيءَ جي 15 ڏينهن ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙ مهيني بعد ڏجي.
پاڻي: پهريون پوکيءَ وقت هڪدم ڏجي باقي هفتي ڏهين ڏينهن ضرورت مطابق ايترو ڏجي جنهن جو چوٽيءَ تي صرف سيڪ پهچي.



## پٽائي گجرون (Carrot):

پوکيءَ جو وقت: آڳاٽي پوک سيپٽمبر کان آڪٽوبر
منداڻتي پوکي: نومبر
جنسون ۽ ٻج جو مقدار: ديسي 5 کان 6 ڪلو ۽ ولائتي 3 کان 4 ڪلو گرام في ايڪڙ.
مفاصلو: ٻوٽا ٽن چئن انچن جا ٽين ته 13 انچن جي مفاصلي تي چڊائي ڪجي.
ڪيميائي ڀاڻ: ڊي-اي-پي هڪ کان ڏيڍ ٻوري يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ کان ٻه ٻورين في ايڪڙ پوکيءَ وقت ۽ بعد ۾ ٻه پيرا هڪ هڪ ٻوري يوريا هر پندرهين ڏينهن يا اين-پي-ڪي (17.17.17) جون 3 ٻورين في ايڪڙ، هڪ ٻوري اين-پي-ڪي پوکيءَ وقت ٻي ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا پوکيءَ جي 15 ڏينهن ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا في في ايڪڙ مهيني بعد ڏجي.
پاڻي: آڳاٽي فصل کي پهريان ٽي چار پاڻي هر هفتي بعد ۽ ٽڏين ۾ ڏهين کان ٻارهين ڏينهن بعد پاڻي ڏجي.



## بصر (Onion):

پوکيءَ جو وقت: آڳاٽي فصل لاءِ پيجارو جولاءِ کان آگسٽ تائين لڳائجي ۽ رونبو آگسٽ کان سيپٽمبر ۾ ڪجي ۽ پاڇاٽي پوکي جنوري تائين ڪري سگهجي ٿي.
جنسون: هزاري، ڦلڪارا، ٽاٽو بولا خان، نصرپوري، گهوٽڪي ۽ ديسي وغيره.
ٻج جو مقدار: ڪڻ به کان اڍائي ڪلو گرام في ايڪڙ.
پوکيءَ جو طريقو: ٻه کان اڍائي فوٽن جي مفاصلي وارن ڪرين جي ٻنهي پاسي ٻن کان ٽن انچن جي مفاصلي تي پيجارو رونبو ڪجي.
ڪيميائي پاڻ: ڊي-اي-پي هڪ کان ڏيڍ ٻوري، يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ کان ٻه ٻورين في ايڪڙ پوکيءَ وقت ۽ بعد ۾ ٻه پيرا هڪ هڪ ٻوري يوريا هر پندرهين ڏينهن يا اين-پي-ڪي (17.17.17) جون 3 ٻورين في ايڪڙ، هڪ ٻوري اين پي ڪي پوکيءَ وقت ٻي ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا پوکيءَ جي 15 ڏينهن ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙ مهيني بعد ڏجي.



پاڻي: شروعاتي 3 پاڻي هفتي هفتي بعد پوءِ ڏهين کان ٻارهين ڏينهن بعد ڏيڻ گهرجي.
گڏ ۽ مٽي چاڙهڻ: گندگاهه جيئن نظر اچي ته گڏ ڪري گندگاهه جي صفائي ڪجي ۽ ٻوٽن تي ٻه پيرا مٽي چاڙهجي.

## ٿوم (GARLIC):

پوکيءَ جو وقت: آڳاٽي پوکي سيپٽمبر کان شروع ڪجي ۽ ختم نومبر جي آخر ۾ ڪجي.
جنسون: ديسي نيو دمبالو.
ٻج جو مقدار: 100 ڪلوگرام في ايڪڙ.
پوکيءَ جو طريقو: ننڍين ٻارين ۾ اڌ فوٽ جي مفاصلي تي قطارن ۾ ٽن ٽن انچن جي مفاصلي تي ڳڙيون رونبو ڪجن. جڏهن ته ڪرين تي به پوکي ڪري سگهجي ٿي.
ڪيميائي پاڻ: ڊي-اي-پي هڪ کان ڏيڍ ٻوري، يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ کان ٻه ٻورين في ايڪڙ پوکيءَ وقت ۽ بعد ۾ ٻه پيرا هڪ هڪ ٻوري يوريا هر پندرهين ڏينهن يا اين-پي-ڪي (17.17.17) جون 3 ٻورين في ايڪڙ، هڪ ٻوري اين-پي-ڪي پوکيءَ وقت ٻي ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا پوکيءَ جي 15 ڏينهن ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙ مهيني بعد ڏجي.
پاڻي: شروعاتي ٻه ٽي پاڻي تڪڙا ڏجن ته جيئن ڳڙيون ڦٽن. جنهن بعد گرميءَ ۾ اين-پي-ڪي هفتي هفتي بعد ۽ سرديءَ ۾ ڏهين کان ٻارهين ڏينهن بعد ڏيڻ گهرجي.

## پالڪ (SPINACH/ CHARD):



پوکيءَ جو وقت: ديسي پالڪ آڪٽوبر کان جنوريءَ تائين پوکجي پر ولايتي پالڪ ان سان گڏ سانوڻيءَ ۾ پوکي وڃي ٿي.
جنسون: ديسي پالڪ نرم ۽ سنهن پنن واري ۽ ولايتي پالڪ سخت ۽ وڏن پنن واري.
ٻج جو مقدار: 15 کان 20 ڪلو گرام في ايڪڙ
پوکيءَ جو طريقو: ننڍين ٻارين ۾ قطارن جي شڪل ۾ پوکجي پر ساڳئي وقت ننڍن ڪرين تي پوکي سگهجي ٿي.
ڪيميائي پاڻ: پوکيءَ وقت اين-پي-ڪي (17.17.17) هڪ ٻوري. ٻي ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا 15 ڏينهن بعد، ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا مهيني بعد ڏجي. ان کان پوءِ هر لوب کان پوءِ هڪ ٻوري يوريا في ايڪڙ وجهجي.
پاڻي: گرميءَ ۾ هر هفتي بعد ۽ ٿڌ ۾ ٻارهين کان پندرهين ڏينهن بعد ڏيڻ گهرجي.

## بند گوبي (CABBAGE):

پوکيءَ جو وقت: مندائتي پوکي لاءِ بيجارو سيپٽمبر-آڪٽوبر ۾ ۽ رونبو آڪٽوبر- نومبر ۾ ڪجي. جڏهن ته پاڇاتي پوکيءَ لاءِ بيجارو نومبر ۾ ۽ رونبو ڊسمبر ۾ ڪجي.

ٻج جو مقدار: 100 کان 400 گرام في ايڪڙ.



ڪيميائي ڀاڻ: اين-پي-ڪي هڪ کان ڏيڊ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ کان ٻه ٻوريون في ايڪڙ پوکيءَ وقت ۽ بعد ۾ ٻه پيرا هڪ هڪ ٻوري يوريا هر پندرهين ڏينهن يا اين-پي- ڪي (17.17.17) جون 3 ٻوريون في ايڪڙ. هڪ ٻوري اين-پي-ڪي پوکيءَ وقت ٻي ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا پوکيءَ جي 15 ڏينهن ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙ مهيني بعد ڏجي.

گڏ ۽ پاڻي: گڏ جڏهن رونبي کان پوءِ ٻوٽا چڱي طرح لڳي وڃن ته ڪجي ۽ ٻوٽن تي هلڪي مٽي چاڙهجي. اهڙي طرح پندرهين ڏينهن ٻي گڏ ڪري وري مٽي چاڙهجي پاڻي شروع ۾ ٻه ٽي تڪڙا ڏجن. ان بعد سردي ۾ ڏهين کان پندرهين ڏينهن ۽ گرمي ۾ هر هفتي پاڻي ۾ پاڻي ڏجي.

## هريو (FENUGREEK):

پوکيءَ جو وقت: مندائتي پوکي سيپٽمبر کان نومبر تائين پر جنوريءَ تائين لڳائي سگهجي ٿو.

جنسون: ديسي ۽ قصوري

ٻج جو مقدار: 6 کان 8 ڪلو گرام في ايڪڙ

پوکيءَ جو طريقو: ننڍيون چورس ٻاريون ٺاهي، انهن ۾ ريج ڪري مٿان پاڻيءَ ۾ ٻج ڇٽي ڇڏجي.

ڪيميائي ڀاڻ: پوکيءَ وقت اين-پي-ڪي (17.17.17) هڪ ٻوري في ايڪڙ. ٻي ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا 15 ڏينهن بعد ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا مهيني بعد ڏجي. ان کان پوءِ هر لوب کان پوءِ هڪ ٻوري يوريا في ايڪڙ ڏجي.



پاڻي: گرميءَ ۾ هر هفتي بعد ۽ ٿڌ ۾ ٻارهين کان پندرهين ڏينهن بعد پاڻي ڏيڻ گهرجي.

## سلاد (LETTUCE):

پوکيءَ جو وقت: سيپٽمبر کان نومبر تائين

پوکيءَ جو طريقو: ٻن کان اڍائي فوٽن جا ڪريا ڪڍي ڪرين جي ٻنهي پاسي 9 انچن جي مفاصلي تي چنگيون هٽي ڪرين کي ايترو پاڻي ڏجي جيئن چنگين تائين صرف پاڻيءَ جو سيڪ پهچي.

ڪيميائي ڀاڻ: پوکيءَ وقت اين-پي-ڪي (17.17.17) هڪ ٻوري في ايڪڙ. ٻي ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا 15 ڏينهن بعد ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا مهيني بعد ڏجي. ان کان پوءِ هر لوب کان پوءِ هڪ ٻوري يوريا في ايڪڙ ڏجي.

پاڻي: گرميءَ ۾ هفتي هفتي بعد ۽ سرديءَ ۾ ٻارهين کان پندرهين ڏينهن بعد پاڻي ڏجي.

## ڌاڻا (CORIANDER):



پوکيءَ جو وقت: مندائتي پوک سيپٽمبر کان آڪٽوبر تائين تجويز ٿيل آهي. باقي سڄو سال پوکجن ٿا.

جنسون: ايراني ۽ ديسي.

ٻج جو مقدار: 6 کان 8 ڪلو گرام في ايڪڙ

پوکيءَ جو طريقو: ٻن اڍائن فوٽن جي ڪرين تي ٻنهي پاسن کان ليڪ ڪڍي ان ۾ ٻج ڇٽي. مٿان هٿ سان ڊڪي. سيڪ جيترو پاڻي ڏجي. اهڙي طرح ناڙي ٻه ڪري سگهجي ٿي. ٻج کي

سڄي رات پُسائي رکجي ۽ پوءِ پوکجي.
ڪيميائي ڀاڻ: پوکيءَ وقت اين-پي-ڪي (17.17.17) هڪ ٻوري في ايڪڙ. ٻي ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا 15 ڏينهن بعد ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا مهيني بعد ڏجي. ان کان پوءِ هر لوب کان پوءِ هڪ ٻوري يوريا في ايڪڙ ڏجي.
پاڻي: گرميءَ ۾ هر هفتي بعد ۽ سرديءَ ۾ ٻارهين کان پندرهين ڏينهن بعد پاڻي ڏيڻ گهرجي.

## سؤنف (وڏف) (FENNEL):

پوکيءَ جو وقت: 15 آڪٽوبر کان نومبر جو سڄو مهينو
ٻج جو مقدار: 5 ڪلو گرام في ايڪڙ
پوکيءَ جو طريقو: ڏيڍ کان ٻن فوٽن جي مفاصلي تي قطارن ۾ پوکجي.
ڪيميائي ڀاڻ: پوکيءَ وقت اين-پي-ڪي (17.17.17) هڪ ٻوري في ايڪڙ ۽ ٻي ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا 15 ڏينهن بعد ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا مهيني بعد ڏجي.
پاڻي: پهريون پاڻي مهيني بعد ۽ ٻيا پاڻي پندرهين کان ويهين ڏينهن بعد ڏجن.



## ڦودنو (MINT):

پوکيءَ جو وقت: نومبر کان ڊسمبر ۽ فيبروري کان مارچ.
ٻج جو مقدار: ڦودنو پراڻي پوکيل فصل جون پاڙون ڪڍي پوکجي. ان لاءِ چاليهه هزار کان پنجاهه هزار پاڙون پوکجن.
پوکيءَ جو طريقو: ڪرين تي ۽ قطارن ۾ پوکي سگهجي ٿو.
مفاصلو: ڪريا ڏيڍ فوٽ جا هجن ۽ قطارون هڪ فوٽ تي ڪري پوکجن ۽ ٻوٽي کان ٻوٽي جو مفاصلو 6 انچ رکجي.
ڪيميائي ڀاڻ: پوکيءَ وقت اين-پي-ڪي هڪ ٻوري في ايڪڙ ۽ بعد ۾ هر لوب کان پوءِ يوريا هڪ ٻوري في ايڪڙ ڏجي.
پاڻي: شروعات ۾ ٻه ٽي پاڻي تکڙا ۽ بعد ۾ هر هفتي بعد فصل جي گهرج مطابق ڏجن.



## ڀاڄين جا جيت، بيماريون ۽ آءِ پي ايم

ڀاڄين ۾ ٻن قسمن جا جيت ٿين ٿا. هڪڙا نقصانڪار جيت جيڪي ڀاڄين کي نقصان رسائن ٿا ۽ ٻيا فائديمند جيت ٿين ٿا. جيڪي ڀاڄين کي پنهنجي خوراڪ نٿا بڻائن پر اُهي نقصانڪار جيتن کي کائي پنهنجو پيٽ ڀرين ٿا. ۽ ڀاڄين کي نقصانڪار جيتن جي نقصان کان بچائن ٿا. اهڙن فائديمند جيتن ۾ ٽنڊڙيون، پنيوريون، ڏينيو، ڪوريڙو وغيره اچي وڃن ٿا.
فائديمند جيتن جي ڀاڄين ۾ گهٽي تعداد ۾ هئڻ جي صورت ۾ نقصانڪار جيتن جو تعداد گهٽو نٿو وڌي ۽ پيسٽيسائيڊس جي هروڀرو ڦوهارن جي ضرورت پيش نٿي اچي پر اڻڄاڻائي ۽ تکڙي فائدي وٺڻ جي چڪر ۾ ڀاڄين جا باغبان ڀاڄي پوکڻ کان پوءِ جيئن ئي هڪ اڌ نقصانڪار جيت ڏسن ٿا ته هڪدم پيسٽيسائيڊ يعني زرعي زهر جو ڦوهارو شروع ڪري ڏين ٿا. جنهن سان نقصانڪار جيتن سان گڏ فائديمند جيت مري وڃن ٿا ۽ ڦوهاري جو اثر ختم ٿئي مس ٿو ٿئي ته هڪدم ٻيا نقصانڪار جيت ظاهر ٿي پون ٿا.
ڀاڄين ۾ نقصانڪار جيت عام طور تي ٻن قسمن جا ٿين ٿا. هڪڙا رس چوسڻ وارا جهڙوڪ؛ اچي مک، سائو مهلو، سست مهلو، ٿرڙو وغيره.
اهڙي طرح ٻيا وري ڀاڄين کي کائڻ وارا جيت جهڙوڪ؛ امريڪي ڪينئون، تڙيون، لشڪري

ڪينئون وغيره اچي وڃن ٿا.

هنن ٻنهي قسمن جي جيتن مان رس چوسڻ وارا جيت پاڇين تي شروع ۾ ئي پاڇيون جڏهن گهٽيون سايون ۽ نرم هجن ٿيون تڏهن حملي آور ٿين ٿا. جڏهن ته پاڇين کي، ڪائڻ وارا جيت بعد ۾ آهستي آهستي اچن ٿا ۽ پوءِ گهٽو ڪري ٻنهي قسمن جا جيت موجود هجن ٿا ساڳئي وقت پاڇين تي ڪيترن ئي قسمن جون بيماريون پڻ حملو ڪن ٿيون.

هنن نقصانڪارن کي زرعي سائنسدان "جيتن ۽ بيمارين جي ضابطي واري گڏيل حڪمت عملي، يعني آءِ پي ايم (IPM) واري طريقي سان ضابطي ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ ان جون نئي حڪمت عمليون ٻڌائن ٿا.

## پاڇين لاءِ آءِ پي ايم:

فصلن (پاڇين) جي نقصانڪار جيتن جي ضابطيءَ واري گڏيل حڪمت عملي يعني آءِ پي ايم (IPM) هڪ اهڙي مؤثر ۽ ماحول دوست سوچ آهي. جنهن ۾ ڪيميائي زهرن يعني پيسٽيسائيڊس کي آخري هٿيار طور استعمال ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ته ان کان پهرين ٻين طريقن سان نقصانڪار جيتن جي نقصان کان بچي سگهجي ٿو. آءِ پي ايم جي سوچ ۾ بنيادي اهميت ان ڳالهه کي ڏني وڃي ٿي ته جيت بيماريون يا گندگاهه اسان جي فصلن پاڇين وغيره ۾ آخر شدت اختيار ڇو ٿا ڪن؟ شدت ڪيئن ٿا اختيار ڪن ۽ ڪڏهن ٿا ڪن؟ ۽ انهن جي شدت کي گهٽائڻ جا غير ڪيميائي طريقا ڪهڙا آهن؟ وغيره.

## آءِ پي ايم جا چار مُکيه اصول طئه ٿيل آهن:

1. صحتمند فصل اپائڻ (Grow Healthy Crop).
2. فصل کي روزانو چڱي طرح گهمي ڏسن ته جيئن کو به مسئلو ظاهر ٿيڻ شرط شروع ۾ ئي ان کي حل ڪري ڇڏجي.
3. دوست جيتن کي بچائڻ (Conserve Natural Enemies) جيئن ته فصلن ۾ نقصانڪار جيتن سان گڏ فائديمند جيت يعني اهي جيت جيڪي فصل کي نٿا ڪائن پر نقصانڪار جيتن کي پنهنجي خوراڪ بڻائن ٿا انهن کي بچائجي.
4. آبادگار خد ماهر ٿي وڃي (Farmer Becomes Expert) آبادگار هر وقت ٻين تي نه ڀاڙي پر خد ايتري ڄاڻ حاصل ڪري جو هو خد ماهر ٿي وڃي.

**عملي طور تي ڀاڄين جي آءِ پي ايم ۾ هيٺين عملن تي زور ڀريو وڃي:**

1. ڀاڄين ۾ گندگاهه کي هرگز وڌڻ نه ڏجي، ڇاڪاڻ ته گندگاهه جي اندر جيت جٽيا وڌيڪ شدت اختيار ڪن ٿا ۽ ساڳئي وقت ڀاڄين جي خوراڪ کٽي انهن کي ڪمزور به ڪن ٿا.
2. نائٽروجن وارو ڀاڻ گهٽو نه ڏجي گهٽو ڀاڻ ڏيڻ سان ڀاڄيون ڪَچَ ۽ ساوڪ وڌيڪ ڪن ٿيون جنهن جي ڪري جيتن جو حملو وڌي ٿو.
3. بيمار ٻج يا ٻيجارو هرگز نه پوکجي ۽ شروعات ۾ غير ڪيميائي طريقن کي اختيار ڪرڻ گهرجي.
4. ڀاڄين جي روزانو جاچ ڪبي رهجي.
5. زرعي زهرن جو شروعات ۾ تڪڙو ڦوهارو ڪرڻ کان پاسو ڪجي.

## جيتن ۽ بيمارين جو غير ڪيميائي ضابطو:

### 1. ڪششي ٻوٽا پوکڻ:

واڙيءَ جي چوڌاري سورج مُکي، مڪئي، يا جوئر جي قطار ضرور پوکجي، جن ۾ جڏهن ٻج ايندو ته ان ٻج تي پکي ايندا جيڪي ان ٻج کي کائڻ سان گڏ ڀاڄيءَ ۾ موجود نقصانڪار ڪينئن کي به کائي ناس ڪندا.

### 2. ٻاجهر جي اَنَ جو استعمال:

جيڪڏهن ڀاڄيءَ ۾ ڪينئن جو حملو گهڻو هجي ته ٻنن سان ٻاجهريءَ جي اَنَ جي لَپ ڇٽي وڃجي ته ان تي پکي ايندا جيڪي ٻاجهريءَ جي اَنَ کي کائڻ سان گڏ ڪينئن جو به خاتمو آڻي ڇڏيندا.

### 3. سرف ۽ پاڻيءَ جو ڦوهارو:

جيڪڏهن ڀاڄيءَ ۾ رس چوسڻ وارا جيت هجن ۽ ٻنن تي مٽي يا سٽي يا ڪاري ماکيءَ جهڙي حالت هجي ته هڪ چمچو سرف جي پائوبر جو ڪلهي واري ڦوهاري جي ڊٻي ۾ وجهي ڦوهارو ڪجي ته ڪافي حد تائين تدارڪ ٿي ويندو.

## 4. نم جو استعمال:

نقصانڪار جيتن جي نقصان کان پاڇين کي بچائڻ ۾ ماحولياتي گدلاڻ کان بچڻ لاءِ نم بهترين ذريعو آهي. عام طور تي ڏٺو اهو ويو آهي ته پاڇين تي ڪيميائي زهرن جو بي حساب استعمال ٿئي ٿو. جنهن تي نه صرف خرچ گهڻو ٿئي ٿو پر مختلف رپورٽن مان ظاهر ٿيو آهي ته اهڙين پاڇين ۾ زرعي زهرن جو اثر رهجي وڃي ٿو. جيڪو پاڇيون واپرائيندڙن جي صحت کي نقصان رسائي ٿو. ان ڪري آءِ پي ايم جي استعمال کي وڏي اهميت ڏني وڃي ٿي.

## نم جي پنن جو ڳار:

نم جي ڏهه (10) ڪلو گرام کن ساون پنن کي ڪنهن دِرم ۾ وجهي ايترو پاڻي پرجي جيئن پن چڱي ريت پُسي وڃن. جنهن بعد انهن کي باهه تي ڪاڙهجي ۽ ايتري تائين ڪاڙهجي جيئن پاڻي سُڪي هڪ لٽر وڃي بچي. بچيل هڪ ليٽر ڳار کي سنهي ڪپڙي ۾ ڇاڻي ڪنهن بوتل ۾ وجهي رکجي. جڏهن جيتن جو حملو نظر اچي ته ان وقت 100 ملي لٽر ڪلهي واري ڦوهاري جي ٽبي ۾ وجهي ڦوهارو ڪجي ۽ وري اٺين ڏينهن بيو ڦوهارو ڪجي. نم جي ڳار جو ڦوهارو ڪرڻ سان جيتوڻيڪ جيت مرندا ڪو نه پر اهي واڙيءَ مان ڀڄي ويندا ۽ ٻاهران وري ٻيا نقصانڪار جيت واڙيءَ ۾ داخل نه ٿيندا.

## نم جي تيل جو استعمال:

نم جون نموريون وڻ مان جيئن ڪرن ته اُنهن کي ميڙي ڇانوَ ۾ سڪائڻ لاءِ رکجي ۽ نموريون جڏهن بلڪل سُڪي وڃن ته انهن کي گهاڻي تان پيڙائي، تيل ڪيرائي رکي ڇڏجي. جڏهن واڙيءَ ۾ جيتن جو معمولي حملو نظر اچي ته هڪدم 100 ملي لٽر نمورين جو تيل ڪلهي واري ڦوهاري جي ٽبي ۾ وجهي هڪ چمچو سرف جي پائوڊر جو ملائي، چڱي طرح گڏائجي پوءِ واڙيءَ ۾ ڦوهارو ڪجي ۽ اهو ڦوهارو اٺين ڏينهن وري ورجائجي ته جيتن تي ضابطو اچي ويندو.

## نم جي ڪڙ جو استعمال:

نمورين مان تيل ڪيرائڻ کان پوءِ جيڪو ڪڙ بچي ٿو ان جا 5 ڪلو گرام 5 لٽر ٿڌڪندڙ پاڻيءَ ۾ وجهي 2 چمچا سرف جي پائوڊر جا وجهي چڱيءَ طرح ملائي ڍڪ ڏئي 24 ڪلاڪن تائين رکي ڇڏجي. جنهن بعد ان کي هٿن سان مهٽي سنهي ڪپڙي ۾ ڇاڻي هڪ سؤ ليٽر پاڻيءَ ۾ ملائي واڙيءَ تي ڦوهارو ڪجي.

## نمورين جي پائوڊر جو استعمال:

سڪل نمورين کي پاڻيءَ ۾ تيستائين پُسائجي جيستائين نمورين جون کلون نرم ٿي وڃن جنهن بعد نمورين جون کلون لاهي گورن کي ڇانوَ ۾ سڪڻ لاءِ رکجي، جڏهن گورا سڪي وڃن ته اُنهن کي پيهين يا ڪُٽي پائوڊر ٺاهجي. پائوڊر جي 3 ڪلو گرام وزن کي 24 ڪلاڪ پُسائي رکجي جنهن بعد ان کي سنهي ڪپڙي ۾ ڇاڻي هڪ سؤ ليٽر پاڻيءَ ۾ ملائي 8 کان 10 چمچا سرف وجهي ڦوهارو ڪجي.

## ٿوم جو ڦوهارو:

هڪ ڪلو ڪٽيل ٿوم 20 ڇانهن وارا چما (100 گرام) سرف يا صابڻ، 20 ڇانهن وارا چمچا ۽ هڪ ليٽر گاسليٽ ۽ 5 لٽر پاڻي جو ڳار ٺاهيو جنهن لاءِ ٿوم گاسليٽ ۾ 24 ڪلاڪ پسائي رکجي. ان کان پوءِ ان ۾ سرف يا صابڻ ۽ پاڻي وجهي چڱي طرح هلائي هلائي ڇاڻجي ڇاڻيل ڳار مان هڪ حصو ۽ 20 حصا پاڻي ملائي پاڇين تي ڦوهارو ڪجي ته جيت ضابطي ۾ رهندا.

## ٽماٽي جو ڳار:

هڪ سؤ پنجاهه گرام ٽماٽي جي پنن کي ننڍا ننڍا ٽڪر ڪري هڪ لٽر ٿڌڪندڙ پاڻيءَ ۾ وجهي ٻه چار ٿڌڪا ڏئي چلهي تان لاهي 12 ڪلاڪن لاءِ رکو. ٻارنهن ڪلاڪن کان پوءِ هٿ سان چڱي طرح مهٽي ڪنهن سنهي ململ جي ڪپڙي ۾ ڇاڻي پاڻي صاف بوتل ۾ وجهي رکو.

جڏهن پاڇين ۾ مهلو، اچي مک، جُون پن ڪترڻ وارا ڪينئان نظر اچن ته هڪ حصو تماڪ جي ڳار جو ۽ 10 حصا پاڻيءَ جا پاڻ ۾ ملائي ڦوهارو ڪريو.

## ڦودني جو ڦوهارو:

ڦودني جي هڪ ڪلو گرام پنن کي گهوٽي هڪ سؤ لٽر پاڻيءَ ۾ چڱيءَ طرح ملائي پاڇين تي ڦوهارو ڪريو ته پنن تي داغن وارين بيمارين کان بچاءُ ۾ مدد ملندي. ڦوهاري لاءِ حجامن جي دڪانن تي استعمال ٿيندڙ هٿ وارو ڦوهارو استعمال ڪجي.

## مال جي ڇيڻن جو ڦوهارو:

اڌ ڪلو گرام مال جا تازا ڇيڻا 5 لٽر پاڻيءَ ۾ وجهي چڱيءَ طرح ڳڏائي سنهي ڪپڙي ۾ ڇاڻي جراثيمي بيمارين جي ضابطي لاءِ پاڇين تي ڦوهارو ڪريو.

## چور ڪينئون ۽ پٽاٽا:

چور ڪينئون ٽماٽن، مرچن ۽ شمله مرچن کي ڏاڍو نقصان ڏئي ٿو. هي جيت رات جو نڪري بيجاري جي ڏانڊين کي ٽڪي ٿو. ان لاءِ بيجاري ۾ رات جي وقت پٽاٽن جا وڏا ڳترا ڪري ٻنن جي ويجهو رکي ڇڏجن، صبح جو اچي ڏسبو ته انهن ڳترن تي ڪينئان موجود هوندا جن کي هٿن سان ناس ڪجي.


| | | | |
|---|---|---|---|
| پٽاٽا | سست مهلو<br> | اميدا يا ڪونفيڊور | 200 کان 250 ملي لٽر |
| | سائو مهلو<br> | | |
| | پٽاٽي جو پوپٽ<br> | پروڪليم يا ٽائيمر يا ٿائي ڪون | 200 ملي لٽر 100 لٽر پاڻي ۾ |
| | آمريڪي ڪينئون<br> | | |
| | چور ڪينئون<br> | ميچ يا ڊرون يا اسٽورڊ | 100 ملي لٽر 100 لٽر پاڻي ۾ |
| | لشڪري ڪينئون<br> | | |
| | آڳاٽو ساڙ<br> | اسڪور يا ريڊومل گولڊ | 250 ملي لٽر 200 کان 250 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | بصر جو ساڙ ڍائوني ملڊيو   | ريڊومل گولڊ يا ڊائٿين ايم | 500 گرام |
| | پرپل بلاچ  | اينٽراڪول يا ڪاپر آڪسي ڪلورائيڊ يا ڊائيٿين | 500 گرام |
| | | اسڪور | 50 ملي لٽر |
| مٽر | چور ڪينئون  | پروڪليم يا ٿايمر يا ٿائي ڪون يا ميچ | 100 ملي لٽر 100 لٽر پاڻي ۾ |
| | آمريڪي يا لشڪري  | | |
| | چٽي وارو ڪينئون  | | |
| | ليف مائينر | ٽرائي گارڊ يا پوليٽرن سي يا ريڊينٽ | 30 ملي لٽر<br>60 ملي ليٽر<br>120 گرام |

| | | | |
|---|---|---|---|
| |  | | |
| | اچي مک<br> | ڪونفيڊور يا اميدا | 250 ملي لٽر |
| | اچي پائونڊري | ٿاپسن ايم | 200 گرام |
| | | اسڪور يا بائيٽان فوليئر | 50 ملي لٽر 100 لٽر پاڻي ۾ |
| پالڪ | سست مهلو<br> | ڪونفيڊور يا اميدا يا ڊيلفڪس | 250 ملي لٽر |
| | اچي مک<br> | | |
| | چور ڪينئون<br> | پروڪليم. يا ٿائيمر. يا ٿائي ڪون يا ميچ يا ڊرون | 100 ملي لٽر 100 لٽر پاڻي ۾ |
| | لشڪري ڪينئون<br> | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | نشان واري بيماري<br> | اسڪور يا ڏاءِ<br>فيناڪونازول | 50 ملي لٽر 100<br>لٽر پاڻي ۾ |
| هرڀو | چور ڪينئون<br> | پروڪليم، ٿائيمر،<br>ٿائي ڪون | 200 ملي لٽر |
| | آمريڪي ڪينئون<br> | ميچ يا ٻرون يا<br>ڊيلٽاميڪس<br>يا لارسبين | 125 کان 150<br>ملي لٽر<br>500 ملي ليٽر |
| | ٽڏ<br> | | |
| | | | |
| | نشان واري بيماري | اسڪور يا ڏاءِ<br>فيناڪونازول | 50 ملي لٽر 100<br>لٽي پاڻي ۾ |
| سلاد | سائو مهلو<br> | ڪونفيڊور | 250 ملي لٽر<br>100 لٽر پاڻي ۾ |
| | | نائٽي پائرم<br>يا ايڪٽارا | 200 سي سي<br>24 گرام 100 لٽر<br>پاڻي ۾ |
| | اڏوهي<br> | لارسبين | هڪ لٽر |
| | ٽڏ | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| |  | | |
| | چور ڪينئون<br><br>لشڪري ڪينئون<br> | پروڪليم يا ٿائيمر، يا ٿائي ڪون ميچ يا برون | 100 ملي لٽر 100 لٽر پاڻي ۾ |
| | | | |
| | نشان واري بيماري<br> | اسڪور يا ڊاءِ فينڪونازول | 50 ملي لٽر 100 لٽر پاڻي ۾ |
| ڏاٽا قودنو | سائو مهلو<br> | ڪينفيڊور | 250 ملي لٽر |
| | | ايڪٽارا | 24 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ |
| | اڏوهي<br><br>تڏ<br> | لارسبين | هڪ لٽر |
| | چور ڪينئون<br> | پروڪليم يا ٿائيمر يا ٿائي ڪون يا ميچ يا برون | 100 ملي لٽر 100 لٽر پاڻي ۾ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | |
| | | لشڪري ڪينئون<br> | |
| 50 ملي لٽر 100 لٽر پاڻي ۾ | اسڪور يا ڊاءِ فيناڪونازول | نشان واري بيماري<br> | |
| 250 ملي لٽر 80 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ | ڪونفيڊور يا اسيٽاميپرڊ يا پلينم | اڇي مک<br> | گل گوبي، بند گوبي |
| 200 سي سي | ڪونفيڊور يا نائٽي پائرم | سائو مهلو<br> | |
| 100 سي سي 500 سي سي | ڪونفيڊور يا ايڊوانٽيج | سست مهلو<br> | |
| 200 ملي لٽر | پروڪليم يا ٿائيمر يا ٿائي ڪون | ڊائيمنڊ بيڪ ماٿ گوبي جو ڪينئون | |

## زهرن جي استعمال جو صحيح طريقو:

1. جيڪو به زهر ڦوهارو ڪرڻو هجي ان جي مٿان ڏنل هدايتن کي پڙهي عمل ڪجي.
2. ڦوهاري ڪندڙ کي زهر جي اثر کان بچڻ لاءِ هٿن تي پلاسٽڪ يا ربڙ جا جوراب، اکين تي عينڪ، نڪ تي ماسڪ يا ڪپڙي جي پٽ، پيرن ۾ بوٽ ضرور پائڻ گهرجن.
3. ڦوهاري دوران کائڻ، پيئڻ ۽ سگريٽ ڇڪڻ جي بلڪل اجازت ناهي. اهڙو ڪوبه عمل ڪرڻ سان ڦوهارو ڪندڙ جي صحت خراب ٿيندي.
4. ڦوهاري ڪرڻ يا ڦوهاري ڪرڻ واري جاءِ تي ٻارن ٻچن، ٻين ماڻهن، جانورن ۽ ڪڪڙن وغيره کي هرگز اچڻ نه ڏجي.
5. ڦوهاري ڪرڻ کانپوءِ هڪدم ڦوهاري واريون خالي ٿيلهيون، بوتلون يا دٻا وغيره کڏ کٽي پوري ڇڏجن ۽ گهر جي ڪنهن به استعمال ۾ نه آڻجن.
6. ڦوهاري واري مشين کي وهندڙ پاڻيءَ ۾ هرگز نه ڌوئجي نه ته اهو پاڻي هيٺ جڏهن جانور يا ماڻهو يا پکي پکڻ پيئندا ته انهن جي صحت خراب ٿيندي.
7. ڦوهاري ڪيل باغ مان گهٽ ۾ گهٽ هفتو ڏهه ڏينهن ميوو نه پٽجي ۽ باغ ۾ پوکيل گاهه وغيره نه لٽجي ۽ جيڪڏهن پاڇي پوکيل هجي ته اها به هرگز نه پٽڻ گهرجي.
8. تيز هوا هلڻ مهل ڦوهارو هرگز نه ڪجي.
9. ڦوهاري واري اهڙي مشين استعمال ڪجي، جيڪا صحيح هجي.
10. ڦوهاري ڪرڻ جو مناسب وقت صبح يا شام آهي، منجهند جو گهٽي تيز اس ۾ ڦوهارو نه ڪجي.

# مڪئي - Maize



## زمين:

مڪئي جو فصل هر قسم جي زمين تي ٿئي ٿو پر زرخيز ۽ وڏيڪ نيڪال واري چيڪي زمين تمام موزون آهي. اهڙي طرح مڪئي جي پوک ۽ پيداوار لاءِ بهتر يا وڌيڪ نيڪال واري لٽاسي زمين جنهن ۾ وڌيڪ پاڻي جهلڻ جي صلاحيت هجي. جڏهن ته مڪئيءَ جو فصل 5.5 کان 8.5 زمين جي کارپڻ واري حد ۾ پوکي سگهجي ٿو. مڪئي جو فصل ڪلر وارين حالتن لاءِ غير موزون آهي ۽ ڪلراٺي زمين يا آبپاشي واسطي کارو پاڻي مڪئيءَ لاءِ موزون نه آهي.

## زمين جي تيار:

مڪئيءَ جي پوکي لاءِ نرم ۽ گهٽي تيار ٿيل زمين جي ضرورت آهي. جنهن کي 3 کان 5 هر ڏنا وڃن ۽ پتر پوري طرح پڇڻ گهرجن. زمين جي تياريءَ لاءِ پهريون هر ڪنر يا مڙيل هر ذريعي ڏيڻ گهرجي. جڏهن ضرورت پوي ته زمين کي هموار ڪجي.

## پوکيءَ جو وقت:

اناج لاءِ مڪئي جي پوکيءَ واسطي جولاءِ جي پهرين هفتي کان 15 آگسٽ وارو وقت وڌيڪ موزون آهي. گاهه لاءِ مڪئي جي پوکي فيبروري جي شروع کان آڪٽوبر تائين ڪري سگهجي ٿي. جڏهن ته فيبروري ۽ مارچ ۾ پڻ مڪئي اناج لاءِ پوکي سگهجي ٿي.

## پوکيءَ جو طريقو:

مڪئي جو فصل اناج ۽ سائي گاهه لاءِ پوکيو وڃي ٿو. جيڪڏهن اناج لاءِ مڪئي ناڙي واري طريقي ذريعي پوکي وڃي ته بهتر آهي ۽ قطارن جي وچ وارو مفاصلو 60 سينٽي ميٽر کان 75 سينٽي ميٽر هجڻ گهرجي. جيڪڏهن مڪئي گاهه لاءِ پوکي وڃي ته ڇٽ وارو طريقو بهتر آهي.

## ٻج جو مقدار:

اناج لاءِ پوکيل مڪئي واسطي ٻج جو مقدار 12 کان 15 ڪلوگرام في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي ۽ گاهه لاءِ پوکيل مڪئي واسطي 40 کان 50 ڪلوگرام في ايڪڙ استعمال ڪرڻ گهرجي.

## جنسون:

مڪئي جي پوکيءَ لاءِ سفارش ڪيل جنسون جهڙوڪ؛ اڪبر، نيلم، صدف، اڪيتي-72، سلطان، سنهري، DC-697, DC-59 ۽ ڪمپوزٽ-15 وغيره وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ آهن.

## ڀاڻ:

زمين جي زرخيزي قائم رکڻ ۽ فصل مان وڌيڪ پيداوار وٺڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته زمين ۾ وٿاڻ جو ڀاڻ يا ڪيميائي ڀاڻ ڏنو وڃي.
مڪئي جي فصل لڳائڻ کان 4 هفتا يا هڪ مهينو اڳ 15 کان 20 گاڏيون وٿاڻ جو ڀاڻ وجهي ۽ زمين ۾ چڱيءَ طرح ملايو وڃي. پر جيڪڏهن وٿاڻ جو ڀاڻ موجود نه آهي ته سائو ڀاڻ سفارش ڪيو وڃي. مڪئي جي فصل واسطي ڪيميائي ڀاڻ جو گهربل مقدار جنهن ۾ نائٽروجن 120 ڪلوگرام ۽ فاسفورس 60 ڪلوگرام في هيڪٽر ڏيڻ گهرجي.

## پاڻي:

اناج لاءِ پوکيل مڪئي جي فصل کي 6 کان 7 پاڻي ڏيڻ گهرجن. پهريون پاڻي 25 کان 30 ڏينهن پوکي بعد ڏيڻ گهرجي ۽ سلسليوار پاڻي 10 کان 15 ڏينهن جي وقفي ۾، فصل جي پچڻ تائين ڏيڻ

گهرجي. جڏهن ته گاهه لاءِ پوکيل فصل کي 2 کان 3 پاڻي ڏجن.

## گُڏ ڪيڻ:

گندگاهه سبب فصل جي پيداوار وڌيڪ اثر هيٺ اچي ٿي. تنهن ڪري اثرائتو گندگاهه جو خاتمو فصل جي پيداوار ۾ اضافو آڻي ٿو. مڪئي جي فصل ۾ هر پاڻي ڏيڻ کان بعد ضرورت پوي ته گُڏ ذريعي گندگاهه جو خاتمو آڻڻ گهرجي. جڏهن ته مڪئي ۾ ٻئي پاڻي ڏيڻ کان پوءِ فصل جي پاڙن تي مٽي چاڙهي وجي ته جيئن فصل ڪرڻ يا ليٽڻ کان بچي وڃي.

## لابارو:

مڪئي جي ڪٽائي سنگ پچڻ ۽ سنگ جي خشڪ ٿيڻ وقت ڪجي. سنگن کي اناج لاءِ پوکيل زمين مان ڪڍيو وڃي ۽ رهيل ڪانا ڪٽي ۽ سُڪايا وڃن، جيڪو بعد ۾ سڪل چاري لاءِ ڪتب اچي ٿو.

## پيداوار:

مڪئي جي في ايڪڙ اناج واري پيداوار 1000 کان 1600 ڪلوگرام آهي. جڏهن ته 2500 کان 3000 ڪلوگرام ڪڙب ۽ 12000 کان 16000 ڪلوگرام في ايڪڙ سائو گاهه ملي ٿو. مقامي جنسن مان اناج جي پيداوار 400 کان 500 ڪلوگرام في ايڪڙ ملي ٿي.



# جوئر
# Sorghum -

## زمين:

جوئر جو فصل زرخيز ۽ ڳري لٽاسي زمين ۾ تمام سٺو لڳي ٿو. پر ان ۾ گهٽ زرخيز زمين تي بهتر پيداوار ڏيڻ جي صلاحيت پڻ آهي. جوئر هر قسم جي زمين ۾ ڪاميابيءَ سان پوکي سگهجي ٿي. جهڙوڪ؛ ڳري چيڪي، وچولي لٽاسي، ڪلراٺي ۽ نامياتي مادي واري زمين ۽ اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن زمين زرخيز ۽ سٺي ڪيڙيل هوندي.

## زمين جي تياري:

سنڌ ۾ باراني علائقي ۾ جوئر جي محدود پوک ڪئي وڃي ٿي. جڏهن ته آبپاشي وارن علائقن ۾ جوئر گهٽي ايراضيءَ تي پوکي وڃي ٿي ۽ بهتر نتيجن واسطي زمين جي مڪمل تياري هجڻ گهرجي. جوئر جي پوکيءَ لاءِ 3 کان 4 خشڪ هر ڏيڻ گهرجن. جنهن کي بعد ۾ پتر پيچي ۽ هموار ڪيو وڃي. پهريون هر مٽي اٿلائيندڙ اوزار سان ڏيڻ گهرجي. نڍي قد وارين پاهرين جنسن لاءِ زمين جي تياري بهتر هئڻ گهرجي.

## ٻج جو مقدار:

اناج لاءِ پوکيل جوئر جي فصل واسطي 8 کان 10 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪجي. جڏهن ته سائي گاهه لاءِ ٻج جو مقدار ٻيڻو هجڻ گهرجي يعني 24 کان 28 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج پوکڻ گهرجي.

## پوکيءَ جو وقت:

اناج لاءِ جوئر جي پوک 15 جون کان جولاءِ جي آخري هفتي تائين پوکڻ گهرجي. جڏهن ته چاري لاءِ جوئر جي پوکي 15 فيبروري کان شروع ڪجي ۽ جولاءِ تائين پوکي وڃي.

## پوکيءَ جو طريقو:

جوئر جو اناج وارو فصل ناڙي رستي پوکيو وڃي ٿو. جڏهن ته گاهه يا چاري لاءِ پوکڻ واري جوئر ڇٽ ذريعي پوکي وڃي ٿي. اهڙيءَ طرح اناج لاءِ جوئر جي ناڙي واري پوک بهتر نتيجا ڏئي ٿي. فصل جي قطارن جو مفاصلو به فٽ سفارش ڪيو وڃي ٿو پر ٻوٽن جي وچ ۾ 3 کان 4 انچ مفاصلو بهتر پيداوار جو ضامن آهي.

## جنسون:

جوئر سنڌ جو اهم اناج وارو فصل آهي. هن فصل جو ٻن قسمن جون جنسون آهن. جيڪي مقامي ڊگهي قد واريون جنسون ۽ ننڍي قد واريون ٻاهريون جنسون شامل آهن. فصل جون مقامي سطح تي جنسون علائقي جي مناسبت سان هيٺ ڏجن ٿيون.

## (الف) مقامي جنسون (Local Varieties):

| | |
|---|---|
| نوابشاهه ۽ سکر لاءِ | : سَرو، ڪارٿُهو |
| جيڪب آباد لاءِ | : ڳاڙهي، جانپر، الک |
| لاڙڪاڻي، سکر ۽ خيرپور لاءِ | : اڇو بازيگر |
| دادو لاءِ | : اڇو ڪوڏري |
| سکر لاءِ | : اڇو ڪارٿهو |

جڏهن ته نيون سفارش ڪيل جوئر جي جنس ۾ خاص ڪري هيٺ ڏنل جنسون آهن، جنهن لاءِ صرف پنجاب جي ساهيوال جو علائقو شامل آهي.

1. پاڪ SS-II
2. A-4009

## (ب)ننڍي قد واريون جنسون (Dwarf varieties):

جوئر جي فصل جون نيون سفارش ڪيل جنسون جيڪي اناج لاءِ پوکيون وڃن ٿيون. انهن ۾ ننڍي قد واريون جنسون اچن ٿيون. جيڪي پڻ وڌيڪ پيداوار ڏين ٿيون .جنهن ۾:

1. ميلوليند (Meloland)، 2. شاهين جنس.

## (ت)سائي گاهه واريون جنسون (Green fodder varieties):

| | |
|---|---|
| نوابشاهه لاءِ | : اچو ڪارٺو |
| حيدرآباد لاءِ | : ڪمندري |
| نوابشاهه لاءِ: | : اڇي تري |
| دادو ۽ نوابشاهه | : ڳاڙهي تري |

## ڀاڻ ڏيڻ:

سنڌ ۾ هي فصل اڪثر حالتن ۾ ڪنهن به قسم جي زمين ۾ پوکي سگهجي ٿو. پر وڌيڪ پيداوار وٺڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته هي فصل زرخيز زمين تي پوکيو وڃي. جيڪڏهن زمينون زرخيز نه آهن ته انهن ۾ گهربل ڪيميائي ڀاڻ يا وٿاڻ جو ڀاڻ مهيا ڪيو وڃي. باراني علائقن ۾ سڄو ڌيان بارش جي گهٽائيءَ تي آهي. جڏهن ته زمين جي زرخيزي هن فصل جي پوک لاءِ ايتري اهم نه آهي. جوئر جي پوک لاءِ 15 گاڏيون وٿاڻ جو ڀاڻ زمين ۾ پوکيءَ کان هڪ مهينو اڳ في ايڪڙ ڏنو وڃي.

جوئر جي ننڍي قد وارين جنسن جهڙوڪ؛ شاهين ۽ ميلوليند لاءِ ڀاڻ نائٽروجن 120 ڪلوگرام ۽ 60 ڪلوگرام فاسفورس في هيڪٽر سفارش ٿيل آهي. مقامي جنسن لاءِ ان سفارش ڪيل ڀاڻ جو اڌ مقدار يعني 60 ڪلوگرام نائٽروجن ۽ 30 ڪلوگرام فاسفورس في هيڪٽر ڏنو وڃي ٿو. جڏهن ته سائي گاهه لاءِ پوکيل جوئر واسطي ڀاڻ جو مقدار وڌائي ۽ گهٽائي سگهجي ٿو. اڪثر حالتن ۾ سائي گاهه لاءِ پوکيل جوئر ۾ نائٽروجن ڀاڻ ڏنو ويندو آهي.

## پاڻي ڏيڻ:

پاڻي فصل جي واڌ ۽ پيداوار ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. ڪجهه فصل گهٽ پاڻي کڻن ٿا ۽ ٻيا پاڻي جو وڌيڪ مقدار وٺن ٿا. جڏهن ته جوئر خشڪ فصل آهي.

جوئر ۾ پهريون پاڻي 3 کان 4 هفتا پوکيءَ کان بعد ڏيڻ گهرجي ۽ سلسليوار آبپاشي 15 ڏينهن جي وقفي تي ڪئي وڃي. هن فصل لاءِ 3 کان 4 پاڻي ڏيڻ جي ضرورت پوي ٿي. ٽنهنڪري هن جي واڌ واري مرحلي دوران 10 کان 12 ايڪڙ انچ پاڻي گهرجي. جوئر جي فصل ۾ اها خوبي آهي ته ناموافق حالتن ۾ پنهنجي واڌ روڪي ٿو ۽ جڏهن حالتون موافق ٿين ٿيون ته پنهنجي واڌ جاري رکي ٿو.

## گُڏ ڪيڻ:

فصل مان گندگاهه جي صفائي لاءِ ان ۾ گُڏ ڪرڻ لازمي آهي. جوئر جي فصل ۾ هڪ کان ٻه گُڏون ڪيڻ گهرجن. جنهن لاءِ ڪوڏر يا چنجور جو استعمال ڪيو وڃي. اهڙي طرح فصل مان گندگاهه ختم ٿي ويندا ۽ پيداوار ۾ به اضافو ايندو.

## پيداوار:

باراني علائقي ۾ جوئر جي اناج واري پيداوار 5 کان 7 مڻ في ايڪڙ آهي. جڏهن ته آبپاشي وارن علائقن ۾ 8 کان 10 مڻ في ايڪڙ پيداوار ملي ٿي. اهڙيءَ طرح باراني علائقن ۾ 20 کان 25 مڻ جوئر جي ڪڙٻ ملي ٿي ۽ آبپاشي وارن علائقن ۾ 40 مڻ في ايڪڙ ڪڙٻ حاصل ٿئي ٿي.

باراني علائقن ۾ سائي گاهه جي پيداوار 2200 کان 2800 ڪلوگرام آهي ۽ آبپاشي وارن علائقن ۾

سائي گاهه جي پيداوار 8000 کان 10000 ڪلوگرام في ايڪڙ آهي. جڏهن ته ننندي قدر وارن جنسن ميلوليندڙ ۽ شاهين مان اسان جي حالتن ۾ اناج جي پيداوار 2000 ڪلوگرام في ايڪڙ ڏين ٿيون.



# Millet - ٻاجهري

## زمين:

ٻاجهري جو فصل هر قسم جي زمين تي ٿئي ٿو. هي فصل سم واري زمين ۾ نٿو ٿئي. هن فصل ۾ ڪلر وارين حالتن جي برداشت جي صلاحيت آهي. جتي ٻاجهري، ڪڻڪ ۽ ڪپهه جي پيٽ ۾ وڌيڪ اپري ٿو.
هي فصل گهٽ زرخيزي زمين تي پوکي سگهجي ٿو. جتي وڌيڪ پيداوار وٺڻ لاءِ اضافي ڀاڻ جو مقدار ڏنو وڃي ٿو. جڏهن ته ٻاجهري جي فصل لاءِ وارياسي لٽ واري زمين بهتر آهي. اهڙي زمين ۾ 15 کان 20 گاڏيون وٿاڻ جو ڀاڻ في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي. ٻاجهري جي پوک لاءِ تمام هوادار ۽ گهٽ زرخيزي وارياسيون زمينون گهرجن. جڏهن ته ڳريون زمينون ٻاجهري لاءِ غير موزون آهن.

## زمين جي تياري:

هن فصل لاءِ ڪنهن خاص قسم واري زمين جي تياري جي ڪابه ضرورت نه آهي. ٻاجهري جي سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ 2 کان 3 هر ڏيئي سانهر ڏنو وڃي. باراني علائقن ۾ چوماسي جي برساتن کان پهريائين زمين جي تياري مڪمل ڪئي وڃي. ائين ڪرڻ سان زمين ۾ پاڻي جي جاذبيت واري صلاحيت وڌي ويندي.

## ٻج جو مقدار:

اناج لاءِ پوکيءَ واري ٻاجهري واسطي 3 کان 4 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪرڻ گهرجي. جڏهن ته سائي گاهه يا چاري لاءِ ٻج جو مقدار 10 کان 20 ڪلوگرام في ايڪڙ سفارش ڪيو وڃي ٿو.

## جنسون:

سنڌ ۾ ٻاجهري جون ٻه جنسون جهڙوڪ C-48 ۽ C-18 عام پوکيون وڃن ٿيون. جڏهن ته ٻاجهري جي نئين جنسن ۾ 84-18، 84-4 ۽ IC-8206 پوکيءَ هيٺ آهن.

## پوکيءَ جو وقت:

اناج لاءِ ٻاجهري جي پوکڻ جو وقت جون ۽ جولاءِ کان 15 آگسٽ تائين موزون آهي. جڏهن ته سائي گاهه لاءِ پوکيل ٻاجهري واسطي بهتر وقت اپريل آهي. هي فصل گاهه لاءِ آگسٽ تائين پوکي سگهجي ٿو.

## پوکيءَ جو طريقو:

ٻاجهري جي پوکي ناڙي ذريعي وڌيڪ بهتر آهي. پر فصل جي پوک ڇٽ ۽ ناڙي ذريعي ڪئي وڃي. ناڙي ذريعي پوکيل ٻاجهري لاءِ قطارن ۽ ٻوٽن وارو مفاصلو ”9 x “12 سفارش ڪجي ٿو.

## ڀاڻ:

هن فصل لاءِ ڀاڻ وڏي پيماني تي استعمال نٿو ٿئي. ۽ عام حالتن ۾ ٻاجهري جو فصل وٿاڻ جي ڀاڻ ۽ ڪيميائي ڀاڻ کان سواءِ پوکيو وڃي ٿو. پر وڌيڪ اهم فصل لاءِ هڪ ٻوري يوريا في ايڪڙ پوکيءَ وقت ڏيڻ گهرجي.

## آبپاشي:

ٻاجهري مختصر موسم يا گهٽ وقفي وارو فصل آهي. جنهن جي ڇڇڻ لاءِ ٻه کان اڍائي مهينن جو وقت گهرجي. هن فصل لاءِ گهٽ مقدار ۾ پاڻي گهرجي. ٻاجهري لاءِ 2 کان 3 پاڻي گهرجن. پهريون

پاڻي پوکيءَ کان 30 ڏينهن جي اندر ڏجي ۽ باقي آبپاشي جو پاڻي 15 ڏينهن جي وقفي تي ڏيڻ گهرجي.

## لابارو:

باجهري جو فصل چِٽُ واري موسم يعني سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر جي مهينن ۾ پچي ٿو ۽ لاباري لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو.

## پيداوار:

باراني علائقن ۾ اناج لاءِ پوکيل باجهري جي پيداوار 5 مڻ في ايڪڙ آهي. ۽ آبپاشي وارن علائقن ۾ 10 کان 12 مڻ في ايڪڙ پيداوار ملي ٿي. جڏهن ته سائي گاهه جي پيداوار 300 کان 400 مڻ في ايڪڙ آبپاشي وارن علائقن اندر ورتي وڃي ٿي. ۽ باراني علائقن ۾ باجهري جي سائي گاهه جي پيداوار 200 مڻ تائين آهي.



# برسيم
# Egyption Clover

## زمين:

برسيم جي پوک وارياسي کان چيڪي زمين ۾ ڪري سگهجي ٿي. هي فصل مختلف زمينن اندر پوکيو وڃي ٿو. جنهن ۾ وارياسي کان ڳريون لٽياسيون زمينون جنهن ۾ نيڪال سٺو هجي اهي بهتر آهن. جڏهن ته برسيم جا ٻوٽا ڪلر وارين زمينن کي برداشت ڪن ٿا.

## زمين جي تياري:

برسيم ٻگهي پاڙ وارو فصل آهي. جنهن لاءِ زمين جي تياري بهتر نموني ڪئي وڃي ٿي. هن فصل جي پوک لاءِ 3 کان 4 هر ڏئي پٽر پچي زمين کي هموار ڪجي. پاڻي ڏيڻ بعد بيٺل پاڻي ۾ برسيم جو ٻج ڇٽ ڪرڻ گهرجي.

## پوکيءَ جو وقت ۽ طريقو:

هن فصل جي پوک 15 سيپٽمبر کان 15 نومبر تائين ڪري سگهجي ٿي. جڏهن ته اهي علائقا جتي گرمي جو درجو وڌيڪ هجي ان حالت ۾ برسيم آڪٽوبر مهيني ۾ پوکيو وڃي ٿو.
برسيم جي پوکي ڇٽ ذريعي ڪئي وڃي ٿي. هن فصل جي پوک لاءِ پهريائين زمين کي پاڻي ڏجي. ان بعد بيٺل پاڻيءَ ۾ برسيم جو ٻج ڇٽ ڪجي. هي فصل وونئڻ ۽ مڪئي جي بيٺل فصل ۾ پوکيو وڃي ٿو. جنهن لاءِ آڪٽوبر جي مهيني ۾ وونئڻ ۽ مڪئي کي پاڻي ڏجي ۽ بعد ۾ برسيم جو ٻج ڇٽ ڪجي. جڏهن ته سارياڻ جي علائقي ۾ برسيم جي پوک سارين جي فصل جي لاباري بعد ڪئي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ ته هن علائقي جي زمين جي سڌاري واسطي سارين ۽ برسيم جي وارڦير ڪئي وڃي ٿي ته جيئن زمين مان ڪلر جو خاتمو ٿئي.

## جنسون:

هن فصل لاءِ مقامي جنس پوکي وڃي ٿي. جنهن ۾ پنن ۽ رسدار ڏانڊين جو گهڻو مقدار ٿئي ٿو.

## ٻج جو مقدار:

هن فصل لاءِ 10 کان 12 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪجي. ڇاڪاڻ ته ٻج سنهي هجڻ سبب ان جو مقدار وڌائي سگهجي ٿو.

## پاڻ ڏيڻ:

هن فصل کي عام ڪري پاڻ نه ڏنو ويندو آهي. پر زمين اندر هڪ ٻئي پٺيان لڳاتار فصل پوکڻ سبب زمين جي زرخيزيءَ تي اثر پوي ٿو ۽ پيداوار گهٽ ملي ٿي. تنهنڪري زمين جي زرخيزي کي قائم رکڻ لاءِ پاڻ ڏيڻ ضروري آهي. هن فصل جي پوکيءَ لاءِ اڌ ٻوري يوريا ۽ ڏيڊ ٻوري ڊي-اي-پي پاڻ في ايڪڙ پوکيءَ کان اڳ ڏيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته فاسفورس پاڻ نه فقط فصل جي پيداوار وڌائي ٿو پر ان جي خاصيت تي پڻ سٺو اثر ڏيکاري ٿو. جڏهن ته فصل جي پهرين لوب يا لاباري بعد يوريا پاڻ جي اڌ ٻوري ڏيڻ گهرجي. جنهن سان فصل سائو ۽ سرسبز ٿيندو ۽ واڌ جلدي ٿيندي.

## پاڻي ڏيڻ:

هن فصل جي پوکيءَ بعد ٻه هلڪا پاڻي هفتي اندر ڏيڻ گهرجن ته جيئن سٺو ڦوٽهڙو ٿئي. ڇاڪاڻ ته

جلدي پاڻي ڏيڻ سبب سلا جلدي ساوا ٿيندا ۽ واڌ تيز ڪندا. هن فصل ۾ مجموعي طور 8 کان 10 پاڻي ڏيڻ گهرجن. جيڪي 10 کان 15 ڏينهن جي وقفي سان ڏيڻ گهرجن.

## گندگاهه:

هن فصل ۾ عام طور گُڏ يا گندگاهه ڪيڻ جي ضرورت نه آهي. پر هن فصل ۾ جيڪڏهن بصري، ڪاسي، سنجهه ۽ جهل نظر اچن ته هٿ ذريعي ڪڍي ڇڏجن.

## برسيم جي ڪٽائي:

هن فصل جي پهرين ڪٽائي يا پهريون لوب هڪ مهيني جي اندر وٺڻ گهرجي ۽ سلسلي وار ڪٽائي ٻن يا ٽن هفتن بعد ڪندو رهجي. جڏهن ته آخري ڪٽائي بعد هن فصل کي سائي ٻاڻ لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿو.

## پيداوار:

هن فصل مان 800 کان 1000 مڻ سائو چارو ملي ٿو. جڏهن ته ٻج لاءِ پوکيل برسيم مان 8 کان 10 مڻ في ايڪڙ ٻج ملي ٿو.

# لوسڻ- Alfalfa



## زمين:

هن فصل جي پوکيءَ لاءِ زرخيز لٽياسي زمين کان هلڪي زرخيز زمين جو قسم بهتر آهي. جنهن ۾ پاڻيءَ جي نيڪال وارو سرشتو بهتر آهي. لوسڻ جون پاڙون تمام هيٺ زمين ۾ وڃن ٿيون. ان ڪري لوسڻ ۾ سوڪهڙي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت آهي. جڏهن ته دوباري، بوسي يا خشڪ علائقن ۾ هلڪي ڪلر واريون زمينن ۾ لوسڻ ڪاميابيءَ سان پوکي سگهجي ٿو.

## زمين جي تياري:

لوسڻ دائمي قسم جو فصل آهي. جيڪو بهتر حالتن سبب زمين تي 6 کان 7 سالن تائين موجود رهي ٿو. ان ڪري لوسڻ جي پوک لاءِ زمين جي تياري بهتر نموني ڪرڻ گهرجي. زمين کي 3 کان 4 اونها هر ڏئي، پر پيچي ان کي هموار ڪجي. گندگاهه جي ٻوٽن کي فصل پوکڻ کان اڳ ختم ڪيو وڃي.

## پوکيءَ جو وقت ۽ طريقو:

لوسڻ جو فصل 15 سيپٽمبر کان 15 نومبر تائين پوکي سگهجي ٿو. پر آڪٽوبر جو مهينو سڀ کان بهتر آهي. هي فصل ناڙي ذريعي پوکڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته قطارن ۾ پوکيل فصل سائي گاهه ۽ ٻج جي پيداوار وڌيڪ ڏئي ٿو. ٻج ناڙي ڪرڻ وقت اهو خيال ڪجي ته جيئن ٻج ڏيڊ انچ کان وڌيڪ هيٺ نه وڃي. لوسڻ ڪرين تي به پوکيو وڃي ٿو. جنهن ۾ ٻن ڪرين جي وچ ۾ مفاصلو ڏيڊ کان ٻه فٽ هجڻ گهرجي. جڏهن ته لوسڻ جو فصل آلي زمين ۾ ڇٽ ذريعي پوکي سگهجي ٿو.

## ٻج جو مقدار:

لوسڻ جي ناڙي ذريعي پوک لاءِ 5 کان 6 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪجي. جڏهن ته ڇٽ ڪيڙ واري پوک لاءِ 8 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪيو وڃي.

## ڀاڻ ڏيڻ:

لوسڻ جي فصل مان وڌيڪ پيداوار وٺڻ لاءِ وٿاڻ جو ڳريل سڙيل ڀاڻ ڏيڻ ضروري آهي. جڏهن ته فصل پوکڻ وقت اڌ ٻوري ڊي اي پي يا هڪ ٻوري نائٽروفاس استعمال ڪجي.

## پاڻي ڏيڻ:

فصل ۾ پهريون پاڻي پوکيءَ جي ٻن ڏينهن اندر ڏجي. اونهاري ۾ 10 کان 15 ڏينهن ۽ سياري ۾ 15 کان 20 ڏينهن جي وقفي ۾ ڏجي.

## گندگاهه ۽ ڳُڏ ڪيڻ:

لوسڻ جي شروعاتي واڌ واري مرحلي دوران گندگاهه جي ٻوٽن جي تڪڙي واڌ ٿئي ٿي. جيڪڏهن ان عرصي دوران گندگاهه کي ختم نه ڪيو ويو ته اهي لوسڻ کي نقصان ڏيندا. جنهنڪري پيداوار ۽ ان جي خاصيت متاثر ٿيندي. لوسڻ جي پوکيءَ بعد پهرين ٽن مهينن دوران ڪوڏر جي مدد سان ڳُڏ ڪجي ته جيئن فصل جي واڌ ۽ ڦوٽهڙو بهتر ٿئي.

## لوسڻ جي ٻج جي تياري:

لوسڻ جي ٻج جي تياري جي لاءِ بهتر موسم بهار آهي. جنهن ۾ فيبروري واري مهيني ۾ ڪٽائي بند ڪجي. لوسڻ جا ٻج اپريل مهيني ۾ پڇي لاباري لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا. عام طور فصل مان 5 کان 6

لوب وٺي سگھجن ٿا.

## پيداوار:

عام حالتن ۾ لوسڻ مان 400 کان 500 مڻ في ايڪڙ سائو گاهه وٺي سگھجي ٿو. جڏهن ته ٻج لاءِ پوکيل فصل مان بهتر حالتن ۾ 4 کان 8 مڻ في ايڪڙ ٻج يا 150 کان 350 ڪلوگرام ٻج في ايڪڙ وٺي سگھجي ٿو.

# جنتر يا ڍانچو
# Sesbania



## زمين:

جنتر جو فصل هر قسم جي زمين ۾ پوکيو وڃي ٿو. جنهن ۾ سم ۽ ڪلر واريون زمينون اڇي وڃن ٿيون. جڏهن ته چيڪي ۽ لٽياسي زمين ۾ به هي فصل پوکي سگهجي ٿو. عام طور هي فصل ڪلراٺي زمينن ۾ ئي پوکيو ويندو آهي.

## زمين جي تياري:

هن فصل جي پوکيءَ لاءِ زمين کي 2 کان 3 سڪيءَ جا هر ڏئي سانهر يا پاٽيو گهمائي سنوت ۾ آڻجي. زمين ۾ پتر هجن ته اهي پڃي چڱڻ گهرجن ۽ بعد ۾ پوکي ڪجي.

## پوکيءَ جو وقت ۽ طريقو:

هي فصل سنڌ ۾ مارچ کان جولاءِ تائين پوکي سگهجي ٿو. عام طور تي جنتر جي پوک ڇٽ ذريعي ڪئي وڃي ٿي. جنهن جو ٻج ٻيٺل پاڻي ۾ هٿ سان ڇٽ ڪجي.

## ٻج جو مقدار:

هن فصل لاءِ عام طور تي ٻج جو مقدار 12 کان 30 ڪلوگرام في ايڪڙ استعمال ڪجي. جيڪڏهن جنتر ٻج لاءِ پوکجي ته ٻج جو مقدار 12 ڪلوگرام ۽ مال جي چاري لاءِ يا سائي ڀاڻ لاءِ پوکجي ته پوءِ 20 کان 30 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪجي. جڏهن ته ٻج جو مقدار زمين جي قسم ۽ آبهوا جي لحاظ مطابق گهٽائي ۽ وڌائي سگهجي ٿو.

## ڀاڻ ڏيڻ:

عام طور تي هن فصل ۾ ڀاڻ استعمال نٿو ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ ته جنتر ۾ نائٽروجن جي جمع ڪرڻ واري صلاحيت وڌيڪ آهي.

## پاڻي ڏيڻ:

جنتر جي پوک ڇٽ ذريعي ٻيٺل پاڻيءَ ۾ ڪئي وڃي ٿي. هن فصل کي پوکيءَ بعد پهريون پاڻي 30 ڏينهن بعد ڏنو وڃي ۽ باقي بيا رهيل پاڻي 15 ڏينهن جي وقفي بعد ڏجن. گندگاهه جون پاڙئون هٿ سان ڪيجن.

## پيداوار:

هن فصل مان سائو گاهه 350 مڻ في ايڪڙ ۽ ٻج 12 مڻ في ايڪڙ ملي ٿو.



# Cluster bean گوار

-

## زمين:

گوار هر قسم جي زمين تي ٿي سگهي ٿي. پر هن فصل لاءِ وڌيڪ موزون وارياسي لٽياسي زمين آهي. هن جي پوک بهتر نيڪال واري چيڪي زمين تي به ڪري سگهجي ٿي. ٿر ۽ ڪاڇي ۾ هن فصل جي پوک عام ٿئي ٿي.

## زمين جي تياري:

گوار جي پوک لاءِ زمين کي ٻه يا ٽي هر ڏئي ۽ سانهر گهمائي هموار ڪجي. ۽ بعد ۾ برسات يا ريج واري پاڻيءَ تي پوکي ڪجي.

## پوکيءَ جو وقت ۽ طريقو:

سائي گاهه لاءِ گوار جي پوکي اپريل کان جولاءِ تائين ڪرڻ گهرجي. جڏهن ته پوکيءَ جو بهتر وقت جون-جولاءِ آهي. برساتي علائقي ۾ گوار جي پوک چوماسي جي موسم ۾ ڪجي. گاهه لاءِ پوکي واسطي ڇٽ وارو طريقو بهتر ٿيندو.

## ٻج جو مقدار:

سائي گاهه لاءِ گوار جي پوکيءَ واسطي 25 کان 30 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪجي.

## پاڻ ڏيڻ:

هن فصل ۾ هڪ بوري ڊي-اي-پي پوکيءَ وقت ڏيڻ گهرجي.

## پاڻي ڏيڻ:

هن فصل لاءِ 2 کان 3 پاڻي ڪافي آهن. پهريون پاڻي پوکيءَ جي 30 ڏينهن اندر ڏجي ۽ باقي سلسليوار پاڻي ٽن هفتن جي وقفي سان ڏيڻ گهرجن.

## ڪٽائي ۽ پيداوار:

گوار جي فصل جي گاهه لاءِ ڪٽائي پوکيءَ جي ٻن کان اڍائي مهينن بعد ڪرڻ گهرجي. هن فصل مان آبپاشي جي علائقي ۾ 300 مڻ سائو چارو ۽ باراني علائقي ۾ 150 مڻ في ايڪڙ سائو گاهه ملي ٿو.



# انب - Mango

نئين باغ لڳائڻ لاءِ سڀ کان پهرين جنهن زمين ۾ باغ لڳائڻو هجي ان زمين جي مٽي چڪاس ڪرائڻ گهرجي. مٽي چڪاس لاءِ زراعت کاتي حڪومت سنڌ جون مٽي ۽ پاڻي جي چڪاس واريون ليبارٽريون اڪثر ڪري هر ضلعي ۾ موجود آهن. جتان آسانيءَ سان پنهنجي زمين جي مٽي چڪاس ڪرائي سگهجي ٿي.
مٽيءَ جي چڪاس مان پتو پوندو ته اها زمين انبن جي باغ لاءِ ڪيتري مناسب آهي ۽ ان زمين کي ڪهڙي طرح تيار ڪري باغ لڳائجي. ان کان علاوه ڪهڙا ۽ ڪيتري مقدار ۾ ڀاڻ ڏيڻ گهرجن.

## باغ لڳائڻ جو وقت:

## باغباني جون مدون:

| 1. بهار جي موسم (فيبروري کان مارچ) | 2. سرءُ جي موسم (آگسٽ کان سيپٽمبر) |
|---|---|

بهار جي موسم ۾ انبن جو باغ لڳائڻ نسبتا بهتر خيال ڪيو وڃي ٿو. ان موسم ۾ ٻوٽو سٽل هوندو آهي. ۽ نرسري کان باغ لڳائڻ واري زمين ۾ منتقل ڪرڻ سان نقصان جو انديشو گهٽ ۾ گهٽ هوندو آهي. پر منتقليءَ جي ڪجهه عرصي کانپوءِ گرم ۽ خشڪ موسم شروع ٿي ويندي آهي. جنهن ۾ انهن ننڍين چڪين جي حفاظت ۽ پاڻيءَ جي ضرورت جو خيال رکڻ گهرجي. ته جيئن گرم موسمي اثر ۽ پاڻي جي کوٽ سبب مري نه وڃن.
اهڙي طرح وري سرديءَ جي موسم شروع ٿيڻ ۽ پاري پوڻ کان پهرين ٻوٽا زمين ۾ پنهنجون پاڙون مضبوط ڪري وٺندا آهن. جنهن جي ڪري انهن ۾ پاري کان بچاءُ جي طاقت ججهي ٿي ويندي آهي. پر پوءِ به پاري پوڻ وارن ڏينهن ۾ حفاظت جي ڪاڻ ننڍن ٻوٽن کي ڍڪڻ گهرجي.
**باغ جو سٽاءُ:** انبن جي باغ لڳائڻ لاءِ قطار کان قطار ۽ چڪي کان چڪيءَ جي وچ ۾ هڪ جيترو مفاصلو رکڻ گهرجي. ۽ اهڙي طريقي لڳايل باغ ۾ ان جي ننڍي عمر دوران ٻيا فصل پوکڻ ۾ به آساني ٿئي ٿي. باغ لڳائڻ وقت اهو احتياط ضروري آهي ته ننڍي قد ۽ گهٽ گهير واريون جنسون (نيلم، امر پالي، رتنا، محموده، ملڪه، سينسيشن، دسهڙي ۽ انور رتول وغيره 7x7 کان 9x9 ميٽر- 23x23 کان 30x30 فوٽ) جي مفاصلي ۽ وڌيڪ گهير واريون جنسون جهڙوڪ؛ لنگڙو، سنڌڙي، چونسو، فجري ۽ ثمر بهشت وغيره 12x12 ميٽر کان 40x40 فوٽن جي مفاصلي تي لڳائجن.
نين چڪين کي سنهين نالين ذريعي ننڍا چلها ٺاهي پاڻي ڏنو وڃي ته وڌيڪ بهتر آهي. چاڪاڻ ته باغن ۾ ٻيو فصل پوکي پاڻي ڏيڻ سان وڻ پاڙون پري پري هٽن ٿا. جنهن جي ڪري بعد ۾ تيار باغ وارن وڻن کي وڌيڪ خوراڪ ۽ پاڻيءَ جي گهرج ٿئي ٿي.

## چڪين جو في ايڪڙ تعداد:

| 7x7 ميٽر = 72 چڪيون | 9x9 ميٽر= 48 چڪيون | 12x12 ميٽر = 24 چڪيون |
|---|---|---|

## کڏا کوٽڻ ۽ چڪيون لڳائڻ:

باغ لڳائڻ لاءِ زمين ۾ نشان لڳائڻ کانپوءِ انهن جڳهن تي 3 فوٽن جا ويڪرا ۽ 3 فوٽ اونها کڏا کوٽڻ وقت کڏي جي مٿين اڌ فوٽ جي مٽي هڪ طرف ڪري رکو. ۽ کڏن کي 3 کان 4 هفتن جي لاءِ کليل ڇڏي ڏيو ته جيئن هوا ۽ اس لڳڻ سان کڏي ۾ موجود جراثيم ختم ٿي وڃن.
کڏو ڀرڻ وقت مٿين حصي واري مٽي ۽ هڪ حصو ڳريل سڙيل وٿاڻ جو ڀاڻ ۽ هڪ حصو لٽ ۽ 3 ڪلوگرام سنگل سپر فاسفيٽ ۽ 3 ڪلوگرام جپسم ملائي کڏي کي زمين جي سطح کان 4 کان 6 انچ

مٽي تائين پريو ته جيئن پاڻي ڏيڻ کانپوءِ مٽي ويهي زمين جي سطح تي بيهي. ان کانپوءِ کڏن کي پاڻي ڏيو ۽ وٽ اچڻ تي کڏن ۾ هلڪي گڏ ڪري ٻيهر پاڻي ڏيو ۽ ٻيهر ٺَ اچڻ تي کڏن کي چڪين جي مناسبت سان ڪوٽي انهن ۾ ڇڪيون ويهاريو.

## ڀاڻ ڏيڻ جو طريقو:

ڀاڻ ٽڙ جي ڏکي سميت هڪ فوٽ ڇڏي ڪري وڻ جي چوڌاري گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ ميٽر اندر ڇٽي گڏ ڪجي. ۽ گڏ ڪان پوءِ فوري پاڻي ڏجي. ڀاڻ ڏيڻ کان پهرين وڻ جي ٽڙ سان اٽڪل منو فوٽ مٽي چاڙهجي ته جيئن ٽڙ کي سڌو سنئون پاڻي نه لڳي.

| انب جي باغ لاءِ ڪيميائي ڀاڻن جون سفارشون | | | |
|---|---|---|---|
| وڻن جي عمر | ٻور اچڻ کان اڳ | انبڙيون ٺهڻ کانپوءِ | انب پٽڻ کانپوءِ |
| 2 کان 5 سال | هڪ ڪلوگرام يوريا يا پوٽا 2 ڪلوگرام امونيم نائٽريٽ | هڪ ڪلوگرام يوريا يا پوٽا 2 ڪلوگرام امونيم نائٽريٽ | 30 ڪلوگرام ديسي ڀاڻ ۽ اڍائي ڪلوگرام سنگل سپرفاسفيٽ ۽ منو ڪلوگرام پوٽاش وارو ڀاڻ |
| 5 کان 10 سال | ڏيڍ ڪلوگرام يوريا يا اڍائي ڪلوگرام امونيم نائٽريٽ ۽ هڪ ڪلوگرام پوٽاش وارو ڀاڻ | ڏيڍ ڪلوگرام يوريا يا اڍائي ڪلوگرام امونيم نائٽريٽ ۽ هڪ ڪلوگرام پوٽاش ڀاڻ | 50 ڪلوگرام ديسي ڀاڻ ۽ 3 ڪلوگرام سنگل سپرفاسفيٽ ۽ هڪ ڪلوگرام پوٽاش وارو ڀاڻ |

**نوٽ:** ڀاڻ ڏيڻ وقت زمين جي قسم کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي. اُن لاءِ جيڪڏهن زمين ڀلي هجي ته يوريا ڏيڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن زمين پڪي ۽ کُهري هجي ته اُن ۾ امونيم نائٽريٽ ڏجي.

**ڦوهاري ذريعي ڀاڻ جو استعمال:** انبن جي باغ جي زمين ۾ ڀاڻ ڏيڻ سان گڏ هيئين ڀاڻن جا به ڦوهارا پهريون ٻور اچڻ کان اڳ ۽ ٻيو انبڙيون ٺهڻ بعد ڪرڻ گهرجن. انهن ڀاڻن جي ڦوهاري سان نه صرف ميوي جي معيار ۽ پيداوار ۾ اضافو ٿيندو پر وڌيڪ ٻور ۽ ميوو اچي ٿو.

پوٽاشيم نائٽريٽ (قلمي شورو) 2 ڪلوگرام، زنڪ سلفيٽ 250 گرام، فيرس سلفيٽ 200 گرام، ڪاپر سلفيٽ (نيرو توتيو) 200 گرام، بورڪ ايسڊ (سهاڳو) 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي وڻن تي ڦوهارو ڪجي.

نوٽ: ڦوهارو ڪرڻ دوران جيڪڏهن مينهن پوڻ جو انديشو هجي ته پوءِ ڦوهاري ڪرڻ جو وقت مٽائجي ۽ ڦوهارو ٻئي واري وقت تي ڪجي.

## گُڏ يا دَڙَ:

گندگاهه جي خاتمي، جيتن ۽ بيمارين جي شدت کان بچڻ ۽ زمين کي هوادار رکڻ لاءِ ضروري آهي ته باغ ۾ گُڏ يا دَڙَ جو عمل ضرورت مطابق ڪجي. ننڍي باغ ۾ وڻن جي قطارن جي وچ ۾ روٽا ويٽر هٽي وڻن جي پر ۾ ڪوڏر سان اهڙي طرح گُڏ يا دَڙَ ڪجي جيئن وڻن جي ٽُڙن يا پاڙن کي زخم هرگز نه رسي.

پاڻي ڏيڻ: انبن جي باغ ۾ پاڻي ٻور اچڻ کان هڪ مهينو اڳ بند ڪجي ۽ جڏهن ميوو ڇٽي جيترو ٿي وڃي ان کانپوءِ هر مهيني باقائده پاڻي ڏجي ڇو ته ميوي جي واڌ ويجهه لاءِ پاڻي جي ضرورت گهٽي هوندي آهي. ان ڪري سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻي جو صحيح ۽ وقتائتو استعمال ضروري آهي. ڀاڻ ڏيڻ وقت جلد پاڻي ڏنو وڃي ته جيئن خوراڪي جزا جلد پاڻي ۾ ڳري جذب ٿي وڃن. پاڻيءَ جي وقفي ۾ گرمي، سردي ۽ زمين جي قسم کي به نظر ۾ رکڻ گهرجي.

**نقصانڪار جيت ۽ انهن جو تدارڪ:** انب جي وڻن تي ڪيترن ئي قسمن جا جيت حملو ڪري گوُنچن نڪرڻ کان وٺي ميوي پچڻ تائين نقصان پهچائن ٿا. انهن مان اهم نقصانڪار جيتن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

## انب جو مهلو يا تيلو (Mango Hopper):



هي جيت ٽڪنڊي قسم جو ٿيندو آهي. جيڪو هلڻ ۾ تمام تيز ۽ چست هوندو آهي. هن جيت جا 3 قسم ٿيندا آهن. جيڪي انبن جي نون گؤنچن ۽ پور نڪرڻ وقت حملو ڪري پنن جي واڌ ويجهه کي ڪافي متاثر ڪن ٿا. انب جي تيلي يا مهلي جو اصل گهر انب جو ٿڙ هوندو آهي. ان لاءِ اڳواٽ بچاءُ طور اسان کي انب جي وڻ جي ٿڙ کي چڱيءَ نموني ڦوهارو ڪرڻ گهرجي. هي جيت گهٽي گرمي يا سرديءَ جي وقت انبن جي ٿڙ جي پورن يا چوڏن جي ڦوٽن ۾ لڪي ويندو آهي. گرم جهڙالي موسم هن جيت جي واڌ ويجهه لاءِ موزون آهي.

هن جيت جي هڪڙي مادي 60 کان 200 آنا لاهيندي آهي. آنن مان چئن کان ستن ڏينهن اندر بچا نڪري ايندا آهن. هن جيت جي حملي سبب انبن ۾ ماکي جهڙو ليس دار مادو ڏسڻ ۾ ايندو جنهن تي مٽي لڳڻ ڪانپوءِ ڪاري گر (Sooty Mould) واري بيماري ٿي پوندي آهي. جنهن ڪري پنن ۽ پور جو رنگ ڪارو ٿي ويندو آهي.

**نقصان جو وقت:** هن جيت جو حملو سڄو سال رهي ٿو. اڪثر ڪري گهٽو حملو فيبروري کان اپريل تائين رهي ٿو، پر مينهن واري موسم ۾ جولاءِ ۽ آگسٽ تائين به ڪافي حملو رهي ٿو.

## ٿرڙو (Thrips):



هي جيت رنگ جو ڪارو ۽ پورو ناسي سنهڙو لڪير وانگر هوندو آهي. هن جيت جا بالغ توڙي بچا پنن جي هيٺين پاسي نسن جي پرسان پنن مان رس چوسيندا آهن. حملي آور پنن تي اچاڻ مائل پورا داغ نظر ايندا آهن. شديد حملي جي صورت ۾ پن سڪي ختم ٿي ويندا آهن. هن جيت جو حملو نون نڪتل پنن ۽ گؤنچن تي وڌيڪ نظر ايندو آهي. جنهن ڪري انب جي واڌ رڪجي ويندي آهي.

نقصان جو وقت: انبن تي هن جيت جو حملو سڄو سال رهي ٿو، پر اپريل جي آخر کان جون مهيني تائين حملو وڌيڪ رهي ٿو.

## چوٽيءَ وارو ڪينئون (Shoot Borer):



هن جيت جو ڪينئون انبن جي نون نڪتل ٽارين کي (مٿان کان هيٺين طرف) نقصان ڏيندو آهي. هن جو حملو نون ٽارين تي ٿئي ٿو. هي ٽارين جي وچ وارو نرم حصو ڪائيندو آهي. هن جي حملي ڪري نين ٽارين جي مٿان پن مرجهائجي ويندا آهن. ۽ آخرڪار حملي آور ٽاريون سڪل ۽ ڪاريون نظر اينديون آهن.

قردار انبن تي جيڪڏهن هن جيت جو حملو ٿئي ٿو ته اهي انب ميوي ڏيڻ جي قابل نٿا رهن.

نقصان جو وقت: هي جيت جولاءِ کان نومبر مهيني تائين وڌيڪ نقصان ڏئي ٿو.

## ٿڙ وارو ٿنبڻ (Trunk Borer):



هن جيت جو بالغ ڏگهين ٽنگن ۽ وڏين مڇن (Antennae) سان ناسي ميرانجهڙي رنگ جو ٿئي ٿو. سندس پرن تي گهرا اڇا نشان هوندا آهن. هن جا بچا هلڪي پيلي رنگ جا ۽ سندس مٿو ڪارو



هوندو آهي. جنهن جي مدد سان وڻ جون پهريان ٿاريون سڪڻ شروع ڪنديون آهن. ۽ آخر ۾ سجو سڪي ختم ٿي ويندو آهي.
**نقصان جو وقت:** هن جيت جو حملو سجو سال رهي ٿو. پر هي جيت برسات جي موسم ۾ وڌيڪ نقصان رسائي ٿو.

## ميوي واري مک (Fruity Fly):

انب جي ميوي واري مک عام مک (گهريلو) کان ننڍي هوندي آهي. هن جي بالغ جون رنگ چمڪندڙ خاڪي ٿئي ٿو. هن جون مکيون ميوي اندر آنا لاهينديون آهن. جيڪي ٻن ٽن ڏينهن اندر ڦٽي اپندا آهن. هن جيت جو حملو انب جي سڀني جنسن تي ٿئي ٿو. پر پاڇاٽين جنسن جهڙوڪ؛ بيگن پالي، سورنيڪا تي تمام گهڻو رهي ٿو.
هن جيت جا صرف ٻچا (Maggot) نقصان ڏيندا آهن، جيڪي اڇي رنگ جا سنها ٿيندا آهن. ميوي اندر ڳر کي کائي ميوي کي ختم ڪري ڇڏيندا آهن. آخرڪار ميوو هيٺ ڪري پوندو آهي. جڏهن وڏو ٿيندو آهي ته کل مان ٻاهر نڪري زمين تي ڪري سوبڻ ٿي ويندو آهي. هن جيت جا ڪيئان 6 کان 29 ڏينهن زمين ۾ سوبڻ جي شڪل اختيار ڪندا آهن. سوبڻ مان 44 ڏينهن اندر بالغ نڪري ايندو آهي.
**نقصان جو وقت:** هن جيت جو حملو جون-جولاءِ ۾ وڌيڪ رهي ٿو يا جيستائين انبن جي پٽائي مڪمل ٿئي.

## انبن جو ميرانجهڙو منگهڻ/ميلي بگ (Mango Mealy Bug):



ميلي بگ تراڪڙي آني جهڙو جيت ٿيندو آهي. هن جي مادي جا پر اڇي پائوبر سان ڍڪيل هوندا آهن. پاڻ اندر گلابي ميرانجهڙو هوندو آهي. هن جي مادي زمين تي گوٺري ۾ آنا لاهي پوءِ مري ويندي آهي. هن جا نر ڪارن پرن سان هوندا آهن. هن جيت جي ٻچي جو حملو نون نڪتل پنن ۽ گوڻچن تي رهي ٿو. هي جيت لئه دار مادو خارج ڪندو آهي. جنهن ڪري پنن تي ڪاري گر واري بيماري ٿي پوندي آهي. ان صورت ۾ ٻوٽي ۾ خوراڪ ٺهڻ جو عمل رڪجي ويندو آهي.
ميلي بگ جي حملي کان بچاءُ لاءِ نومبر مهيني کان پاٽي ڏيڻ کانپوءِ وڻ جي چوڌاري زمين کان 4 فوٽ مٿي پلاسٽڪ ويڙهجي ۽ پوءِ ان کي گريس هنيو وڃي. يا جتي نظر اچي ته لارسبين 150 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾ وجهي ڦوهارو ڪرڻ گهرجي. زمين ۾ بهتر نموني سان هر ڦار ڪريو ته جيئن زمين ۾ لڪل ٻچا اس ۾ مري ختم ٿي وڃن.
نقصان جو وقت: هن جيت جو حملو سجو سال رهي ٿو ۽ مارچ کان مئي تائين وڌيڪ حملو ٿئي ٿو.

## سرنگهه وارو ڪيئون (Leaf Minor):



هن جيت جو ڪيئون گلابي رنگ جو ٿيندو آهي ۽ جڏهن انبن ۾ نوان گوڻچ يا پن نڪرندا آهن ته انهن تي حملو ڪندو آهي. حملي دوران جهلي يا پردو ٺاهي ان اندر ڪاڌ ڪندو رهندو آهي. ۽ سڄي پن کي اندرو اندر کائي پرڻ ڪري سڪائي ڇڏيندو آهي. ۽ ان سان گڏوگڏ سنهين ڏانڊين تي پڻ حملو ڪندو آهي.
نقصان جو وقت: هن جيت جو حملو آڪٽوبر کان نومبر تائين ۽ جنوري کان مارچ تائين ٿئي ٿو.

## چلر وارو جيت (Scales):



هي جيت رنگ جا خاڪي ڳاڙهسري چلر جهڙي شڪل ۾ سخت جسم جا ٿيندا آهن. هن جيت جا نر (Male) تمام گهٽ هوندا آهن. هن جيت جي مادي جنسي ميلاپ کانسواءِ (Parthenogenesis) جي عمل ذريعي واڌ ڪندي آهي. هن جا آنا ڳوٽري ۾ هوندا آهن جن مان گرم موسم ۾ 24 ڪلاڪن اندر ٻچا نڪري ايندا آهن. هي جيت پنن ۾ ٽارين تي چنبڙيل نظر ايندا آهن. هي جيت پنن، ٽارين مان رس چوسيندا آهن. حملي آور پن، ٽاريون، انبڙيون، پيلي رنگ جون ٿي چٽي ويندڀون آهن. جنهن ڪري انب جي پيداوار تي برو اثر پوندو آهي.

**نقصان جو وقت:** هن جيت جو حملو سڄو سال رهي ٿو.

## چوڏي واري ٽنبڙي (Bark Beetle):



چوڏي واري ٽنبڙي سنڌ ۾ انبن جي تباهه ڪندڙ بيماري ڦهلائي ٿي. ٽنبڙي ۾ بيماري پنهي تي آءِ پي ايم ذريعي ضابطو آڻي سگهجي ٿو. هي ٽنبڙي هلڪي خاڪاڻ مائل يا پوري يا ميرانجهڙي رنگ جي هوندي آهي. سخت ڏانڊي، ڳلن ڦلن جي ٻوٽن، ميويدار عام ٻوٽن تي پلجندي وڌندي رهي ٿي. هي ڪاٺ جي ڇرڙ وسيلي ۾ پنهنجو پاڻ به هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ ائين منتقل ٿيندي رهي ٿي. قدبت ۾ باريڪ آهي. متاثر وڻن ۾ ٻوٽن ۾ شروعاتي حملي دوران ڪي خاص اهڃاڻ نظر نه ايندا آهن. مادي ٽنبڙي جي ڇرڙ ۾ نقصان سببان وڻن جي ٽڙ جا چوڏا چيريل ۾ منجهن سنهڙا سوراخ نظر ايندا آهن. هن ٽنبڙي سان جراثيم جا مختلف قسم به گڏوگڏ رهندا آهن. جن ڪي مادي ٽنبڙي پاڻ سان ڪٽي بين وڻن تائين پهچائي ٿي. ٽنبڙي جا ٻچا توڙي بالغ فنجاءِ کي بطور خوراڪ ڪتب آڻيندا آهن ۽ وڻن کي ٽنبڙي ايترو نقصان نٿي رسائي، جيترو مختلف قسمن جي جراثيم سان ٿئي ٿو. پر ٽنبڙي پاران سوراخ ٿيڻ سببان فنجاءِ وڻن جي ٽڙن ۾ ٽارين تائين وڃن ٿا. انبن جي آبادگارن کي صلاح ٿي ڏجي ته هو انبن جي باغن کي صحتمند رکڻ لاءِ ڪاڌ خوراڪ، پاڻي جي ڪوٽ ۾ هر قسم جي زخم وغيره کان وڻن کي بچائين. شديد متاثر وڻن کي ڪيڍي ختم ڪجي. ٽنبڙي جي خاتمي لاءِ سال ۾ 3 دفعا مارچ، جولاءِ ۾ آڪٽوبر مهيني ۾ ٽڙن تي ديرپا اثر رکندڙ پيراٿرئيڊ گروپ جي دوا جهڙوڪ، ٽالسٽار 200 سي سي 100 لٽر پاڻي ۾ يا لارسبين 150 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾ ملائي ٽڙن تي چڱيءَ طرح ڦوهارو ڪجي. جيئن اهي ٽنبڙي ۾ فنجاءِ جي واڌ جو سبب نه بڻجن.

**جيتن جو ضابطو:** عام طرح سان جيتن جي ضابطي لاءِ انبن تي ٻن مرحلن ۾ ڦوهارو ڪيو ويندو آهي. هڪ انبن جي پٽائي کان پوءِ سڪل ٽاريون، ڳُڏ، پاڻ ۾ پاڻي وغيره ڏيڻ کانپوءِ يعني آگسٽ-سيپٽمبر وارن مهينن دوران جيئن ڦوٽهڙي دوران نقصان ڏيندڙ جيتن کان بچاءُ ٿي سگهي ٿو ۽ ٻيو ڦوهارو ٻور نڪڻ کان اڳ ۾ يعني ڊسمبر يا جنوري دوران ڪيو ويندو آهي. نون ڪيل تجربن جي روشنيءَ ۾ جيتن ۽ بيمارين جي ضابطي لاءِ هيٺين سفارشن تي عمل ڪري وڌيڪ فائدو ماڻي سگهجي ٿو.

1. پهريون ڦوهارو آگسٽ کان سيپٽمبر دوران جيت مار دوا سان گڏ ڪنهن ڪاپر گروپ جي دوا ملائي ڦوهارو ڪرڻ گهرجي. ته جيئن سوڪهڙي (Anthracnose) ۾ پنن جون ٻيون بيماريون ختم ٿي وڃن.

2. ٻيو ڦوهارو بهتر ان وقت ٿيندو. جڏهن انب ۾ ٻور نڪڻ شروع ٿئي ۽ ٻور مڪمل نه نڪتو هجي يعني جنوري مهيني دوران مهلي واري دوا سان اڇي سينور (Powdery Mildew) واري بيماري کان بچاءُ لاءِ دوا ملائي ڦوهارو ڪرڻ گهرجي. جو ته ٻوٽي ۾ مهلي ۽ اڇي سينور جي خلاف انبن ۾ مدافعت رهندي آهي ته اڳتي اهي بيماريون گهٽ حملو آور ٿين.

3. عام روايت رهي آهي ته جيڪڏهن جيت ۽ بيماريون ٻور دوران حملو ڪن ٿا ته ڪنهن دوا جو تيستائين ڦوهارو نه ٿو ڪيو وڃي جيستائين انبڙيون چٽي جيتريون نه ٿي وڃن. پر آبهوا جي تبديلي جي ڪري نيون بيماريون ۽ جيت ٻور اچڻ دوران حملي آور ٿين ٿا. جهڙوڪ مهلو (Mango Hopper) ۽ اڇي سينور واري بيماري (Powdery Mildew) جيڪي اڪثر فيبروري مهيني ۾ اچي انبن کي نقصان رسائين ٿا. تحقيق جي روشني ۾ اهو مشاهدو ڪيو ويو آهي ته ٻور دوران جيڪڏهن بيمارين ۽

| وزن 100 لٽر پاڻي ۾ | سفارش ڪيل دوا | جيت جو نالو |
|---|---|---|
| 50 سي سي 100 لٽر پاڻيءِ ۾<br>100 سي سي 100 لٽر پاڻيءِ ۾<br>10 گرام 100 لٽر پاڻيءِ ۾<br>150 سي سي 100 لٽر پاڻيءِ ۾ | ڪراٽي يا<br>ڪونفيڊور يا<br>اڪٽارا يا<br>لارسبين | 1. مهلو (هاپر) |
| 100 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءِ ۾<br>30 کان 35 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾ | ڪنفيڊور<br>يا ڪلوروفيناپائر | 2. ٿرڙو |
| 50 سي سي<br>100 ملي ليٽر<br>150 ملي ليٽر | ڪراٽي يا<br>ٽالسٽار يا<br>لارسبين | 3. چوٽيءَ وارو ڪيئنون |
| 250 ملي ليٽر<br>100 کان 160 گرام 100 لٽر پاڻيءَ ۾ | ليزر يا<br>ڊپريڪسن | 4. ميوي جي مک |
| 150 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾<br>150 کان 200 سي سي 100 لٽر پاڻيءَ ۾<br>200 گرام 100 لٽر پاڻيءَ ۾ | لارسبين يا<br>ڪيوراڪران يا<br>ايسوفيٽ | 5. ميرانجهڙو ميلي بگ، چلر وارو جيت |
| 150 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾<br>20 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾ | باءِ فينٿرين<br>يا ٽريسر | 6. سرنگهه وارو ڪيئنون |
| 200 سي سي 100 لٽر پاڻيءَ ۾<br>150 ملي ليٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾ | ٽالسٽار يا بائيفينٿرين<br>لاسبين | چوڏي واري ٽنڊڻي |

4. جيتن جو حملو نظر اچي ته سفارش ڪيل دوائن جو ڦوهارو ڪري سگهجي ٿو. پر ڦوهاري جي نوزل کي اهڙي طرح سيٽ ڪجي جيئن اهو بلڪل سنهون ڦوهارو ڪري ۽ ڦوهارو اهڙي طرح ڪجي جيئن پريشر سان ڦوهارو بور يا هلڪي داڻ کي ڇاٽي نه وجهي پر مٿان رڳو اچي ڪري.

نوٽ: ميوي واري مک جي ضابطي لاءِ دوائن کان علاوه جنسي ڦندن (Sex Pheromones) وارو طريقو پڻ ڪامياب ثابت ٿيو آهي. هن طريقي ۾ 8 ڦندا في ايڪڙ مارچ کان آگسٽ مهينن ۾ باغ اندر 6 فوٽن جي اوچائيءَ تي وڻن جي ڇانو ۾ ٻڌا وڃن.

جن ۾ موجود خوشبوءَ تي به ميوي جي مک جون نر مکيون ميل جي چوڻين حصي کان ڊوڙي اچي ان ۾ ڦاسي مري وينديون. هنن ڦندن ۾ موجود دوا جو اثر به مهينن تائين رهي ٿو. جڏهن ته دٻن ۾ موجود پُڙن ۾ هر مهيني دوا وجهڻ گهرجي.

ميوي جي مک کي ضابطي هيٺ آڻڻ لاءِ هميشه باغن جي صفائي چڱي نموني ڪرڻ گهرجي ۽ ڪريل، سڙيل ۽ ڪني ٿيل ميووي کي باغ مان چونڊي ڪنهن پلاسٽڪ جي ڪٿي يا ٿيلهي ۾ وجهي باغ کان ٻاهر دفنائڻ گهرجي يا ساڙڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان ڪني ميووي ۾ جيڪي ميووي جي مک جا ٻچا هوندا اهي جوان ٿي ٻاهر نڪري حملو ڪري نه سگهندا.

## اچو سينور (Powdery Mildew):



هن بيماريءَ جي ڪري پنن، ڏانڊين ۽ بور تي اڇي خاڪي رنگ جا داغ ٿي پوندا آهن. هن بيماريءَ جون نشانيون گهڻو ڪري فيبروري ۽ مارچ مهينن ۾ ظاهر ٿينديون آهن. ان لاءِ باغ ۾ چڪاس ڪبي رهجي ۽ بيماري نظر اچڻ شرط ڪنهن ويجهي زرعي ڪارڪن جي صلاح سان يا ٿاپسن ايم 100 گرام 100 لٽر پاڻيءَ ۾ يا بيٽان فوليئر 50 سي

سي 100 لٽر پاڻي ۾ يا اسڪور 50 سي سي 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي ڦوهارو ڪجي.



## انب جو ڪوڙهه (Anthracnose):

شروعات ۾ هن بيماريءَ جي حملي ۾ وڻن جا پن ڪنارن کان سڪڻ شروع ڪن ٿا. ۽ آهستي آهستي هيءَ بيماري ننڍن شاخن تائين پکڙجي وڃي ٿي ۽ وڻ مٿان کان هيٺ سڪڻ لڳن ٿا.
هن بيماريءَ جي نقصان کان بچڻ واسطي سال ۾ به ٽي دفعا ٽاپسن ايم 100 گرام 100 لٽر پاڻيءَ ۾ يا ڪنهن به ڪاپر گروپ جي دوا جو ڦوهارو ڪرڻ گهرجي.



## ڪرپوڪ (Malformation):

هي بيماري پور تي لڳي ٿي. جنهن ۾ انب جو پور چڳن جي صورت ۾ ڳوڙهو ٿي وڃي ٿو ۽ ميوو نٿو نهي. هن بيماريءَ جي نقصان کان بچڻ واسطي هر سال ميوو ختم ٿيڻ شرط چانگ ڪرڻ گهرجي. جڏهن ته حملي وقت بيماري وارين ٽارين جي متاثر ٿيل حصن کي 6 کان 8 انچ صحتمند شاخن سميت تيز اوزار سان ڪپي ساڙي ڇڏڻ گهرجي. زمين جي چڪاس ڪرائجي ۽ سفارش ڪيل خوراڪ جو بندوبست ڪجي.



## انبن ۾ سوڪهڙي واري بيماري (Mango Decline):

اڄڪلهه هي مرض عام ٿي رهيو آهي. جنهن سبب جي ڪري وڻن جا وڻ سڪي سڙي رهيا آهن. هي مرض هڪ فنگس جي جراثيم (Lasi odiploidatheobromoe) وسيلي پکڙجي ٿو. هي جراثيم وڻن جي ٿڙ ۽ شاخن اندر پنن کي کاڌو رسائيندڙ نالين کي بند ڪري ڇڏين ٿا. جنهن ڪري پنن ۽ ٽارين کي کاڌي ۽ پاڻي جي رسد بند ٿيو وڃي ۽ پوءِ اهي ٽاريون يا وري سڄو وڻ سڪيو وڃي. وڻن جي تجزيئي دوران متاثر وڻن ۾ ٿڙ جي کل اندر ججهي انداز ۾ ننڍڙيون ٽنڊڻيون نظر اچن ٿيون.
هنن ٽنڊڻين جي جسم ۾ پيٽ ۾ موتمار فنگس ٿئي ٿو. وڻن جي اندر بيماري پهچائڻ جو عمل دخل انهن ٽنڊڻين جو آهي. ٽنڊڻيون وڻن ۾ سوراخ ڪن ٿيون، ته انهن مان ڪونر جهڙو بدبودار رس ٻاهر نڪري ٿو ۽ ٿڙ تي ڳوڙها (Gummosis) ٺهيو وڃن. تجربن دوران ڪاڏي وارين نالين ۾ ڪجهه ٻيا جراثيم پڻ نظر آيا. جنهن ۾ هڪ قسم فيوزيريم جو پڻ موجود هو. انهيءَ جي وڌڻ ۽ ٻنهي جراثيمن جي گڏجڻ ڪري حملو وڌيڪ شديد ٿي سگهي ٿو.
سفارشون : علاج کان احتياط بهتر آهي، جيڪڏهن باغ جي سارسنڀال سٺي هوندي ۽ ان کي سفارش ڪيل طريقي سان پاڻي، پاڻ، وقت سر ڦوهارو ڪرڻ، وڻن جو وڌيڪ مفاصلو رکڻ، انبن جي وڻن باغن ۾ ٻيا فصل نه پوکڻ ۽ گندگاهن کي ملچ طور استعمال سان وڻن ۾ بيماريءَ کان بچاءُ ڪري سگهجي ٿو.

- ڪيميائي پاڻ جو مرحليوار پورو پنو وزن ڏيڻ گهرجي.
- باغ ۾ موجود گندگاهه ۽ ڪکن پنن کي ڪي آبادگار گڏ ڪري باهه ڏيئي ساڙين ٿا. جڏهن ته ماهرن جي مشوري مطابق ائين هرگز نه ڪرڻ گهرجي. بلڪه گندگاهه ۽ ڪکن پنن کي گڏ ڪري زمين ۾ ملائي ڇڏجي ته جيئن طاقتور ٿئي ۽ باغ زور وٺي.
- سياري جي موسم ۾ وڻن کي وڌيڪ پاڻي ڏيڻ کان پاسو ڪجي. جنهن ڪري باغن ۾ ربيع وارا فصل هرگز نه پوکڻ گهرجن.
- انبن جي وڻن جون پاڙون کوٽي ظاهر ڪري ربومل گولڊ يا ايليٽ 250 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي وڻ تي استعمال ڪجي.

- متاثر وڻن ۾ سال ۾ 3 دفعا مهيني جي وقفي سان 50 گرام ايليٽ يا ردومل گولڊ 50 گرام يا ٿاپسن ايم 50 سي سي پاڻيءَ ۾ ملائي انجيڪشن رستي وڻن ۾ سوراخ ڪري استعمال ڪجي. تحقيق جي نتيجي ۾ ايليٽ جا نتيجا بهتر ڏٺا ويا آهن.
- بيماريءَ کان پاڪ وڻن مان نئون ٻج پوکجي. انهيءَ مان قلم ۽ گوشا لڳائجن، نرسري ۾ فنگس کي ناس ڪندڙ دوا استعمال ڪجي.
- بيماريءَ ۾ لڳل سڪل ٽارين/وڻن کي ڪپي ساڙي ڇڏجي.
- سڪل ٽارن/ڏارن کي ڪنهن تيز اوزار سان اهڙي طرح ڪپجي، جيئن چيتون نه ٿين بلڪه موران مڇ سڪل ٽار وڍجي وڃي.
- وڻن جي بيمار ٽارن کي چار پنج انچ صحتمند حصي وٽان تيز ڪارائيءَ سان ڪپي ڪٽي ڪنهن خالي زمين ۾ رکي ساڙي ڇڏجن.
- ڪپيل ٽارين وارين جاين تي بيٺل وڻن ۾ ڪنهن ماهر جي صلاح سان بوربيڪس مڪسچر جي پيسٽ ٺاهي لڳائجي يا وري ڦنگي مار دوا هڻجي.
- بيجارو تيار ڪرڻ لاءِ بيمار وڻن جون ڪکڙيون يا قلم هرگز استعمال نه ڪرڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان بيماريءَ پکڙڻ جو خطرو رهندو.
- ٽڙ کي سال ۾ ٻه دفعا بوربيڪس مڪسچر لڳايو وڃي.
- باغن جي اندر ٻيا فصل پوکڻ کان پاسو ڪجي.
- وڻن کي ڪنهن به قسم جو زخم نه اچڻ گهرجي. جيئن جراثيمن کي حملي ڪرڻ جو ڪوبه موقعو نه ملي.
- ٿنڀڙين ۽ متاثر ٿيل وڻن تي ضابطو آڻڻ لاءِ زرعي ماهرن سان رابطو رکجي.
- چوڏي واري ٿنڀڙي کي ناس ڪرڻ لاءِ متاثر ٿيل ٽڙ کي ماهر جي راءِ سان ڪنهن مناسب دوا جو ڦوهارو ڪجي ۽ ٽڙ کي وقفي وقفي ڊيرپا يا گهٽي وقت تائين زهريلو اثر رکندڙ پيراٿيرائيڊ يا پرمٿرين 100 سي سي 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي مارچ، جولاءِ ۽ آگسٽ ۾ ٽڙ کي ڦوهارو ڪيو وڃي.
- متاثر وڻن اندر اهڙين ڦنگي مار دوائن جو استعمال ڪجي جيڪي ڪنهن نظام تحت وڻن جي متاثر ٿيل حصي تي ضابطو آڻين.
- زرعي دوائون زهر آهن. تنهن ڪري صرف انهن کي ضرورت مطابق ماهرن جي سفارش سان استعمال ڪجي.
- جيڪڏهن بيماريءَ سبب وڻ سڪي وڃن ته انهن کي هڪدم ڪپي ان جي جڳهه تي صحتمند نيون ڇڪيون پوکجن.

بوربيڪس مڪسچر تيار ڪرڻ جو طريقه ڪار: بوربيڪس مڪسچر کي ٻن طريقن سان انبن جي باغن تي استعمال ڪيو ويندو آهي.

ڦوهارو (Spray) 2 ڪلوگرام نيرو توتي Copper Sulphate 2 ڪلوگرام چن جو پٿر (Lime Stone) ۾ 200 لٽر پاڻي ۾ ملائي استعمال ڪجي. ڦوهارو ڪرڻ لاءِ ڳار جهڙو ڇدو تيار ڪجي ته جيئن آسانيءَ سان ڦوهاري جي مشين واري نوزل/نالي مان نڪري سڄي وڻ کي چڱيءَ طرح سان ڌوئي سگهجي.



# Banana - ڪيلو

## پوکيءَ جا جديد طريقا:

دنيا اندر آسٽريليا ۽ فلپائين ۾ ڪيلي جي جديد طريقي سان پوک ڪجي ٿي. ساڳيا طريقا سنڌ اندر به آزمايا ويا آهن. ۽ پيداوار انهن ملڪن کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه آهي. يعني هڪ ڇڳي جو وزن 40 کان 50 ڪلوگرام مليو آهي. جنهن مان 40 کان 50 ٽن في ايڪڙ پيداوار ملي ٿي. هاڻي سنڌ دنيا جي ملڪن جي پيٽ ۾ ڪيلي جي پوک ۾ پوئتي نه آهي. ۽ آبادگار محنت ڪن ته ملڪ جو نالو روشن ٿي سگهي ٿو.

(الف) اپريل ڪرين وارو پوکي جو طريقو

(RAISED BED PLANTING METHOD)

(ب) پاڻي جي ڦڙي ڦڙي وارو پوکيءَ جو طريقو

(DRIP IRRIGATION SYSTEM)

هن نئين ٽيڪنالاجي تي زرعي تحقيق جا ماهر، آسٽريليا ۽ فلپائين جي زرعي ماهرن سان گڏ ڪم ڪري رهيا آهن.

## ڪيلي جي اپريل ڪرين واري طريقي جا فائدا:

- ڪيلي جي قطارن جي وچ واري فاصلي وڌيڪ هئڻ ڪري ڇڳن کي پرڻ لاءِ گاڏي (سوزڪي) وچ واري فاصلي ۾ اچي سگهي ٿي.
- ڪيلي جي نڪتل ٽڙن کي ٻاهر اڇلڻ جي ضرورت نٿي پوي.
- ڪيلي جي قطارن جي وچ ۾ اڇليل پنن کي هر 6 مهيني يوريا پاڻ جي هڪ بوري في ايڪڙ ڇٽڻ سان ڪک پن يا ٽڙيون ڳري سڙي نامياتي مادو ٿي پوي ٿو.
- گندگاهه کي ختم ڪرڻ لاءِ گڏ يا دڙ نٿي ڪرڻي پوي.

## (الف) اپريل ڪرين وارو پوکيءَ جو طريقو :(RAISED BED PLANTING METHOD)

**زمين جي تياري:** زمين کي اونها هر چار ڦاري يا پنج ڦاري سان ڏنا وڃن انهي کان پوءِ گوبل هر هڪ ڀيرو هلايو وڃي ۽ پوءِ زمين کي سنوت ۾ آڻجي ان بعد هڪ هر ڪلٽيوٽر جو هلايو وڃي. آخر ۾ چار فوٽ يا اٺ فوٽ ويڪرا اپريل ڪريا تيار ڪيا وڃن. هر ڪرئي وچ ۾ به هڪ فوٽ ويڪري نالي تيار ڪجي نالي جي پاسن کان پنجن فوٽن جي فاصلي تي ڏيڍ فوٽ جا کڏا تيار ڪيا وڃن. اهي کڏا اهڙي نموني تيار ڪجن جو نالي جي ٻنهي پاسن کان کڏا آمهون سامهون نه هجن.

## پوٽن لڳائڻ جو طريقو :

انهن ڏيڍ فوٽ تيار ڪيل هر هڪ کڏي ۾ به ڪلو گرام وٺاڻ جو پاڻ وجهي پاڻي ڏجي. جڏهن کڏا وٽ ۾ اچن ته پوءِ هرهڪ کڏي ۾ 200 گرام ايس-ايس-پي ڪيميائي پاڻ تري ۾ وجهي ڪيلي جي ٻچن يا ٽڙين کي سڌو بيهاري پاسن کان مٽي وجهي پرجي ۽ پوءِ پاڻي ڏجي.

## ڪيلي کي پاڻ ڏيڻ جي ترتيب :

- پهرئين مهيني ڏيڍ بوري ايس-ايس-پي في ايڪڙ ڏجي.
- ٻئي مهيني ۾ ڏيڍ بوري ايس-ايس-پي في ايڪڙ ڏجي.
- ٽن کان ساڍن ٽن مهينن تائين هڪ بوري امونيم سلفيٽ في ايڪڙ ڏجي.
- چئن کان ڇهن مهينن تائين هر مهيني ڏيڍ بوري امونيم سلفيٽ في ايڪڙ ڏجي.
- ستن مهينن کان ڏهن مهينن تائين هر مهيني هڪ بوري ايس-او-پي في ايڪڙ ڏجي.

## ٻوٽن جي سار سنڀال :

- ڇهن مهينن کان پوءِ ٻوٽن جي پاسن کان اضافي ٻچا ڪڍي اپريل پنڙيءَ جي وچ واري فاصلي تي ڇڏجن ته جيئن اهي سڙي ڳري وڃن.
- انهن نڪتل اضافي ٻچن کي نرسريءَ طور پڻ رکي سگهجي ٿو. ان لاءِ جدا زمين جو حصو هر ڏئي تيار ڪجي. گهرج پوڻ تي ڪڍي پوک لاءِ استعمال ۾ آڻي سگهجي ٿو.
- نائين کان ڏهين مهيني تڙ مان ڇڳو نڪري ٿو. جڏهن ڇڳو تيار ٿي وڃي ته پوءِ ڇڳو ڪڍي تڙ جي پنن کي ڪپي قطارن جي وچ واري فاصلي تي اڇلائجي ۽ تڙ کي اتي بيٺل ڇڏجي وقت گذرڻ سان گڏ اهو ڳري پاسي واري تڙ کي پاڻ طور ڪتب ايندو.
- سردي يا گرمي ۾ وچ جي فاصلي واري مٽيءَ سان نالين کي ڀري زمين جي سنوت ڪجي ۽ پوءِ پاڻ ڏجي.

## (ب) ڪيلي جي پوک لاءِ ڦڙي ڦڙي وارو طريقو:

هن پوکيءَ جي طريقي لاءِ به زمين جي تياري اپريل ڪرين طريقي وانگر ڪجي ٿي ۽ ڪرين جو وچ وارو فاصلو 12 فوٽ رکيو وڃي ٿو. جيئن ته هن طريقي ۾ به زمين اندر گڏ يا دڙ کونه ٿي ڪئي وڃي. ان ڪري زمين جي هوا لاءِ ادائي فوٽ اونهيون نااليون پوکي واري پلاٽ جي اندران کوٽيون وڃن ٿيون رستن جي پاسن کان ٻوٽن جي قطارن جو فاصلو 6 فوٽ رکيو وڃي ٿو. ٻوٽن لاءِ کڏا ڏيڍ فٽ جا 5 فوٽن جي فاصلي تي ڪرين جي پاسن کان کوٽيا وڃن ٿا. تڙين يا ٻچن کي الف طريقي وانگر لڳايو وڃي ٿو. پر هن طريقي ۾ تڙين کي 60 ڊگري پاسيرو رکيو وڃي ٿو ائين ڪرڻ سان تڙي جي پٽ کان هڪ يا ٻه ٻچا نڪرن ٿا.

هن طريقن ۾ پاڻي جو طريقو نهايت مختلف هوندو آهي. ٻوٽن کي پاڻي جي لاءِ ربڙ جون نااليون ٻوٽن جي قطارن پرسان هيٺ زمين اندر پوريون وڃن ٿيون. جيڪي ويڪري پائيپ لائين سان جڙيل هجن ٿيون. جڏهن ته ويڪري پائيپ لائين مشين جي سرشتي سان جڙيل رهي ٿي. ڪيلي جي قطارن سان گڏو گڏ نالين مان سنهيون ڏانديون زمين کان ٻاهر ٿي فوٽ اوچيون نڪتل هونديون آهن ۽ هر هڪ ڏانديءَ مٿان چرخي ۾ سوراخ هجن ٿا. مشين هلائڻ سان پاڻي ڦوهاري وانگر ٻاهر نڪري ٿو. پر هن پوکيءَ جي طريقي ۾ ٻوٽن لڳائڻ کانپوءِ ۽ ٻهريان هڪ ٻه پاڻي عام رواجي طريقي سان ڏجن ٿا. جيئن ٻوٽا تڙين مان نڪري ڦٽي وڃن. انڪانسواءِ اونهاري جي موسم ۾ مئي يا جون مهينن دوران ۽ سياري جي موسم ۾ ڊسمبر ۽ جنوري دوران هڪ ٻه پاڻي عام رواجي طريقي سان ڏجن ٿا ڇو ته انهن ڏينهن ۾ گرمي جي شدت وڌيڪ ٿئي ٿي.

## ڦڙي ڦڙي واري طريقي جا فائدا:

- سنڌ ۾ هيءُ طريقو پهريون دفعو متعارف ڪرايو ويو آهي.
- هن طريقي سان ٻوٽا پاڻي سان ڌوپجي وڃن ٿا ۽ ٻوٽن جي پنن تي مٽي نٽي رهي. زمين تي پوسل هئڻ ڪري هر هڪ ٻوٽي کي گهرج موجب پاڻي ملي ٿو جنهن سان ٻوٽا سٺي نموني واڌويجهه ڪن ٿا.
- ڊرپ واري مشين به ڪلاڪ هلڻ سان هر هڪ ٻوٽي کي 20 ليٽر پاڻي ملي ٿو.
- عام رواجي پاڻي ڏيڻ واري طريقي جي ڀيٽ ۾ 75 سيڪڙو پاڻي جي بچت ٿئي ٿي.
- هن طريقي ۾ پاسن کان ٻوٽن جون ويجهيون قطارون ۽ وچ ۾ 12 فوٽ تي قطارون رکڻ سان هڪ ايڪڙ ۾ هڪ هزار ٻوٽن جو تعداد ٿئي ٿو.
- وچ واري قطارن جي 12 فوٽ فاصلي هئڻ ڪري ڇڳن کي ڪيلي جي باغ اندر ڪليل گاڏي ۾ آرام سان رکي سگهجي ٿو.
- قطارن جي وڌيڪ فاصلي هئڻ ڪري هر هڪ ٻوٽي جي سارسنڀال ڪري سگهجي ٿي.
- ٻوٽن کي گهربل خوراڪ ۽ پاڻيءَ جي گهرج پوري هئڻ ڪري ٻوٽا صحتمند رهن ٿا، تڙين ۾ جلد ڦر لڳي ٿو، ڦريون وڏيون ۽ وزن واريون ٿين ٿيون هڪ ڇڳي اندر ڦرين جو وڌيڪ تعداد هئڻ ڪري ڇڳا ڊگها ۽ وڌيڪ وزن وارا ٿين ٿا.



# Guava - زيتون

## زمين (Soil):

ڪلراٺي، وارياسي ۽ سم واري زمين کان سواءِ ٻئي ڪنهن به قسم جي زمين ۾ زيتون لڳائي سگهجي ٿو. پر عام طور لٽياسي زمين ۾ زيتون جو فصل ڪامياب آهي ۽ ان ۾ وڌيڪ پيداوار ڏئي ٿو.

پوکي جون مدون:

1. هڪ بهار جي موسم فيبروري کان مارچ 2. سرءُ جي موسم آگسٽ کان سيپٽمبر.

## زمين جي تياري ۽ کڏا تيار ڪرڻ:

باغ لاءِ زمين کي هَرَ هڻي ڪيڙ سان سنوت ۾ آڻي 30x30 جي مفاصلي تي اڍائي فوٽ اونها ۽ اڍائي فوٽ ويڪرا کڏا کوٽجن. جنهن ۾ به حصا لٽياسي مٽي ۽ هڪ حصو ڳريل سڙيل وٿاڻ جو ڀاڻ چڱيءَ طرح ملائي کڏن کي ڀرجي ۽ هر کڏي ۾ ڪاٺ جو ڪلو يا ڪانو ماپ آهر نشان طور لڳائجي ته جيئن ڇڪيءَ لڳائڻ وقت نشان ظاهر ٿئي ۽ قطار سڌي بيهي.

هي سڀ ڪم ڇڪيون لڳائڻ کان هڪ مهينو اڳ ڪجي. انهيءَ وچ ۾ کڏن کي پاڻي ڏجي ته جيئن مٽيءَ ۾ ملايل ڀاڻ گرمي چڱي ٽڪو ٿي وڃي ۽ مٽي به کڏي ۾ جمي وڃي. تنهن کان پوءِ رهيل مٽي کڏن ۾ وجهي کڏا لتاڙي پري ڇڏجن.

## جنسون (Varieties):

زيتون جون مختلف علائقن ۾ مختلف جنسون ڪامياب آهن. جن جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا.

لاڙڪاڻي ضلعي جون مشهور جنسون:

## 1. ريالي (Riali):

هن جنس جو وڻ وچولو قد، پن ننڍا سوڙها، وچولو چٽو هٽندڙ، ميوو گهگهي نموني، کل نرم لسي، رنگ هلڪو پيلو وزن 50 کان 150 گرام منداٺتو فصل وڌيڪ پيداوار ڏيندو آهي. پيداوار 5 کان 7 مڻ ۽ مارڪيٽ ۾ ملهه سٺو آهي.

## 2. لوڪل سنڌي (Local Sindhi Larkana):

هن جنس جو وڻ ريالي ۽ ٿڌاراميءَ کان قد ۾ ڊگهو ٿئي ٿو. ۽ سندس ڦهلاءُ ۽ چٽو (Spreading) به وڌيڪ آهي. سندس پن ننڍو ۽ سنهو وچ تي ويڪرو ٿئي ٿو ۽ آخر ۾ سوڙهو هوندو آهي. وڻ ۾ ٽارين جو تعداد گهٽ هوندو آهي. ٽڙ جي ڀڪيڙ وچولي هوندي آهي. شاخن ۾ ميوو جدا جدا جهليندو آهي.

زيتون شڪل ۾ دلي يا گهگهي نموني يعني هيٺان ويڪرو ۽ مٿي ڳچيءَ ۾ سوڙهو هوندو آهي. ميوي جو وزن 50 کان 100 گرام، کائڻ ۾ مٺو، ذائقيدار ڳر ۾ ٻج گهٽو هوندو اٿس کل جو رنگ سائي کان پيلو، مٺاڇرو لسو هوندو اٿس.

پيداوار 4 کان 5 مڻ في وڻ لهندو آهي. مارڪيٽ ۾ مُلهه تمام سٺو ملندو آهي. هي لاڙڪاڻي جي تمام ڪامياب جنس آهي.

## 3. ٿڌارامي (Thadha Rami):

هن جنس جو وڻ ٻين سڀني کان وڌيڪ گهاٽو چٽو هٽندو آهي. پن ڊگها ۽ ويڪرا چوٽيءَ ۾ سوڙها ٿين ٿا. ميوو جڳهتين ۾ ٻه ٻه ٽي ٽي ٽارين ۾ جهليندو آهي. هن جو ميوو اٽڪل 400 گرام تائين ڏٺو ويو آهي. کل ۾ سخت، رنگ گهرو سائو ۽ ذائقي ۾ کٽو ٿيندو آهي. ٻنهي مندن اونهاري ۽ سياري ۾ فصل هڪجهڙو ڪٽندو آهي. ميوي کي گهڻي سرديءَ ۾ ڪوڙهه جو مرض لڳندو آهي. تنهن ڪري خاصيت خراب ٿي پوندي اٿس، پيداوار 3 کان 5 مڻ في وڻ ڏيندو آهي.

ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ خيرپور ڊويزن جون جنسون:

مالٽو، گولو، شملو جنسن کان سواءِ ننڍي پيماني تي ميهو، ڪريلو، ونگو، سرخو گول، سفيدو، چتريدار، رمضاني، الهه آبادي، فيصل آبادي، ۽ بنا ٻج واريون جنسون پوکيون وڃن ٿيون.

## چڪين لڳائڻ جي مند (Season of Transplanting):

چڪين لڳائڻ لاءِ بهار جي موسم يعني 15 فيبروري کان مارچ ۽ سرءُ ۾ جولاءِ کان سيپٽمبر وارا مهينا موزون آهن. چڪيون کڏن ۾ لڳائڻ لاءِ ڪاٺيءَ جي جاءِ تي مٽي کوٽي سندن اصل مٽيءَ جي چڪيءِ جي نشان تائين سڌيون وهارجن ۽ سندن چوڌاري دڪيون ٺاهجن ته جيئن پاڻي سڌي طرح چڪيءَ کي نه لڳي.

## پاڻي ڏيڻ جو طريقو (Method of Irrigation):

پاڻي ڏيڻ لاءِ سڌيون ناليون کڏن کان فوٽ ڏيڍ ٻاهر هئڻ گهرجن ته جيئن هر هڪ چڪيءَ کي جدا جدا پاڻي ملندو رهي.

شروعات جا ٻه ٽي پاڻي تڪڙا تڪڙا ڏجن. پوءِ اونهاري ۾ ستين ڏينهن ۽ سياري ۾ پندرهين ڏينهن پاڻي ڏيڻ گهرجي ۽ هر وقت دڪيءَ جي چوڦير گڏ ڪري گاهه وغيره ڪڍي صاف ڪري نئين سر دڪيءَ ٻڌجي. جيئن وڻ وڏا ٿيندا وڃن تيئن سندن چلها ويڪرا ڪرڻ گهرجن ۽ هر مهيني گڏ (Interculturing) ڪرڻ گهرجي. جڏهن وڻ ڦر جهلڻ تي اچن تڏهن انهن جون ناليون ۽ چلها ختم ڪري ٻارا ۽ ناليون اهڙي نموني تيار ڪجن جيئن هر هڪ ٻاري کي جدا جدا پاڻي اچي.

اونهاري ۾ پاڻي پندرهين ڏينهن ۽ سياري ۾ مهيني بعد ڏيڻ گهرجي. ميوو جڏهن پچڻ تي اچي ته گهربل پاڻي وقت سر ڏجي ته جيئن ميوو پوري واڌ ڪري، سياري ۾ ٻارهن پاڻي ۽ اونهاري ۾ گهٽ ۾ گهٽ پندرنهن پاڻي ڏيڻ گهرجن.

## گڏيل پوک (Intercropping):

جيستائين وڻ وڏا ٿين تيستائين برسيم ۽ ٻيا ڦرين وارا فصل جهڙوڪ گوار، جنتر، چونئرا وغيره پوکجن، جيڪي زمين کي نائٽروجن مهيان ڪن ٿا.

## پاڻ ڏيڻ جو طريقو (Manuring):

زيتون سال ۾ ٻه دفعا ميوو ڏيندو آهي. ۽ سڄو سال منجهس گل ۽ ميوا موجود هوندا آهن. انهيءَ ڪري زمين جي طاقت قائم رکڻ لاءِ وٿاڻ جو پاڻ (Farm Yard Manure) ڏيڻ تمام ضروري آهي. جولاءِ مهيني ۾ مڻ کان ڏيڍ مڻ ديسي پاڻ في وڻ جي حساب سان زنڪ سلفيٽ (زينگرو-33 سيڪڙو) 150 کان 200 گرام في وڻ ٽڙ کان هڪ فوٽ پري ٿارين جي پکيڙ تائين ٻوٽن جي چوڌاري پکيڙي پوءِ گڏ ڪري ڇڏجي. پاڻي ڏيڻ سان پاڻ ڳرندو رهندو ۽ زمين جي طاقت وڌندي رهندي. سٺي زمين واري باغ کي هڪ ٻوري ڊي-اي-پي ۽ هڪ ٻوري يوريا ڪمزور يا سخت ۽ ڪلراٺين زمينن واري باغ کي ٻه ٻوريون نائٽروفاس ۽ هڪ ٻوري امونيم نائٽريٽ في ايڪڙ جي حساب سان ڏجي. ان لاءِ سمورو ڊي اي پي ۽ يوريا جو اڌ يا ٻه ٻوريون نائٽروفاس في ايڪڙ آگسٽ مهيني ۾ ڏيڻ گهرجي.

جڏهن ته بقايا اڌ ٻوري يوريا يا اڌ ٻوري امونيم نائٽريٽ في ايڪڙ نومبر مهيني ۾ ڏجي.

## ڇانگ (Pruning):



ڇانگ فقط ننڍن وڻن ۾ ڪئي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ ته ان وقت ڪيترين ئي شاخون هيٺيان ٽڙ مان نڪرن ٿيون ۽ سنهيون ۽ ٻڱهيون ٿين ٿيون ۽ ميوي جهلڻ وقت سٺ سهي ڪو نه ٿيون سگهن. هڪ طرف وڻ جي شڪل ۽ بيهڪ بري لڳي ٿي ته ٻئي طرف وڻن جي وچ ۾ هر ڏيڻ مشڪل ٿيو پوي. تنهن ڪري شروعات ۾ هر سال ننڍن وڻن جون سنهيون ٿاريون ڪٽجن. وڏن وڻن ۾ جيڪڏهن سڪل ٿاريون نظر اچن ته اهي اپريل ۽ جولاءِ مهيني ۾ ڪڍي ڇڏجن.

## چڪين وڌائڻ جا طريقا (Propagation Methods):

زيتون جون چڪيون هيٺين ريت وڌائي سگهجن ٿيون:
زميني اوڏ/ داب (Ground Layering) ذريعي، هوائي اوڏ/ داب (Air Layering) ذريعي، قلم لڳائڻ (Cuttings) ذريعي ۽ ٻج (Seed) ذريعي.

## 1. زميني اوڏ/ داب (Ground Layering):

هن اوڏ ذريعي چڪين وڌائڻ جو طريقو ڪامياب آهي. اوڏ لڳائڻ لاءِ صحتمند ميوو ڏيندڙ وڻ جو انتخاب ڪجي. جنهن جون ٽاريون زمين جي بلڪل ويجهو هجن. انهن ٽارين مان مضبوط ۽ سگهاريون آگر جهڙيون ٿلهيون ٽاريون اوڏ لاءِ چونڊجن جيڪي ٿوري ٿوري مفاصلي تي هجن.
ٽاريءَ جي وچ واري حصي کان تيز چاقو سان چلي نماڪٽ ڏيئي کل لاهجي. پوءِ اڌ فوٽ زمين ۾ کڏو کٽي ان ڪٽ ڏيڻ واري جاءِ کي کڏي ۾ اهڙي طرح پورجي جو چڪي سڌي بيهي. بغير ڪٽ ڏنل ٽاري به کڏي ۾ پوري سگهجي ٿي. پر ڪٽ ڏنل ٽاري جلد پاڙون هڻڻ شروع ڪري ٿي.
انهن اوڌن کي ٽڪڙا ٽڪڙا پاڻي ڏجن ته جيئن پوريل ٽاريون جلد پاڙون هڻڻ شروع ڪن. انهيءَ ڪم لاءِ پلاسٽڪ جي ٽوڪرين ۾ مٽي ۽ ڀاڻ وجهي انهن کي مٽي تختن تي 3 کان 4 فوٽ مٿي رکي ٽارين کي پوري ۽ پاڻي ڏجي. تقريبا ڇهن هفتن کانپوءِ پوريل ڇهڪ واري حصي کان پاڙون هڻڻ شروع ڪنديون.
جنهن کان پوءِ هر اوڏ کي مٽيءَ واري پوريل حصي کان مٿي ڪنهن تيز چاقوءَ سان هلڪو ڪٽ ڏجي.
15 ڏينهن کانپوءِ ڏسجي ته اها ٽاري ڪٽ برداشت ڪري ويئي آهي ته پوءِ وري ساڳي جاءِ تي وري ڪٽ ڏجي. اهڙي طريقي سان ان چڪيءَ کي وڻ کان جدا ڪري ڇڏجي.
ان چڪيءَ کي وڻ کان جدا ڪرڻ کانپوءِ 15 ڏينهن ڇڏي ڏجي ته جيئن خبر پوي ته اوڏ مڪمل طور زمين ۾ پاڙون هڻي ويئي آهي يا نه. جڏهن اها پوري پڪ ٿي وڃي ته چڪي مڪمل تيار ٿي ويئي آهي ته پوءِ ان چڪيءَ کي ڪڍي تيار ٿيل زمين ۾ پوکجي.

## 2. هوائي اوڏ/داب (Air Layering):

اوڌون وڌائڻ لاءِ هي طريقو به ڪامياب آهي. هن ۾ پهريائين زمين ۾ کڏو کٽي ان ۾ هڪ حصو وٽاڻ جو ڀاڻ ۽ به حصا لٽياسي مٽي وجهي ان کڏي کي پاڻيءَ سان پري ڇڏجي. تقريبا هڪ هفتي تائين ان ڀاڻ ۾ مٽي ملايل کي پاڻي ڏيندو رهجي ته جيئن اهو ڀاڻ ۽ مٽي پاڻ ۾ چڱيءَ طرح سان ملي وڃن ۽ ڀاڻ ڳري پنهنجي گرمائش ختم ڪري.



پوءِ وڻ جي وچين حصي جتي شاخون پکڙيل هجن اتي پينسل جهڙيون ٿلهيون شاخون چونڊجن. پوءِ هر هڪ ٽاريءَ کي جنهن مان اوڏ تيار ڪرڻي هجي ان ٽاريءَ جي وچ واري حصي وٽ تيز چاقوءَ سان هڪ کان ڀن انچن تائين گول کل لاهجي. ۽ کل لٿل حصي وٽ ان ڏانديءَ کي هلڪو ڇهڪ ڏجي. پوءِ ان ڇهڪ ڏنل جاءِ تي پهريان تيار ڪيل مٽي ۽ ڀاڻ مليل گپ جو هڪ پنوڙو اهڙي طرح رکجي جيئن ڏانديءَ کي چوڌاريءَ ڦري اچي. ان بعد ڏهه انچ سٽي جي بوري جو ٽڪر ڏوريءَ سان يا سُٽ سان ان کي چڱي طرح ويڙهجي ۽ ٻڌي ڇڏجي.
ٻڌل جاءِ جي مٿان ڀي ٽاريءَ ۾ هڪ ٽڪر جو لوٽو يا پلاسٽڪ جون بوتلون جنهن کي تري ۾ هڪ سنهو سوراخ ڪجي ۽ پوءِ انهن کي ٻڌجي ته جيئن ان مان ڦڙو ڦڙو پاڻي ٻڌل اوڏ جي مٿان ڪرندو رهي ۽ اها ٻڌل مٽي آلي رهي ته جيئن ان ڏنل ڇهڪ وٽان ٽاري پاڙون ڪڍڻ شروع ڪري.
اوڏ لڳائڻ کان ڇهن هفتن جي عرصي کان پوءِ وڻ واري حصي کان لڳل اوڏ کي تيز چاقو سان هلڪو ڇهڪ ڏجي. وري 15 ڏينهن کان پوءِ اوڏ جو رهيل حصو ڪٽي وڻ کان ڌار ڪجي ۽ اها تيار ڪيل اوڏ جلد زمين ۾ پوکي ڇڏڻ گهرجي.
نوٽ: هن طريقي سان لڳل اوڏ ۾ مٽي گهٽ هوندي آهي. ان ڪري ان تيار ڪيل چڪيءَ کي جلد پوکڻ گهرجي نه ته چڪي سڪي وڃڻ جو انديشو آهي.

هوائي اوڏ/ داب (Air Layering) ۾ لوٽي پٽڻ کانسواءِ هي طريقو به اچڪلهه وڏيڪ استعمال ٿئي ٿو ته اوڏ کي لڳايل مٽيءَ جي پنوڙي کي پوليٿين ٽيپ سان مضبوطيءَ سان ويڙهي ڇڏجي ته جيئن اندر هوا داخل نه ٿي سگهي. ۽ ان پنوڙي ۾ گهم موجود رهي.





## 3. قلم ذريعي (Cuttings):

ڇڪين وڌائڻ لاءِ هي طريقو سولو آهي. هن طريقي ۾ پهريائين 8 فوٽ ڊگهيون ۽ 4 فوٽ ويڪريون ڀاريون ٺاهجن. انهن ڀارن مان گندگاهه ڪڍي صاف ڪري وٺاڻ جو پاڻ وجهي پوءِ زيتون جي وڻن مان آڱر جي ٿولهه جيتريون ٽاريون ڪپي انهن جا 8 انچ ڊگها ڏنڊ ٺاهجن. جن ۾ ٽن کان چار اکيون هجن (قلم تيز چاقوءَ سان ڪٽجن ته جيئن چيرجي ۽ زخمي نه ٿي پون. چيريل يا زخمي ٿيل ڏنڊ ڪم جا نه هوندا.

اهي قلم تيار ڪيل ڀارين ۾ 6 انچن جي مفاصلي تي اڳ ۾ ڀارين کي پاڻي ڏيئي پوءِ 3 انچ اونها کوڙجن، انهن کي گرمين ۾ پنجن ڏينهن کان پوءِ ۽ سردين ۾ ڏهن ڏينهن کان پوءِ پاڻي ڏجي.

پندرهن ويهن ڏينهن کانپوءِ اهي ڏنڊ مٿئين حصي کان گونچ ڪڍڻ شروع ڪندا. جڏهن اهي گونچ وڏا ٿي ٻوٽي جي صورت اختيار ڪن ٿا ته سمجهڻ گهرجي ته ڇڪي تيار آهي. پوءِ ان ڇڪيءَ کي ڪڍي زمين ۾ لڳائجي.

## 4. ٻج ذريعي (Seed):

زيتون جون ڇڪيون ٻج ذريعي به تيار ڪري سگهجن ٿيون. پر ٻج ذريعي تيار ڪيل ڇڪين ۾ اصلي خاصيت واري جنس نٿي ملي. انهيءَ ڪري اوڏ ذريعي ڇڪيون وڌائڻ ئي مناسب طريقو سمجهيو وڃي ٿو.

## ميوو جهلڻ (Fruiting):

زيتون جا وڻ ٽن سالن کان پوءِ ميوو جهلڻ شروع ڪن ٿا ۽ ٽيهن کان چاليهن سالن تائين ميوو ڏيندا رهن ٿا. جنهن کانپوءِ سندن عمر ختم ٿي ويندي آهي. هي سال ۾ ٻه مکيه فصل ڏين ٿا.

هڪ فصل سياري جي شروعات يعني نومبر مهيني کان ٺهڻ شروع ٿئي ٿو جيڪو بهار جي موسم پوري هلي ٿو. ۽ بهار ۾ وري وڻ گل جهلن ٿا. ۽ ٻيو فصل اونهاري جي موسم ۾ برسات جي وقت ملي ٿو.

ميوي واري مک عموما اونهاري واري فصل کي وڌيڪ نقصان رسائي ٿي. ان ڪري ان دوران خصوصي ڌيان ڏيڻ گهرجي.



## زيتون جا جيت ۽ بيماريون:

### 1. ميوي جي مک:

هيءَ مک جڏهن ميوو تيار ٿي وڃي ٿو ته ان جي اندران هن جا ٻچا ميوي کي خراب ڪن ٿا. جنهن جي بچاءُ ۽ علاج هيٺين ريت ڪرڻ گهرجي.

### بچاءُ:

جڏهن زيتون آني جيترا ٿين ته جولاءِ جي مهيني ۾ باغ اندر هڪ ڊبو جنسي ڦندي جو في ايڪڙ جي حساب سان لڳائي روزانو ڊبي ۾ ڦاسڻ وارين مکين جو تعداد ڏسجي.

جيڪڏهن ڊبي ۾ ٻن ٽن کان وڌيڪ مکيون هجن ته پوءِ ڦوهارو ڪرڻ گهرجي. پر جيڪڏهن ان کان گهٽ هجي ته ڦوهارو نه ڪرڻ گهرجي.

### ڦوهارو يا علاج:

ميوي جي مک لاءِ ڊپٽريڪس 120 گرام کان 150 گرام في 100 لٽر پاڻيءَ ۾ ملائي ڦوهارو ڪرڻ

گهرجي. پر جيڪڏهن زيتون پچڻ وارو هجي ۽ ميوي جي مک جو حملو هجي ته پوءِ ڊپٽريڪس جي بجاءِ ليزر 250 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻيءَ ۾ ملائي ڦوهارو ڪجي. ليزر لڳائڻ سان ٽرڙي ۽ ڪينئن جو ضابطو پڻ ملي ويندو. ان کان سواءِ ٽرائيڪلورفان 200 ملي لٽر100 لٽر پاڻي ۾ ملائي ڏجي.

## 2. ٽرڙو:

گهڻو ڪري ٿڌي مند ۾ حملو ڪري ٿو، هن جي حملي ۾ گر وارو مرض پڻ ٿي وجي ٿو.

### علاج:

ليزر 250 ملي لٽر يا ڪونفيڊور 80 کان 100 ملي ليٽر في 100 لٽر پاڻيءَ ۾ ملائي ڦوهارو ڪريو.

## 3. ڪينئان:

ڪينئن جون جوان ماديون گُلن کلڻ وقت گلن تي آنا لاهن ٿيون. جيڪي ڏهن ڏينهن ۾ ڦٽي ٻچا ڏين ٿا. اهي ٻچا گلن کي ڪائي نقصان ڏين ٿا ۽ ميوي اندر داخل ٿي وڃن ٿا. گهڻو نقصان نومبر، ڊسمبر ۾ ڪري ٿو.



## 4. ڦلي:

جڏهن ميوو تيار ٿي ويندو آهي ۽ لهڻ جي ويجهو هوندو آهي. ان وقت هن بيماري جو حملو شروع ٿيندو آهي.

### علاج:

ڪاپر آڪسي ڪلورائيڊ 250 گرام يا اسڪور 50 ملي لٽر في ڊرم پاڻي ۾ ملائي چڱيءَ ريت ڦوهارو ڪريو.

## 5. سوڪهڙو:



هي بيماري عام طور تي هر باغ ۾ نظر ايندي آهي. شروع شروع ۾ نون گوُنچن کي متاثر ڪري ٿي. پوءِ سڄي وڻ تي حملو ڪري ٿي. هن بيماري جي حملي سبب ڪجهه سالن ۾ وڻ سڪي ويندو آهي.

### علاج:

هن بيماري کان بچاءَ لاءِ دواءِ ٿين ايم 250 گرام 100 لٽر پاڻيءَ ۾ ملائي ڦوهارو ڪجي هي ڦوهارا گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا ڪرڻ گهرجن.

## ڦوهارو:

باغ ۾ ڦوهاري ڪرڻ لاءِ پاور مشين استعمال ڪجي جيڪا دوا چوٽيءَ تائين پهچائي سگهي. جيڪڏهن دوا صحيح نه پهچندي ته اتي مکيون ۽ جيت رهجي ويندا ۽ اُتان وري سڄي باغ ۾ پکڙجي ويندا ۽ نقصان جو باعث بڻجندا، جنهن لاءِ پاور اسپريئر استعمال ڪرڻ تمام ضروري آهي. ان سان جيتن ۽ مکين جو مڪمل خاتمو يقيني آهي. انهيءَ سان وڏيڪ پئسو زيان ٿيڻ کان بچي ويندو ۽ ٿوري وقت ۾ جيتن تي ضابطو آڻي سگهبو.

## سار سنڀال (Aftercare):

ٻن موسمن ۾ ميوو وٺڻ لاءِ ڄاڻايل سمورين سفارشن تي مڪمل طور عمل ڪيو وڃي ته جيئن پيداوار وڌيڪ لهي ۽ وڏ کان وڏ نفعو حاصل ٿئي. پر جيڪڏهن ٻنهي مندن ۾ محنت ۽ انتظام ڪنهن کان نٿو پڄي ته پوءِ فقط سياري جو فصل وٺڻ گهرجي.
اونهاري جي فصل جي روڪڻ لاءِ سياري جي آخر ۾ يعني بهار گلن جهلڻ مهل وڻن جو پاڻي بند

ڪجي ته جيئن گل ۽ ننڍو ميوو سوڪ سبب سڪي ڇڻي وڃي ۽ اونهاري وارو ڦر نه ڪٽي.

## پيداوار (Yield):

زيتون جو هر هڪ وڻ اٽڪل 500 کان 700 ميوا جهلي ٿو. جن جو وزن اندازا ٻه کان ٽي مڻ ٿئي ٿو. اهڙي طرح سان هڪ ايڪڙ مان 140 کان 210 مڻ ميوو لهي ٿو.



# Lemon - ليمون

## زمين:

ليما ۽ توڙي ٻيا کٽا ميوا مختلف قسمن جي زمين تي پوکيا وڃن ٿا. پر اهڙي لٽياسي زمين جنهن ۾ کارپڻ (pH) 6.5 تائين هجي. اها زمين وڌيڪ پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ کان بهتر ۽ موزون سمجهي وڃي ٿي. پٿريلي ۽ ڪلراٺي زمين هن ميوي لاءِ مناسب ناهي. هن لاءِ اها زمين جنهن ۾ هوا جي سٺي اچ وڃ هجي ۽ منجهس پاڻي جذب ڪرڻ جي صلاحيت وڌيڪ هجي سا سٺي رهي ٿي. باغ لڳائڻ کان پهرين گهٽ ۾ گهٽ ڇهه کان اٺ فوٽ جي اونهائي تائين زمين جي هيٺين تهه ۾ ڪڪريون، ريتي يا چيڪي مٽي نه هجي ته وڌيڪ موزون هوندي. زمين جو دارومدار روٽ اسٽاڪ تي پڻ آهي. جنهن تي ٻوٽا پيوند ڪجن ٿا. مثلا جٽي کٽي جو روٽ اسٽاڪ ڪکريلي، وارياسي ۽ چيڪي زمين کي پسند ڪري ٿو. کٽو ميوو ڳرين ۽ پوسل وارين زمينن ۾ به ڪامياب آهي.

## پيوندڪاري لاءِ ضروري صلاحون:

(1) اک يا چشمو يا پيوندي ڪاٺي کي روٽ اسٽاڪ جي صحيح نموني سان پچائي ٻڌجي. (2) روٽ اسٽاڪ ۽ پيوندي ڪاٺي هڪ ئي ٿولهه جي برابر چونڊجن. (3) روٽ اسٽاڪ ۽ سائن بيماري کان پاڪ چونڊجن. (4) پيوندي ٽاري هلندڙ سال جي انهي پڪي ٽاري مان حاصل ڪجي جيڪا چار پنج مهينا پراڻي ته هجي، پر ان ۾ اڃا ڦوٽهڙو شروع نه ٿيو هجي. (5) پيوندي ڪاٺي جي چونڊ لاءِ ضروري آهي ته هڪ نسلي باغ هجي، جنس جي هر ٻوٽي جو نسل ۽ پيداوار وڻ جي قسم مطابق اعلي قسم جا هجن ۽ وڌيڪ پيداوار ملي انهن مان به جيڪي صحتمند ۽ توانا هجن تن تي خاص نشان لڳايو وڃي ۽ وقت اچڻ تي ان مان پيوندي ڪاٺي حاصل ڪجي.

## اک يا چشمو لڳائڻ:

ڪٽن ميون ۾ اک يا چشمي وسيلي پيوندي ڪاري ڪجي ٿي. ان لاءِ روٽ اسٽاڪ واري ٻوٽي جي ٿڙ تي زمين کان ڇهه انچ مٿي، ڏيڍ کان ٻه انچ اُڀو چير، پيوندي چاقو جي مدد سان ڏجي. ان کان پوءِ ان چير جي مٿئين چيڙي تي ٻيو چير ان کان منو انچ جو ڏجي. جيڪو زمين جي متوازي هجي. کل کي چاقو جي مدد سان اندرئين پاسي کان اک جي ڊيگهه برابر کولجي. ان کان پوءِ پيوندي ڪاٺي مان هڪ کان ڏيڍ انچ ڊگهي کل (چوڏو) لاٿو وڃي جنهن جي وچ ۾ اک موجود هجي. اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته جيڪڏهن اک سان گڏ ڪنڊو لڳل هجي ته پوءِ اک جي هيٺان ڪاٺي نه لاٿي وڃي چو ته ائين ڪرڻ سان اک زخمي ٿي پوندي. ٻي صورت ۾ ڪاٺي لاٿي وڃي. کل جي ٻنهي چيڙن کي سنهو ڪيو وڃي ته جيئن اها چير ۾ اندر سولائي سان وڃي سگهي. هاڻ اک کي ٽي (T) نما چير ۾ مٿئين کان هيٺئين پاسي داخل ڪري دٻائجي پر خيال رهي ته جيئن اک جي کل ٻوٽي جي کل سان گڏ کپي وڃي ۽ پوءِ اک کي پلاسٽڪ جي پٽي سان قابو ڪري ٻڌجي. پر اهو خيال رکجي ته جيئن اک جو مٿيون سائي آهي ته پوءِ اها ڪامياب آهي نه ته پوءِ ٻي اک لڳائجي. جڏهن اک جي واڌ ڇهه انچ ٿي وڃي ته ٻوٽي جي روٽ اسٽاڪ جو مٿيون حصو چشمي کان ٽي انچ مٿي ڪپي ڇڏجي ۽ روٽ اسٽاڪ تان ٻئي ڦوٽهڙي کي وڌڻ ويجهڻ نه ڏجي. جيڪڏهن پاڻيءَ ۽ گڏ وغيره جو خيال رکيو وڃي ته ٻوٽو هڪ سال اندر باغ ۾ لڳائڻ جي قابل ٿي ويندو.

## قلم وسيلي ٻوٽا تيار ڪرڻ:

ڪٽن ميون ۾ قلم وسيلي تمام گهٽ تسلي واڌ ويجهه ٿئي ٿي. صرف مٺي نارنگي ۽ ليمي جي نسلي واڌ ويجهه هن طريقي سان ڪئي وڃي ٿي. اهي قلم بهار جي مند ۾ لڳايا وڃن ٿا. قلم هڪ ساله عمر واري ٽاري مان ڪپيا وڃن. جيڪي بيمارين کان پاڪ هجن. قلم نَوَ انچن کان ٻارنهن انچ ڊگها هجن. قلم تيار ڪرڻ ۾ اهو احتياط ڪرڻ گهرجي ته هيٺيون وڍ گول ۽ اک جي بلڪل ويجهو هجي. مٿيون

وڍ اِڪ ڪان هڪ يا ڏيڍ انچ مٿي ۽ اڪ جي ابتڙ رخ ۾ ڏيڍو ڪپيل هجي. هڪ قلم تي گهٽ ۾ گهٽ ٽي اکيون ضرور هئڻ گهرجن. اهي قلم زمين ۾ لوهه جي سوئي سان سوراخ ڪري يا رنبي جي مدد سان هنيا وڃن. انهن قلمن کي زور سان نه ٺنبيو وڃي پر اهڙي طرح سان لڳايا وڃن ته جيئن هن جا ٻه حصا زمين ۾ هڪ حصو هوا ۾ ۽ مٿئين وڍ جو رخ اتر ۽ اوڀر ۾ هئڻ گهرجي. ته جيئن هن تي سج جي روشني سنئين سڌي نه پئجي سگهجي نه ته قلم خشڪ ٿي ويندا. قلمن کي زمين ۾ اهڙي نموني سان لڳائجي ته جيئن قطار جو قطار کان فاصلو ڏيڍ فوٽ ۽ قلم جو قلم کان فاصلو نَوَ انچ بيهي. قلم لڳائڻ کان پوءِ هن جي پاسن واري مٽي کي چڱي طرح ويهاريو وڃي ته جيئن سڀ هوا اندران خارج ٿي وڃي. تنهن کان پوءِ هڪدم قلمن کي پاڻي ڏيڻ گهرجي. هڪ مهيني کان پوءِ قلم ڦٽڻ شروع ڪندا. جيسيتائين قلم ڦٽي نه وڃن تيستائين زمين ۾ گڏ ۽ صفائي وغيره نه ڪرڻ گهرجي. چو ته ائين ڪرڻ سان قلم لڏيو وڃن ۽ پاڙون نٿيون لڳن. پاڻي گهرج آهر ڏبو رهجي. جيڪي قلم ڦٽيو وڃن. ان مان تيار ٿيل ٻوٽا هڪ سال کان پوءِ باغ ۾ لڳائڻ جي قابل ٿيو وڃن. انهي طريقي سان سٽر سيڪڙو ڪاميابي ٿئي ٿي.

## داٻ يا اوڌ وسيلي ٻوٽا تيار ڪرڻ:

هن طريقي سان ڪاغذي ليمون تيار ڪيو وڃي ٿو. هڪ سال عمر واري ٽاري آڱر جي ٿولهه برابر چونڊجي جنهن جي مٿان اڌ انچ ويڪري چلي نما کل لاٿي وڃي يا ٽاري جي اڌ ٿولهه جي برابر وڍ ڏجي ۽ پوءِ ٽاري جي ان زخميل دمي کي آلي زمين ۾ نوڙائي پورجي. ٽاري جي ٻنهي پاسن کان ٻسانگيون لڳايون وڃن ته جيئن اها ٽاري مٿي نه کڄي. زمين ۾ پوسل لاڳيتي رکي وڃي. ٻن اڍائي مهينن کان پوءِ ان ٽاري مان پاڙون نڪرڻ شروع ڪن ٿيون. پنجن ڇهن مهينن کان پوءِ ان ٽاري کي وڻ واري پاسي کان وڍ ڏجن. پهريون وڍ 1/3 حصي جيترو، ٻيو ½ ۽ ٽئين وڍ سان ٻوٽو جدا ڪجي. اهي وڍ ائن کان ڏهن ڏينهن جي وقفي سان ڏجن ۽ پوءِ ان کي چڪيءَ جي صورت ۾ گهرج آهر ڪم ۾ آڻجي. اهو عمل ٻنهي موسمن ۾ يعني بهار ۽ سانوڻ ۾ ڪجي. جيڪي ٽاريون زمين تائين نٿيون پهچن انهن کي ڪونڊين ۾ پر ساڳئي نموني لڳائجي.

## جنسون:

يوريڪا، ڪرنا، فلوريڊا رف، ولا فرانڪا، ٻلادي، سور، نينا، جبلور، پنجاب ڪٽي، جالندري ڪٽي، رائونڊ سيڊليس ۽ مالٽا وغيره جنهن مان يوريڪا سفارش ڪيل آهي.

## باغ لڳائڻ جو وقت:

باغ سال ۾ ٻه دفعا لڳائبو آهي. هڪ بهار جي موسم يعني فيبروري-مارچ ۽ ٻيو سانوڻ واري موسم يعني آگسٽ کان سيپٽمبر وارن مهينن ۾ اهي ٻئي موسمون ٻوٽن جي پوک لاءِ بهتر آهن.

## ٻوٽن جو فاصلو:

ٻوٽا ٻن طريقن سان لڳايا وڃن ٿا. هڪ چؤرس ۽ ٻيو ڇهه ڪنڊو طريقو. عام طرح سان ٻوٽا چؤرس طريقي سان لڳايا وڃن ٿا. چو ته هي طريقو ٻين طريقن کان سولو آهي. جنهن ۾ ٻوٽي جو ٻوٽي کان ۽ قطار جو قطار کان فاصلو هڪجهڙو ٿئي ٿو. هن طريقي سان 25x25 فوٽن جي فاصلي تي ٻوٽا لڳائجن ٿا. جنهن ڪري هڪ ايڪڙ ۾ 69 ٻوٽا لڳيو وڃن. جڏهن ته ڇهه ڪنڊو طريقو ڪنهن قدر ڏکيو آهي. جنهن ڪري باغ جي سارسنڀال، گڏ ۽ هر هلائڻ ۾ به ڏکيائي ٿئي ٿي. هن طريقي ۾ اهو فائدو آهي جو چؤڪنڊي طريقي جي ڀيٽ ۾ 25 سيڪڙو وڌيڪ ٻوٽا لڳائي سگهجن ٿا.

## زمين جي تياري ۽ ڇڪيون لڳائڻ:

جيڪڏهن زمين ۾ گندگاهه وغيره موجود هجي ته سڀ کان پهرين ان کي صاف ڪجي ۽ زمين کي پنج ڇهه اونها هر ڏئي سنوت ۾ آڻجي. گهرج آهر ناليون ۽ ٻنا ٺاهجن. کڏا کوٽڻ لاءِ پهرين زمين تي ڪلن وسيلي نشان ڏجن. پوءِ ان جاءِ تي اڍائيx اڍائيx اڍائي فوٽن جا کڏا کوٽجن. ٻن کان ٽن هفتن تائين کڏا کليا رکيا وڃن. ته جيئن سج جي روشني ۾ نقصان وارا جيت ۽ جراثيم وغيره ختم ٿي وڃن. ان کان پوءِ هر هڪ کڏي کي 30 ڪلوگرام وٿاڻ جي ڳريل سڙيل ڀاڻ سان کڏي واري مٽي ملائي

پرڻ گهرجي. جنهن ۾ هڪ حصو وٿاڻ جو پاڻ ۽ ٻه حصا مٽي اچي ويندي. جيڪڏهن ڪڏي واري مٽي سٺي نه هجي ته شاخن يا واهن جي لٽ واري مٽي ۾ پاڻ ملائي ڪڏا پرجن. تنهن کان پوءِ ڪڏن کي هڪ يا ٻه پاڻي ڏجن ته جيئن پاڻ واري گرمي ختم ٿي وڃي ۽ پاڻي کان پوءِ ڪڏن واري مٽي زمين جي سطح کان هيٺ ويهي ته چڪيون هٽڻ کان پهرين انهن کي پرپاسي واري مٽي وسيلي زمين جي برابر هموار ڪيو وڃي. ان کان پوءِ گهربل جنس جا صحتمند ٻوٽا لڳايا وڃن. جيڪي ٻوٽا ڪومائجي وڃن يا مري وڃن انهن کي هرگز نه لڳائجي. ٻوٽن جي چڪي مٿان ڳوڻ يا ڪک پن وغيره لڳل ٿين تا اهي ٻوٽا لڳائڻ کان پهرين لاٿا وڃن. ڪڏو ٻوٽي جي چڪي جيترو اونهو ۽ ويڪرو کوٽڻ گهرجي. ٻوٽي جي چڪي کي چڱي طرح زمين ۾ ويهارڻ لاءِ، هٿن ۽ رنبي جي مدد سان مٽي کي چڪي جي پاسن کان دٻاڙجي پر اهو خيال ضرور ڪجي ته جيئن چڪي ٽٽي نه پوي. ٻوٽي جي ٽڙن تي به مٽي چاڙهجي. ٻوٽي لڳائڻ کان پوءِ هڪدم پاڻي ڏجي.

## پاڻي:

شروعاتي وقت ۾ گهرج آهر پاڻي ڏبو رهجي. اونهاري ۾ هفتيوار ۽ سياري ۾ ٻن کان ٽن هفتن جي وقفي سان پاڻي ڏجي. گهڻو پاڻي نقصان ڏئي ٿو. گلن جهلڻ مهل پاڻي بند ڪجي. پر جيئن ئي ميوو لڳي وڃي ته پاڻي ڏيڻ شروع ڪجي. ۽ پاڻ ڏيڻ کان پوءِ ضرور پاڻي ڏيڻ گهرجي. پاڻي ڏيڻ مهل خيال رکجي ته جيئن ٻوٽي جي ٿڙ کي سنئون سڌو پاڻي نه پهچي. ان لاءِ ٻوٽي جي ٿڙ تي کوڏر وسيلي مٽي چاڙهجي. پاري پوڻ وارين راتين ۾ پاڻي ڏيڻ سان ٻوٽا گهٽي نقصان کان بچيو وڃن.

## پاڻ:

ٻوٽن جي سٺي واڌ ويجهه لاءِ پاڻ جو استعمال تمام ضروري آهي. پر وٿاڻ جو تازو پاڻ هرگز نه ڏيڻ گهرجي. ڇو ته تازي پاڻ ڏيڻ سان ٻوٽن جي خوراڪي رسد بند ٿي وڃي ٿي. جنهن ڪري ٻوٽن کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي. ان کان سواءِ اڏوهي لڳڻ جو پڻ خطرو رهي ٿو. جنهن ڪري وٿاڻ جو پاڻ هميشه سڙيل ڳريل ڏجي. جيڪو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال پراڻو هجي. ان سان گڏ ڪيميائي پاڻ جو پڻ استعمال ڪجي. جهڙوڪ؛ نائٽروجن، فاسفورس ۽ پوٽاش وارا پاڻ وغيره.

وٿاڻ جو پاڻ نومبر – ڊسمبر جي مهيني ۾ ڏجي. جڏهن ته ڪيميائي پاڻ اپريل جي مهيني ۾ ڏيڻ گهرجي. ان مان ٻه يوريا جو اڌ وزن اپريل ۾ ۽ باقي رهيل اڌ وزن آگسٽ ۾ (ميون پٽجڻ کان پوءِ) ڏجي.

ذڪر ڪيل پاڻ ٻوٽي جي ٿڙ کان هڪ يا ٻه فوٽ پري چوڦير گهيري ۾ پکيڙي زمين ۾ ملائجي. پاڻ ڏيڻ کان پوءِ هڪدم پاڻي ڏجي.

| ليمي ۾ پاڻ ڏيڻ جي ترتيب | | | | |
|---|---|---|---|---|
| وٿاڻ جو پاڻ نومبر-ڊسمبر ۽ ڪيميائي پاڻ اپريل ۾ في ٻوٽي وڻ کي عمر مطابق ڏجي. | | | | |
| ٻوٽي جي عمر (سالن ۾) | وٿاڻ جو پاڻ (ڪلوگرام) | يوريا (گرام) | سنگل سپر فاسفيٽ (گرام) | سلفيٽ آف پوٽاش (گرام) |
| هڪ | 10 | 100 | 100 | 100 |
| ٻه | 20 | 200 | 200 | 200 |
| ٽي | 30 | 300 | 300 | 300 |
| چار | 40 | 400 | 400 | 400 |
| پنج | 50 | 500 | 500 | 500 |
| ڇهه | 60 | 600 | 600 | 600 |
| ست | 70 | 700 | 700 | 700 |
| اٺ | 80 | 800 | 800 | 800 |
| نَوَ | 90 | 900 | 900 | 900 |
| ڏهه يا ان کان وڌيڪ | 100 | 1000 | 1000 | 1000 |

گندگاهه جو خاتمو: باغ کي گندگاهه کان صاف رکڻ لاءِ شروع ۾ کوڏر، چنجور يا کهيڙي وسيلي گڏ

ڪجي. جڏهن وڻ وڏا ٿي وڃن ته وٽن هيٺان ڏڙ وسيلي گندگاهه کي ختم ڪجي ۽ باقي رهيل زمين ۾ هر ڏجن ۽ زمين کي سنوت ۾ رکجي ائين ڪرڻ سان جيتن ۽ بيمارين کان بچاءَ ٿيندو ۽ گڏوگڏ زمين به نرم ٿي ويندي.

## گڏيل فصلن جي پوک:

باغ ۾ پنجن- ڇهن سالن تائين ربيع ۽ خريف جون پاڇيون پوکي سگهجن ٿيون. جنهن سان اضافي آمدني ٿيندي ۽ گندگاهه ۾ به گهٽتائي ايندي. برسيم ۽ ڦري واريون جنسون پوکڻ سان آمدني به وڌندي ۽ زمين جي زرخيزي به بحال ٿيندي.

## چانگ:

بوٽن لڳائڻ کان پوءِ ان جي وٽندڙ شڪل شبيهه ٺاهجي. ٻوٽي ۾ ٿڙ جي چوڌاري ٽاريون به پکڙيل هجن. گرم علائقن ۾ ٽاريون زمين کان ٻه ٽي فوٽ مٿي هئڻ گهرجن. ٿڙ ٽارين ۾ لڪل هجي نه ته گرمي سببان ٿڙ جي کل ڦاٽڻ يا لهڻ جو خدشو آهي. ان ڪري پهرين ٻن ٽن سالن تائين ترتيب واري چانگ سان وڻ جو ڍانچو ٺاهڻ تي ڌيان ڏجي ۽ ان تناسب سان چانگ ڪبي رهجي. چانگ جو ٻيو مرحلو ڦر ڏيڻ کان پوءِ شروع ٿئي ٿو. ان وقت ڪٽن ميون جي چانگ فقط ايتري ٿيڻ گهرجي جو جنوري مهيني ۾ پراڻيون سُڪل ٽاريون ۽ اهي ٽاريون جيڪي پاڻ ۾ ٽڪرائبيون هجن اهي ڪپي ڇڏجن.

## باغ جي سارسنڀال:

باغ ۾ جيڪي ٻوٽا مري وڃن انهن جي جاءِ تي خال ۾ وري ٻيا ٻوٽا لڳائجن. ٻوٽن تي گرمي ۽ سردي جو اثر تمام جلد ٿئي ٿو. گرمي کان بچاءَ لاءِ ٻوٽن جي ڀرپاسي ۾ جنتر پوکجي. ننڍن ٻوٽن کي سيءَ کان بچاءَ لاءِ اتر واري پاسي کان ڪک ڪانا ڏجن. پاري کان بچاءَ لاءِ باغ کي پاڻي ڏجي يا دونهون ڪجي. تيز هوا کان بچڻ لاءِ، باغ جي ٻاهران هوا جي روڪ وارا وڻ لڳائجن. چوپائي مال جي نقصان کان بچڻ لاءِ پڻ جوڳو بندوبست ڪجي. پکي به باغ ۾ ميوي کي نقصان ڏين ٿا. ان جو به خيال رکڻ کپي. وقت تي پاڻي ۽ پاڻ ڏجي. جيڪڏهن جيتن ۽ بيمارين جو حملو نظر اچي ته ترت ئي انهن جو تدارڪ ڪجي. ميوي ملڻ کان پهرين ٻوٽن جي شڪل شبيهه ٺيڪ ڪجي ۽ ميووي پٽجڻ کان پوءِ فقط سڪل ٽٽل يا بيماري ۾ ورتل ٽارين جي چانگ وارو عمل به ڪجي. ٻوٽن جي ٿڙ تي چُن جي پوچي ڪجي ته جيئن جيتن کان بچاءَ ٿئي ۽ ٿڙ تي به سج جي گرمي جو خراب اثر نه پوي. ٻوٽي جي ٿڙ جي پر ۾ مٽي چاڙهجي ته جيئن پاڻي سڌو سنئون ٿڙ کي نه رسي.

## گل ۽ ميوا:

وڻ جڏهن چئن – پنجن سالن جو ٿيندو آهي ته گل اچڻ شروع ٿين ٿا. ڪٽي ميوي جي خاندان وارن وٽن ۾ گل فيبروري جي پڇاڙي کان مارچ جي شروع ۾ اچڻ شروع ٿين ٿا. هن خاندان جي وٽن ۾ ڦر لڳڻ ۾ ڪابه ڏکيائي پيش ڪانه ٿي اچي. گل مڪمل طرح ٿئي ٿو يعني هڪ ئي گل ۾ نر ۽ مادي جزا گڏ ٿين ٿا. لڳ وارو عمل جيتن وسيلي ٿئي ٿو. اپريل تائين ڦر ٿيڻ وارو عمل مڪمل ٿيو وڃي ۽ ميوو جولاءِ کان مارڪيٽ ۾ اچڻ شروع ٿيو وڃي.

## ميون پٽڻ لاءِ صلاحون:

ميوو نه ڪچو پٽجي ۽ نه ئي وري پڪل ميوي کي وڻ ۾ گهڻي وقت تائين رهڻ ڏنو وڃي. ميوو جڏهن پنهنجي قسم مطابق جسامت ۽ پختگي تي پهچي رنگ بدلائي ته اها هن جي پچڻ جي نشاني آهي. جيڪڏهن انهن ميون کي احتياط سان نه پٽبو ته اڳتي هلي اهي ميوا خراب ٿيڻ شروع ٿيندا. ان لاءِ ضروري آهي ته ميون کي ڏاکڻ وسيلي پٽجي. وٽن مان ميوو پٽڻ لاءِ ڪئنچي جو استعمال ڪجي. ڏانڊي کي ميوي جي برابر ڪپجي ته جيئن اها ٻين ميون کي زخمي نه ڪري. ميون کي پٽ تي ڪرڻ کان بچائجي ان لاءِ پٽڻ کان پوءِ ڪپڙي جي ٿيلهين ۾ ميون کي وجهي هيٺ لاهجي ته جيئن اهي زخمي نه ٿين، ڇو ته ميوي جي زخمي ٿيڻ ڪري ان تي مختلف جراثيم حملو ڪن ٿا ۽ ميوو جلد ڳرڻ شروع ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن ميوي کي پٽڻ کان وٺي مارڪيٽ تائين هر قسم جي نقصان کان بچايو ويو ته ڪيترن ئي هفتن تائين سٺي حالت ۾ رهندو. ميوي جي درجا بندي سان گڏوگڏ ان جي صفائي جو به خيال رکڻ گهرجي. ميوي جا مختلف قسم پاڻ ۾ نه ملائجن. ميون کي

ڪڻن، ٽوڪرين ۽ ٻورين ۾ بند ڪري مارڪيٽ نه اماڻجي ائين ڪرڻ سان قيمت گهٽ ملندي ۽ ميوو به خراب ٿيندو. ميون کي هميشه ڪاٺ جي کوکن ۾ بند ڪجي. ميون وجهڻ کان پهرين کوکن جي پاسن ۽ تري ۾ ڪاغذ وجهي بند ڪري مارڪيٽ ۾ اماڻجي.

جيتن ۽ بيمارين جي آءِ پي ايم: جيت ۽ بيماريون ٻين فصلن جيان ليمن جي باغ تي به لڳن ٿيون. جيڪي ڌيان نه ڪرڻ يا صحيح ڇاڻ نه هئڻ ڪري تمام گهڻو نقصان پهچائن ٿيون.

عام طور تي ليمن جا آبادگار جيتن ۽ بيمارين جو تدارڪ صرف ۽ صرف زرعي زهرن کي سمجهن ٿا. جڏهن ته زرعي ماهرن تجربن مان اهو ثابت ڪيو آهي ته صرف زرعي زهرن جو استعمال فائديمند ناهي پر زرعي زهرن کي آخري حربي طور يعني مجبوريءَ ۾ استعمال ڪرڻ گهرجي. جڏهن ته جيتن ۽ بيمارين تي ضابطي جو بهترين طريقو آءِ پي ايم آهي. آءِ پي ايم جون ڪجهه خاص ڳالهيون هيٺ ڏجن ٿيون:

1. ڇڪين تيار ڪرڻ لاءِ ٻج صحتمند ليمن ۽ بيمارين کان پاڪ صحتمند وڻن جو استعمال ڪرڻ گهرجي.
2. بيمار وڻن واري باغ ۾ ٻيجارو هرگز نه تيار ڪرڻ گهرجي.
3. باغ اندر گندگاهه کي ڦٽڻ شرط هرن ڳُڏن ذريعي هڪدم ختم ڪجي ڇاڪاڻ ته گندگاهه جي ڪري باغ ۾ جيت جٽيان وڌيڪ نقصان ڏين ٿا.
4. وڻن کي صحتمند رکڻ لاءِ ڀاڻ، پاڻي ۽ ڳُڏون زرعي ماهرن جي سفارش مطابق ڏجن.
5. پنهنجي باغ کي ٺيڪيدارن جي رحم ڪرم تي هرگز نه ڇڏجي. پر باغن جي مالڪن کي پاڻ سارسنڀال لهڻ گهرجي. باغ جي وڻ وڻ کي هفتي پندرهين ڏينهن گهمي ڏسجي. جتي پاڻيءَ جي ضرورت هجي اتي پاڻي ڏجي جتي ڀاڻ جي ضرورت هجي اتي ڀاڻ ڏجي. جتي ڳُڏ ڳاڙي يا ڇانگ جي ضرورت هجي اتي اهو عمل بنان دير ڪرڻ گهرجي.
6. زرعي ماهرن سان رابطي ۾ رهجي ڪڏهن ڪڏهن ماهرن کي پنهنجو باغ گهمرائجي ۽ اُهي جيڪو مشورو ڏين ان تي هڪدم عمل ڪجي.
7. پر اهو به آءِ پي ايم جو مقصد هرگز ناهي  ته ڪنهن به سبب جي ڪري جيڪڏهن باغ ۾ جيت ۽ بيماريون وڌي وڃن ته پوءِ به زرعي زهر استعمال نه ڪيا وڃن پر اهڙي حالت ۾ زرعي ماهرن جي مشوري سان زرعي زهرن جو استعمال ڪجي. هتي جيتن ۽ بيمارين جي ضابطي جو ڪيميائي تدارڪ ٻڌائجي ٿو.

## ليمن جا جيت، بچاءُ ۽ علاج



1.پنن ۾ سرنگهه ٺاهڻ وارو جيت: هي جيت هلڪي ڦڪي رنگ جو ۽ منڍي پوري رنگ جي ٿيندي اٿس. جڏهن ته جوان پوپٽ جسامت ۾ ننڍو، اڇو ۽ چمڪندڙ ٿيندو آهي. هي جيت نرم ۽ نازڪ پنن جي اندر سرنگهه ٺاهي پنن جو سائو مادو کائي ٿو. پن چاٽيءَ جي شڪل جهڙا ٿي وڃن ٿا ۽ رنگ چانديءَ جهڙو ٿي وڃي ٿو. آخر ۾ پن مروڙ جي سڪي ڪري پون ٿا.

علاج: ٽريسر 20 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾ يا ڪلوروفيناپائر يا (پائريٽ) 30 کان 35 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾ ملائي ڦوهارو ڪجي.



2. ڪڻن ميون جو مهلو : هي پوري رنگ جو پرن وارو ڦڙت مهلو ٿئي ٿو. جنهن جي پيٽ جي وچ تي نارنگي رنگ جو نشان هوندو آهي. ۽ ويهڻ مهل پولهه کڻي ويهندو آهي. هي جيت بهار جي مند ۾ ٿيل نرم ۽ نازڪ ڦوٽهڙي جو رس چوسي نقصان ڏئي ٿو. هي جيت ان سان اهڙي مٺي رس به خارج ڪري ٿو. جنهن سان پنن تي ڪاري رنگ جو تهه ڄمي پوي ٿو.


علاج:اميڊا ڪلوپرڊ 100 گرام يا ڪونفيڊور 100 ملي لٽر يا

جوزر 120 سي سي في 100 لٽر پاڻيءَ ۾ ملائي ڦوهارو ڪجي.

3. ليمي جو پوپٽ: هي پوپٽ رنگدار خوبصورت ٿئي ٿو. جنهن جا پر ڪارا ۽ انهن تي ڦڪي رنگ چٽڪا ٿين ٿا. ليمي جي پوپٽ جا ننڍا ڪينئا هلڪا ڪارا ٿين ٿا. ڪينئان ڳوٺچن پنن کي کائين ٿا ۽ شديد حملي جي صورت ۾ وڻ ٺوڙها ڪري ڇڏين ٿا.

علاج: ميچ يا ٿائيمر 100 ڪان 150 ملي لٽر في ٻرم ڦوهارو ڪجي.





ٿرڙو: هي جيت ڳاڙهسرو پوري رنگ جو ٿئي ٿو. هن جا ٻچا پنن ۽ ميوي جي رس جي حملي سان ليمي معيار خراب ٿئي ٿو.

علاج: ميچ يا اميدا ڪلوروفيناپائر 30

ڦڪي رنگ جا هوندا آهن. ٿرڙو چوسي نقصان پهچائي ٿو. ٿرڙي جي ڪل ڪر ذري ٿي پوي ٿي ۽

100 ڪان 150 ملي لٽر يا ڪان 35 في ٻرم ڦوهارو ڪجي.

## اچي مک جهڙو جيت (CITRUS WHITE FLY):

هي جيت پرن وارو ننيڙو هلڪي ڦڪي رنگ جو ٿئي ٿو. هن جيت جا ٻچا ۽ جوان ٻئي پنن جو رسُ چوسن ٿا. ان سان گڏ هي جيت ميوي جو به رس چوسي ٿو، جنهن جي ڪري ميوي جي تازگي ختم ٿيو وڃي ٿي ۽ ان جي کل خراب ٿي وڃي ٿي. اڇي مک حملي دوران خاص قسم جي مٺي رس خارج ڪري ٿي جنهن سان پنن تي ان جو تهه ڄمي وڃي ٿو.



علاج: ڪنفيڊور 100 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾ موسپيلان 100 گرام 100 لٽر پاڻيءَ ۾ ملائي ڦوهارو ڪجي.

## ليمن جون بيماريون ۽ بچاءُ:

ڪوڙهه: ڪوڙهه جي ڪري ميوي ۽ پنن تي پوري رنگ جا ڳوڙهين پٽرين جهڙا ٿين ٿا جيڪي اپريل هوندا آهن. ۽ هٿ لائڻ سان محسوس ٿيندئون آهن. باغ جي چوڌاري ڪٺيءَ جي قطار لڳائجي ۽ جن ٽارن تي حملو ٿئي ان جي متاثر حصن جي ڇانگهه ڪجي.



علاج: ڪاپر آڪسي ڪلورائيڊ 250 گرام، اسڪور 50 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾ ملائي وڻن تي چڱي ريت ڦوهارو ڪجي.



ليمي جو سوڪهڙو: وڻ چوٽيءَ کان سڪڻ شروع ڪندا آهن. ميوو ڇٽي ويندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن واڌ ناهي ڪائيندو ۽ اتي ئي ننيو ٿي سکي ويندو آهي. بيمار ٽارن کي ڪپي ساڙي ڇڏجي. بيمار ٽارين جتي سڪل هجن ان کان به ٿي انچ پهرين سائي جڳهه وڻان ويڄجي ته جيئن بيماري جڙ وڻان ئي ختم ٿي سگهي.

علاج: اسڪور 500 ملي لٽر يا انٽرا ڪال يا ڊائٿين ايم يا مينڪوزيب مان ڪوبه هڪڙو زهر 250 گرام في 100 لٽر پاڻيءَ ۾ ملائي به ڪان ٽي پيرا ڦوهارو ڪجي.

ڪئونر واري بيماري : وڻن جي ٿڙن جي کل مختلف جاين تان ڦاٽي پوندي آهي ۽ انهن ڦوٽن مان ڪئونر نڪرڻ شروع ڪندو آهي. کل ڦاٽڻ جي ڪري وڻن کي خوراڪ صحيح ناهي ملندي. جنهن جي ڪري وڻ سڪي ويندا آهن.

سڪل ٽارين وڍي ڇڏجن ۽ ٿڙ کي پاڻي لڳڻ نه ڏجي. جنهن لاءِ وڻ جي ٿڙن جي چوڌاري مٽي چاڙهجي.

علاج: انٽراڪال، ريڊومل گولڊ يا ايليٽ مان ڪنهن به هڪڙي زهر جو هڪ حصو ۽ سيڙهي (چُن) 10 حصا ملائي جتان ڪئونر نڪتو هجي اتان کل لاهي ليپو ڪجي. يا 250 گرام في 100 لٽر پاڻيءَ ۾ ملائي ڦوهارو ڪريو.

## زهرن جي استعمال جو طريقو:

1. جنهن به زهر جو ڦوهارو ڪرڻو هجي ان جي مٿان ڏنل هدايتن کي پڙهي عمل ڪجي.
2. ڦوهاري ڪندڙ کي زهر جي اثر کان بچڻ لاءِ هٿن تي پلاسٽڪ يا رٻڙ جا جوراب، اکين تي عينڪ، نڪ تي ماسڪ يا ڪپڙي جي پٽ، پيرن ۾ بوٽ ضرور پائڻ گهرجي.
3. ڦوهاري دوران کائڻ، پيئڻ ۽ سگريٽ ڇڪڻ جي بلڪل اجازت ناهي. اهڙو ڪوبه عمل ڪرڻ سان ڦوهارو ڪندڙ جي صحت خراب ٿيندي.

4. ڦوهاري ٿاهڻ يا ڦوهاري ڪرڻ واري جاءِ تي ٻارن ٻچن، ٻين ماڻهن، جانورن ۽ ڪڪڙن وغيره کي هرگز اچڻ نه ڏجي.
5. ڦوهاري ڪرڻ کان پوءِ هڪدم ڦوهاري واريون خالي ٿيلهيون ۽ بوتلون ڪنهن به استعمال ۾ نه آڻجن.
6. ڦوهاري واري مشين کي وهندڙ پاڻيءَ ۾ هر گز نه ڌوئجي نه ته اهو پاڻي هيٺ جڏهن جانور يا ماڻهو يا پکي پکڻ پيئندا ته انهن جي صحت خراب ٿيندي.
7. ڦوهاري ڪيل باغ مان گهٽ ۾ گهٽ هفتو ڏهه ڏينهن ليمان نه پٽجن ۽ باغ ۾ پوکيل گاهه وغيره نه لٽجي ۽ جيڪڏهن پاڇي پوکي هجي ته اها به هرگز نه پٽڻ گهرجي.
8. تيز هوا هلڻ مهل ڦوهارو هرگز نه ڪجي.
9. ڦوهاري واري اهڙي مشين استعمال ڪجي جيڪا صحيح هجي.
10. ڦوهاري ڪرڻ جو مناسب وقت صبح يا شام آهي. منجهند جو گهڻي تيز اس ۾ ڦوهارو نه ڪجي.



# Papaya - پپيتو

## زمين جي چونڊ:

اهڙي وڏيڪ زرخيز چيڪي زمين جنهن ۾ پاڻي جو سٺو نيڪال هجي. اها پپيتي جي پوک لاءِ ڪارائتي ثابت ٿئي ٿي. جڏهن ته پاڻي جي گهٽ نيڪال واري زمين ۾ گهڻي پاڻي ڏيڻ سان ٻوٽي جي صحت سٺي نه ٿي رهي. جنهن ڪري هن جا پن ڪومائجيو پيلا ٿيو وڃن ۽ هيٺيان پن وڌڻ بجاءِ لڙڪيو هيٺ ڪريو پون. چوٽي وارو حصو واڌ ڪونه ٿو ڪري نتيجي ۾ آخرڪار ٻوٽو ختم ٿيو وڃي.

## نسل جي واڌ ويجهه:

پپيتي جا ٻوٽا گهڻو ڪري ٻج وسيلي تيار ڪيا وڃن ٿا. ان لاءِ وڏي جسامت جي يا گهربل جنس جي پڪل ميوي مان ٻج حاصل ڪجي. هڪ سُٺي ميوي مان هزار کان ٻارنهن سؤ ٻج جا داڻا وٺي سگهجن ٿا. ۽ اهڙن ٺورن ميون مان هڪ ايڪڙ جو ٻج وٺي سگهجي ٿو. هن جو ٻج ڪاري رنگ جو ٿئي ٿو. جنهن جي مٿان شفاف اڇي رنگ جي ڳر ٿئي ٿي. جنهن کي چار سان ملائي سٺي طرح صاف ڪيو وڃي ۽ ڇانوَ ۾ سڪائي مناسب وقت تي پوکڻ لاءِ محفوظ ڪيو وڃي.

## نرسري ۾ ٻوٽا تيار ڪرڻ:

جنهن زمين ۾ نرسري تيار ڪرڻي هجي اها مٿاهين جاءِ تي هئڻ گهرجي. زمين جو زرخيز هئڻ لازمي آهي. سپ کان پهرين زمين کي هر ڏيئي چڱي طرح تيار ڪجي. ان کان پوءِ ٻنا ۽ ٻارا تيار ڪجن. زمين ۾ وٺاڻ جو ڳريل سڙيل پاڻ 600 مڻ في ايڪڙ جي حساب سان ملائجي. پاڻ کي زمين ۾ چڱي طرح ملائڻ کان پوءِ پاڻي ڏجي ته جيئن پاڻ واري گرمي ختم ٿي وڃي. زمين وٺ ۾ اچي ته 6x4 جون ٻاريون تيار ڪجن. جنهن جي اوچائي هڪ فوٽ کان وٺي ڏيڍ فوٽ هئڻ گهرجي. ٻارين جي مناسبت سان وچ ۾ ناليون به تيار ڪجن. تيار ٻارين ۾ 6 انچ جي مفاصلي تي اڌ انچ اونهيون قطارون ٺاهي انهن ۾ هڪ هڪ انچ جي مفاصلي تي ٻج پوکجي. ان کان پوءِ ٻج مٿان واري جو هلڪو تهه ڏنو وڃي ۽ پوءِ ڪک ڪانن سان ٻارين کي ڍڪي صبح شام هٿ واري ڦوهاري سان روزانو پاڻي ڏبو رهجي. ٻج ڦٽڻ ۾ ٽي هفتا لڳيو وڃن. ٻج ڦٽي وڃڻ ڪانپوءِ ٻارين مٿان ڪک ڪانا لاهي ڇڏجن ۽ صبح شام پاڻي ڏيڻ وارو عمل جاري رکجي.

ٻارين ۾ جيڪو به گندگاهه نظر اچي اهو هٿ سان پاڙان پٽي ٻاهر ڦٽو ڪجي. ٻوٽا ڪجهه وڏا ٿين ته چڙيو پاڻي ڏجي پر ايترو پاڻي نه ڏجي جو ٻاريون ٻڏي وڃن. پاڻيءَ اهڙي طرح سان ڏجي جو فقط پاڻي جو سيڪ پهچي سگهي. فيبروري مهيني ۾ لڳايل ٻوٽا اپريل جي وچ ڌاري 6 کان 8 انچن جا ٿيو وڃن، جن تي 3 کان 4 پن ٿين ٿا.

## جنسون:

واشنگٽن، مدوبندو، هوائين، ڪيپي ڪيورا ۽ سولو واريون جنسون سيلون، گجرات، انڊيا، هوائي، آئرلينڊ ۽ فلپائين مان گهرايون ويون، جن تي تجربا ڪيا ويا جيڪي ڪراچي، حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ڊويزن ۾ ڪاميابي سان پوکي سگهجن ٿيون. جنهن کان پوءِ اڳتي هلي واشنگٽن، مدوبندو واريون جنسون ”هني ڊيو“ جي نالي سان مشهور ٿيون ۽ اهي ئي پوکيءَ لاءِ سفارش ڪيل آهن.

## باغ لڳائڻ و قت:

باغ لڳائڻ لاءِ ٻوٽن لڳائڻ جو صحيح وقت به فيبروري ۽ مارچ آهي. چو ته سياري جي سيءَ اچڻ

ڪان پهرين ٻوٽا پختا ٿيو وڃن ۽ تڏ اثرانداز نٿي ٿئي. پيجارو جون جولاءِ وارن مهينن ۾ به تيار ڪري سگهجي ٿو. جيڪو آگسٽ سيپٽمبر وارن مهينن ۾ باغ لڳائڻ جي قابل ٿيو وڃي.

## ٻوٽن جو مفاصلو:

باغ ۾ ٻوٽا چؤڪندي طريقي سان لڳايا وڃن ٿا. جنهن ۾ ٻوٽي جو ٻوٽي کان ۽ قطار جو قطار کان مفاصلو هڪ جيترو يعني 6x6 فوٽن جو رکبو آهي. اهڙي نموني سان هڪ ايڪڙ ۾ 1210 ٻوٽا لڳي ويندا.

## زمين جي تياري ۽ چڪين لڳائڻ جو طريقو:

باغ لڳائڻ کان پهرين زمين جو تجزيو ڪرائي ان جي خاصيت معلوم ڪجي. اهڙي چونڊيل زمين مان گندگاه وغيره صاف ڪجي. زمين کي چار پنج اونها هر ڏئي سنوت ۾ آڻجي ۽ گهرج مطابق ٻنا ۽ اڏون تيار ڪجن. گهربل مفاصلي تي ڪلن ذريعي نشان ڏئي 2x2x2 فوٽن جا کڏا تيار ڪجن. کوٽيل کڏن کي ٻن کان ٽن هفتن تائين کليو رکيو وڃي ته جيئن هوا ۽ سج جي روشني ۾ نقصانڪار جيت ۽ جراثيم مري ناس ٿي وڃن. ان کان پوءِ في کڏي کي 20 ڪلوگرام وٺاڻ جو ڳريل سڙيل پاڻ ۽ کڏي واري مٽي ملائي پرجي، جنهن ۾ اٽڪل هڪ حصو پاڻ ۽ به حصا مٽي هئڻ گهرجي.
جيڪڏهن کڏي واري مٽي سٺي نه هجي ته شاخن يا واهن جي لٽ واري مٽي پاڻ سان ملائي کڏن کي لتجي. ان کان پوءِ کڏن کي هڪ يا به ڀيرا پاڻي ڏجي ته جيئن پاڻ واري گرمي ختم ٿي وڃي. جيئن ته پاڻي اچڻ کان پوءِ کڏن ۾ ڀيل مٽي زمين جي سطح کان هيٺ ويهي وڃي ٿي ان ڪري جڏهن کڏا وٽ ۾ اچن ته انهن جي سطح کان ڀرپاسي واري مٽي وسيلي زمين کي برابر يا هموار ڪيو وڃي. ان کان پوءِ تيار ڪيل ٻيجاري جون چڪيون لڳايون وڃن. چڪين لڳائڻ کان پهرين چڪي جي برابر کڏا کوٽي پوءِ چڪيون لڳائڻ گهرجن. ٻوٽن لڳائڻ کان پوءِ هڪدم پاڻي ڏيڻ گهرجي.

## نرسري مان ٻوٽن ڪڍڻ جو طريقو:

ٻوٽن کي نرسري وارين ٻارين مان چڪي جي صورت ۾ ڪڍيو وڃي. هر هڪ چڪي ۾ به کان ٽي ٻوٽا ضرور هئڻ گهرجن. چو ته ننڍن ٻوٽن ۾ نر ۽ مادي ٻوٽي جي خبر ڪونه پوي. ٻوٽن لڳائڻ کان پوءِ جڏهن ٻوٽا وڏا ٿي گل جهلين ٿا ته پوءِ نر ۽ مادي جي خبر پوي ٿي. انهيءَ وقت واڌاري نر ٻوٽا ڪڍي ڇڏجن. فقط 10 کان 15 سيڪڙو نر ٻوٽا باغ ۾ رکڻ گهرجن.

## ٻوٽن ۾ جلد گلن آڻڻ لاءِ تجويزون:

عام طرح سان اهو ڏٺو ويو آهي ته ٻوٽا جلد گل ڪونه ٿا جهلين ۽ قد ۾ به وڏا ٿيو وڃن. جنهن سان نر يا مادي ٻوٽن کي سڃاڻڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي ٿي. گڏوگڏ وڏي قد هئڻ ڪري ميوي پٽڻ ۾ پڻ سهنجائي نٿي رهي. تجربن کان پوءِ انهي مسئلي جو حل ڳولي لڌو ويو آهي جنهن سان ٻوٽا گهٽ عمر ۾ ننڍي قد هوندي ئي گل جهلڻ شروع ڪن ٿا. جنهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.
ٻوٽن لڳائڻ کان پوءِ ٽي يا چار پاڻي ڏئي ڏسجي ته ٻوٽا پنهنجو پاڻي سنڀالي ويا هجن ته ٻوٽن کي پاڻي ڏيڻ بند ڪجي. ڪجهه وقت کان پوءِ ٻوٽن جا پن پيلا ٿيڻ شروع ڪندا پر ٻوٽن جا ٽڙ اجا ساوا هوندا. هاڻي ڏسبو ته جيڪڏهن ٻوٽي کي پاڻي نه ڏبو ته ٻوٽا مري ويندا. ان حالت ۾ ٻوٽي کي پاڻي ڏجي. سٺو فصل حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻي کان اڳ هر هڪ ٻوٽي جي چلهي ۾ 10 ڪلوگرام وٺاڻ جو ڳريل سڙيل پاڻ پکيڙجي. پاڻي کان پوءِ جڏهن زمين وٽ ۾ اچي ته ٻوٽي جي چوڌاري ڳُڏ ڪجي ۽ پوءِ گهرج مطابق پاڻي ڏبو رهجي. هاڻ ٻوٽن جو ڦوٽهڙو شروع ٿيندو ته ان سان گڏ گل به نڪرڻ شروع ڪندا. گلن نڪرڻ کان پوءِ 10 کان 15 سيڪڙو نر ٻوٽا ڇڏي باقي واڌاري نر ٻوٽا ڪڍي ڇڏجن تنهن کان پوءِ گهرج مطابق ڪيميائي پاڻ جو استعمال شروع ڪجي. ميوو وٺ مان ارڙهن مهينن يا ٻن سالن اندر ورتو وڃي ٿو. ان کان وڌيڪ باغ رکڻ سان هڪ ته ميوو جسامت ۾ ننڍو لهندو ۽ ٻيو وڻن جو قد به وڌو ٿيو وڃي. جنهن مان ڦر لاهڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي. ان کان سواءِ وڌيڪ عرصي گذرڻ ڪري باغ ۾ جيتن ۽ بيمارين لڳڻ جو خدشو پڻ رهي ٿو.
ٻوٽن لڳائڻ کان پوءِ هلڪو پاڻي ڏنو وڃي. هڪ مهيني تائين ٽئين چوٿين ڏينهن پاڻي ڏنو وڃي. تنهن کان پوءِ اونهاري ۾ 6 کان 8 ڏينهن ۽ سياري ۾ 10 کان 13 ڏينهن جي وقفي سان پاڻي ڏنو وڃي.

## پاڻ جو استعمال:

وٺاڻ وارو پاڻ ته پوکي دوران في کڏي ۾ اڌ مڻ ڏجي ٿو ۽ پوکي کان پوءِ ايندڙ سال ڊسمبر کان جنوري جي مهيني دوران اڌ مڻ في چلهي ۾ ڏجي. جڏهن ته ٻوٽن کي ڪيميائي پاڻ جي پڻ ضرورت پوي ٿي. ان لاءِ ٻوٽو جڏهن ڦر ڏيڻ شروع ڪري ته هڪ ٻوري نائٽروفاس ۽ هڪ ٻوري سلفيٽ آف پوٽاش في ايڪڙ جي حساب سان ڊسمبر کان جنوري ۾ ڏجي. جنهن سان ٻوٽن جي واڌ ويجهه سٺي ٿئي ٿي ۽ ميوو پڻ صحتمند رهندو.

## گندگاهه جو خاتمو:

گندگاهه ختم ڪرڻ لاءِ گُڏ ۽ دڙ وارو عمل هر مهيني دهرايو وڃي. جنهن سان گندگاهه به ختم ٿي ويندو ۽ زمين به نرم ٿي ويندي ۽ زمين ۾ پاڻي جهلي بيهڻ جي صلاحيت وڌندي. گڏوگڏ جيتن ۽ بيمارين کان بچاءُ ٿيندو.

## باغ جي سارسنڀال:

باغ ۾ گڏ ڪرڻ دوران اهو خيال رکڻ گهرجي ته جيڪڏهن ٽڙ جي پاڙ وٽ مٽي لهي وئي آهي ته ٻوٽن جي ٽڙن تي مٽي چاڙهجي ته جيئن ٻوٽن جي ٽڙ کي سنئون سڌو پاڻي نه رسي پر ٻوٽن کي صرف پوسل پهچي. ان سان هڪ ته ٻوٽا ڪرڻ کان بچي ويندا ۽ ٻيو ته ٽڙ کي ڪوبه نقصان نه ٿيندو. جيڪڏهن اهو عمل نه ڪيو ويو ته پاڻي ٽڙ کي لڳڻ سان ٽڙ ڳري سڙي ويندو ۽ نيٺ آخر ٻوٽو مري ويندو.

## گل ۽ ميوا:

هونئن ته چئن کان ڇهن مهينن جي عرصي ۾ گل اچڻ شروع ٿين ٿا. ۽ ڏهن کان ٻارهن مهينن ۾ ميوو اچڻ شروع ٿيو وڃي. پر ذڪر ڪيل تدبيرن تي عمل ڪبو ته اجا به جلد ٻوٽن ۾ گل ۽ ميوا لڳندا. مادي گل اڪيلا يا ٻن ٽن ڇڳن جي صورت ۾ ظاهر ٿين ٿا. هي ٽڙ جي بلڪل ويجهو ۽ پن جي ڏانڊي جي هيٺين منڊي سان گڏ لڳل ٿين ٿا. جڏهن ته نر گل ننڍي قد جا پن جي ڏانڊي جي منڊي تي ڇڳن ۾ ٿين ٿا. ٻوٽن جو لڳ وارو عمل هوا ۽ جيتن وسيلي ٿئي ٿو.

## ميون پٽڻ لاءِ صلاحون:

جڏهن ميوي تي هلڪو پيلاڻ مائل رنگ ظاهر ٿئي ته اها انهي جي پچڻ جي نشاني آهي. پر پڪ ڪرڻ لاءِ ميوي کي ٿورو زخمي ڪبو ته هن مان نڪرڻ وارو کير پاڻي وانگر چٽو هوندو. ميوي پچڻ جي سڃاڻپ لاءِ اهوئي بهتر طريقو آهي. پر نڪرندڙ کير، گهاٽي کير وانگر اچو هجي ته معني اجا ميوو ڪچو آهي. ميوي کي پٽڻ وارو ڪم ٽڏ ۾ ڪجي. ميون جي درجي بندي ضرور ڪئي وڃي. پٽيل ميوو هڪ ٻن تهن وسيلي ڪاٺ جي کوکن ۾ بند ڪري مارڪيٽ ۾ موڪلجي.

## پيداوار:

جيڪڏهن ذڪر ڪيل تدبيرون ۽ باغ جي سٺي سارسنڀال تي عمل ڪجي ته ڏيڍ کان ٻن سالن جي عرصي تائين في ٻوٽي مان 40 کان 50 ڪلوگرام پيداوار ملندي. سراسري طرح سان هڪ ٻوٽو اندازا 40 کان 50 ميوا جهلي ٿو. هي ميوي جو وزن تقريبا هڪ ڪلوگرام کان ڏيڍ ڪلوگرم تائين ٿئي ٿو.



# Green مگ
# Gram -

## زمين:

مگ جي پوک لاءِ لٽياسي ، وارياسي ۽ وچولي زمين تمام بهترين آهي. اهوئي سبب آهي ته فصل ڪچي، ڪاچي ۽ ٿر ۾ پوکيو وڃي ٿو. جڏهن ته سنڌ جي وچولي آبپاشي واري علائقي جون زمينون هن علائقي جي لاءِ موزون آهن.

## زمين جي تياري

هن فصل جي پوکي لاءِ زمين کي 2 کان 3 سڪي جا هر ڏئي سنوت ۾ آڻي ريج ڪجي . جڏهن زمين وٺ ۾ اچي يا هر ڏيڻ جي لائق ٿئي ته ان ۾ به يا ٽي سائي جا هر ڏئي سانهر گهمائي ۽ زمين کي پوکي لاءِ هموار ڪجي. پوکيءَ وقت زمين ۾ مناسب ريج يا آلاڻ هئڻ گهرجي ته جيئين ٻج جو ڦوٽهڙو صحيح ٿئي.

## پوکي جو وقت ۽ طريقو

مگ جي پوکڻ جون ٻه موسمون آهن. هڪ بهار جي موسم ۽ ٻي اونهاري يا گرمي جي موسم. بهار جي موسم 15 فيبروري کان 15 مارچ تائين ۽ گرمي جي موسم جون ۽ جولاءِ آهي. جنهن کي مگ جو خريف وارو فصل چئجي ٿو. جيڪو بهار واري فصل کان وڌيڪ پيداوار ڏئي ٿو. گڏيل پوک لاءِ مگن کي ٻين فصلن سان گڏ به پوکي سگهجي ٿو. جنهن ۾ ووٽڻ سان گڏ اوڙ جي وچ ۾ ناڙي زريعي پوکي سگهجي ٿو. هن فصل جي پوکي ناڙي يا ڇٽ زريعي ڪرڻ گهرجي پر ناڙي رستي پوک بهتر آهي. ناڙي واري پوک مان گند گاه آساني سان ڪڍي سگهجن ٿا. جنهن ڪري فصل پيداوار به وڌيڪ ڏئي ٿو. مگن جي ناڙي قطارن ۾ هڪ فٽ جي مفاصلي تي هئڻ گهرجي. پوکي وقت اهو خيال رکڻ گهرجي ته زمين ۾ وٽ يا آلاڻ مناسب مقدار ۾ هجي.

## ٻج جو مقدار

هن فصل جي پوکي لاءِ 6 کان 8 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪجي. ڇٽ جي صورت ۾ 8 کان 10 ڪلو گرام في ايڪڙ استعمال ڪجي. ٻج صاف ۽ تندرست هئڻ گهرجي يعني جنس ملاوٽ کان پاڪ هجي جڏهن ته ڪيڙي ۽ بيماري لڳل ٻج کان پاسو ڪجي.

## جنسون

مگن جون ڪيترين ئي جنسون پوکيون وڃن ٿيون جيڪي پيداوار ۾ بهتر آهن. جهڙوڪ سي _23، ديسي جنس _1_66، اين ايم _20_6 اين_ايم21_20،ايس_8 وغيره شامل آهن. جڏهن ته سنڌ لاءِ هڪ نئين سفارش ڪيل جنسن ۾ اي ايم 96 جنس وڌيڪ پيداوار ڏئي ٿي ۽ ٻين جنسن جي پيٽ ۾ 10 کان 15 ڏينهن اڳاٽو پچي ٿي، جيڪا 60 ڏينهن ۾ پچي تيار ٿئي ٿي.

## ڀاڻ ڏيڻ

منگن جي فصل ۾ هڪ ٻوري ڊي-اي-پي پوکي وقت ڏيڻ گهرجي. ۽ هڪ ٻوري يوريا ڀهرين پاڻي کي ڏيڻ گهرجي.

## پاڻي ڏيڻ

منگڻ جي فصل لاءِ 3 کان 4 پاڻي ڪافي آهن. پهريون پاڻي پوکيءَ جي ٽن هفتن بعد ٻيو پاڻي گل ٻاڦي وقت ۽ ٽيون پاڻي ڦرين ٺهڻ وقت ڏيڻ گهرجي. پر هي فصل باراني فصل طور به پوکيو وڃي ٿو.

## گڏ ڪرڻ

هن فصل ۾ گڏ پهرين پاڻي کان اڳ ڪيجي ته جيئن گند گاهه جو خاتمو اچي. گڏ ڪيڻ جي سبب زمين نرم ٿيندي ۽ ٻوٽا روزدار واڌ ڪندا.

## لابارو

مگڻ جا سال ۾ ٽي فصل لڳايا وڃن ٿا. تنهن ڪري انهن جو لابارو مختلف وقتن تي ڪيو وڃي ٿو. جڏهن فصل جون ڦريون 80 کان 90 سيڪڙو پچي وڃن ته لابارو شروع ڪجي

## پيداوار

هن فصل مان 8 کان 15 مڻ پيداوار في ايڪڙ وٺي سگهجي ٿي.



# ماش يا مانهن

# Black gram

## زمين جي تياري

ماش جو فصل نهري ۽ باراني علائقن ۾ ڪاميابي سان پوکي سگهجي ٿو. زمين ۾ به يا ٽي سڪي جا هر ڏيئي پتر پيچي ريج ڪجي. جڏهن زمين هر ڏيڻ لائق يا وٺ ۾ اچي ته هڪ به هر ڏئي سانهر گهمائي زمين کي پوکي لاءِ هموار ڪجي.

ماش جي پوک لاءِ زمين جو هموار هجڻ تمام ضروري آهي. جيئن پاڻي زمين ۾ هڪ جهڙو بيهي سگهي. نهري علائقن ۾ به زمين کي اونها هر ڏئي تيار ڪجي. جڏهن ته اهو خيال رکڻ گهرجي ته زمين ۾ مناسب ريج هجي پر زمين خشڪ نه ٿئي. باراني علائقن ۾ برسات کان اڳ هڪ پيرو مٽي اٿلائڻ وارو هر ۽ برسات کانپوءِ زمين وٺ ۾ اچڻ تي به دفعا ديسي هر ڏئي ان کي چڱي طرح تيار ڪجي بعد ۾ سانهر ڏجي ته جيئين زمين مڪمل هموار ۽ نرم ٿي وڃي. ان سان گڏ زمين ۾ مناسب سيڪ يا ريج هجي پي صورت ۾ ٻج جو ڦوٽهڙو گهٽ ٿيندو ۽ پيداوار گهٽ ملندي.

## پوکي جو طريقو

ماش جي پوک پهرين جون کان جولاءِ جي آخر تائين موزون آهي. ماش جو پوک ناڙي يا قطارن ۾ ڪجي. ۽ قطارن جي وچ ۾ مفاصلو 30 سينٽي ميٽر هئڻ گهرجي. ۽ ٻوٽن جي وچ ۾ مفاصلو 10 سينٽي ميٽر هئڻ گهرجي.

## جنسون

ماش جي پوک لاءِ سفارش ڪيل جنسن ۾ ڪاري مانهن ۽ سائي مانهن واريون جنسون پوکيون وڃن ٿيون. جڏهن ته ٻين جنسن ۾ ماش _80، ماش 30_31 وغيره پوکيون وڃن ٿيون. جڏهن ته ماش جي نين جنسن ۾ اين اي آر سي 1 ۽ اين اي آر سي 2 جنسون پوکي هيٺ آهن.

## ٻج جو مقدار

ماش يا مانهن لاءِ ٻج عام طور 6 کان 8 ڪلوگرام في ايڪڙ استعمال ڪجي. هن فصل جي وڌيڪ پيداوار لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک پنجويهه هزار ٻوٽا في ايڪڙ هئڻ گهرجن. ان مقصد لاءِ سفارش ڪيل جنسن جو صاف، خالص ۽ تندرست ٻج استعمال ڪجي. جڏهن ته ٻوٽن جي گهربل تعداد لاءِ 8 کان 10 ڪلوگرام ٻج في ايڪڙ استعمال ڪجي.

## پاڻي ڏيڻ

ماش جي فصل لاءِ ٽي کان چار پاڻي ڪافي آهن. پهريون پاڻي پوکي کان ٽن هفتن بعد ۽ ٻيو پاڻي گل ٻاڻي وقت ۽ ٽيون پاڻي ڦرين ٺهڻ وقت ڏيڻ گهرجي. هي فصل بنيادي طور باراني علائقن ۾ پوکيو وڃي ٿو. پر جيڪڏهن آبپاشيء جو پاڻي موجود آهي ته ٽي پاڻي ڏيڻ گهرجن.

## ڀاڻ ڏيڻ

ماش جي فصل کي نائٽروجن ڀاڻ جي ضرورت گهٽ پوي ٿي. جڏهن ته فاسفورس واري ڀاڻ جي استعمال سان پيداوار ۾ اضافو اچي ٿو ۽ فصل جلد پچي وڃي ٿو. ان ڪري ماش جي فصل لاءِ 10 ڪلو گرام نائٽروجن ۽ 25 ڪلو گرام فاسفورس في ايڪڙ استعمال ڪجي يا ماش لاءِ هڪ ٻوري ڊي-اي-پي پوکيءَ وقت ۽ آخري هر سان ملائي پوکي ڪجي.

## گند گاهه ڪيڻ




ماش جي فصل ۾ گند گاهه تمام گهڻو نقصان رسائين ٿا جنهن ڪري انهن کي ختم ڪرڻ لازمي آهي. فصل مان گند گاهه پاڙئون ڪيڻ گهرجن. جيڪڏهن گند گاهه وقت سر نه ڪڍيو ويو ته فصل جي خوراڪ کٽندو ۽ فصل پيدوار گهٽ ڏيندو.

## لابارو ۽ڳاهه

جڏهن فصل ۾ 80 کان 90 سيڪڙو ڦريون پڪل نظر اچن ۽ ڦرين جو رنگ سائي مان ڪارو يا پورو ڏسڻ ۾ اچي ته هڪدم لابارو ڪرڻ گهرجي. ڇو ته پڪل فصل جو لابارو جلد نه ڪبو ته فصل ڇٽڻ شروع ڪندو ۽ پيداوار گهٽ لهندي.

لاباري بعد فصل کي اس ۾ سڪائي ڳاهه ڳاهڻ گهرجي. ۽ ان يا ٻج جي صفائي بعد ورو ڪجي يا ذخيرو ڪيو وڃي.

# ڪِنِوا جي پيداواري حڪمت عملي

# Quinoa Cultivation Technology

ڌرتي تي قدرت پاران خلقيل خوراڪي فصلن مان ڪجهه کي اعليٰ خوراڪي فصل وارا فصل چيو وڃي ٿو جن ۾ تمام گهڻي مقدار ۾ وٽامنس ۽ منرلس هجن ٿا. ان کان علاوه انهن ۾ جسم جي اندروني زهريلن مادن کي خارج ڪرڻ جي به تمام گهڻي صلاحيت آهي. جن جي استعمال سان جسم اندر بيمارين کان بچڻ جي صلاحيت وڌي وڃي ٿي. اهڙن فصلن مان هڪڙو فصل ڪنوا آهي. هي فصل سنڌ ۾ ربيع جي مند ۾ پوکي لاءِ مناسب آهي. ڪنوا جو سنهون داڻو ٿئي ٿو جنهن کي عام طور تي چانورن وانگر پچائي کاڌو وڃي ٿو جنهن دنيا ۾ گهرج آهي ۽ اسان جي ملڪ ۾ به سپر اسٽورن تي وڪرو ٿي رهيو آهي. ڪنوا جي پوکي ناڙي رستي ۽ ڪرين خاص طور تي ويڪرن ڪرين تي ڪامياب آهي. هن فصل تي سنڌ ۾ تحقيقي ڪم شروع ڪيو ويو آهي. ابتدائي طور تي پوکي جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا:

| | |
|---|---|
| فصل جي پوکي کان لاباري تائين جي عمر | 120 کان 140 ڏينهن |

| | |
|---|---|
| پوکيءَ جي مند | ڪينوا کي ربيع جي مند ۾ 15 نومبر کان 15 ڊسمبر تائين پوکي سگھجي ٿو. |
| گھربل زمين | ڪينوا لاءِ چيڪي زمين موزون آهي. |
| زمين جي تياري | 2 کان 3 اونها هر هڻي زمين کي پوکي لاءِ تيار ڪجي. |
| ٻج جو مقدار | ٻج جو مقدار 2 کان سوا 3 ڪلو گرام في ايڪڙ |
| پوکي جو طريقو | **ڪنوا جي پوکي ناڙي رستي ۽ ڪرين خاص طور تي ويڪرن ڪرين تي پوکڻ گھرجي پر جتي زمين هلڪي ڪلراٺي پڪي هجي ته اتي ڪر يا گھڙٻي ڪجي** |
| ٻوٽن کان ٻوٽن جو مفاصلو | قطار کان قطار جو مفاصلو 2 فوٽ ۽ ٻوٽي کان ٻوٽي جو مفاصلو 15 سينٽي ميٽر رکڻ گھرجي |
| ڀاڻ جو مقدار | ڪينوا لاءِ ڀاڻ جو مقدار 30 ڪلوگرام نائٽروجن ، 20 ڪلو گرام فاسفورس ۽ 20 ڪلو گرام پوٽاش في ايڪڙ ڏجي. جنهن جو وڌيڪ دارومدار زمين جي قسم ۽ حالت تي آهي. سفارش ڪيل فاسفورس ۽ پوٽاش جو سڄو مقدار پوکي وقت ڏيڻ گھرجي ۽ يوريا کي ٻن حصن ۾ ڏيڻ گھرجي هڪ حصو پوکي وقت ۽ ٻيو پوکي جي 70 ڏينهن بعد ڏيڻ گھرجي. |
| پاڻي | پاڻي 3 کان 4 ڏيڻ گھرجن. اهي به موسم کي نظر ۾ رکي ڏجن. ڪنوا کي پهريون پاڻي پوکي جي 40 ڏينهن بعد ۽ ٻيو پاڻي پوکي جي 75 ڏينهن بعد ٽيون پاڻي پوکي جي 100 ڏينهن بعد ۽ جيڪڏهن موسم گرم هجي ته چوٿون پاڻي پوکي جي 120 ڏينهن بعد ڏيڻ گھرجي. |
| گندگاه جو خاتمو | گندگاه شروعاتي وقت ۾ فصل کي نقصان پهچائن ٿا. گندگاه جو خاتمو هٿ سان ڪجي. ڪيميڪل ڪنٽرول اجا تجربن هيٺ آهي. |
| جيت ۽ بيماريون | هن وقت تائين ڪوبه جيت يا بيماري هن فصل تي نظر نه آئي آهي. |
| لابارو ۽ ڳاهه | اپريل مهيني ۾ ڪينوا جو فصل تيار ٿي وڃي ٿو جڏهن فصل جو رنگ سائي مان ناسي، نارنگي مان ڳاڙهو ٿي وڃي ته پوءِ لابارو ڪجي ۽ لابارو هٿ سان ڪجي يا ڪمبائن هارويسٽر سان ڪجي لاباري جي 7 ڏينهن بعد ڪٽ وارو ٿريشر هلائجي ته جيئن سولائي سان ٿريشر مان داڻا الڳ ٿي وڃن |
| ذخيرو | ڪنوا جي ٻج کي ڪنهن بيگ ۾ وجهجي جيڪا هوا بند هجي ۽ گھم کي روڪي سگھي. پوءِ اهڙي جاءِ تي رکجي جتي گھٽ گرمي هجي ۽ گھم گھٽي نه هجي. |

# موسمياتي تبديليون ۽ اسان جي زراعت

# Climate Change & Agriculture

ڌرتيءَ تي موسمياتي تبديليون هاڻ هڪ حقيقت آهن. جن جو ذميوار خود انسان به آهي، جنهن ترقيءَ جي نالي ۾ فطري ماحول کي سخت نقصان رسايو آهي. موسمياتي تبديليون بين شعبن سان گڏ زراعت لاءِ شديد خطرو آهن، جيڪو خطرو جيتوڻيڪ سڄي دنيا لاءِ آهي پر ترقي پذير ملڪن ۾ وسيلن ۽ صلاحيتن جي کوٽ جي ڪري زراعت جي وڌيڪ متاثر ٿيڻ جا امڪان آهن.

سنڌ سميت ساري ملڪ جي اڪثر آباديءَ جي روزگار جو وسيلو زراعت آهي ۽ زراعت لاءِ هتي ڪافي عرصي کان موسمياتي تبديلين جي نتيجي ۾ ڪيترائي مسئلا ڪڙا ٿيا آهن، جن مان مکيه جو ذڪر هيٺين ريت آهي:

### پاڻيءَ جي کوٽ:

دريائي پاڻيءَ جي شديد کوٽ جي نتيجي ۾ فصلن کي گُهربل پاڻي نه ملڻ جي ڪري هڪ طرف فصلن جي پوکي ۽ پيداوار متاثر ٿي رهي آهي ته ٻئي طرف وڌيڪ ٽيوب ويل لڳائي جَرُ جو پاڻي ڪڍڻ سان جَرُ جو پاڻي گهٽجي به رهيو آهي ۽ ٻاڙو يا کارو به ٿي رهيو آهي.



### سم ۽ ڪلر:

زميني پاڻيءَ جي نيڪال جي بهتر نه ٿيڻ جي نتيجي ۾ سم ۽ ڪلر جو مسئلو ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي، جنهن کي خاص طور تي ڏکڻ سنڌ جي ساموندي پٽيءَ وارن علائقن ۾ سمنڊ جي پاڻيءَ جي چڙهي اچڻ ڪري به سم ۽ ڪلر وڌيو آهي.

### ٻوڏون ۽ خشڪسالي:



موسمياتي تبديلين جي نتيجي ۾ گهڻو ڪري چوماسي جي مينهن وسڻ ۾ فرق آيو آهي. هڪ ته اُهي مقرر وقت تي ناهن پئجي رهيا ۽ ٻئي طرف ڪڏهن گهٽ ته ڪڏهن تمام گهڻا پئجي رهيا آهن، جنهن جي ڪري ڪڏهن ٻوڏ واري صورتحال ٿي وڃي ٿي جنهن جي ڪري فصلن جو شديد نقصان ٿئي ۽ ڪڏهن وري سوڪهڙو يا خشڪسالي ٿي وڃي ٿي، جيڪا عام طور تي سڄي سنڌ ۽ خاص طور تي ٿر ۽ ڪاڇي وغيره وارن علائقن کي شديد متاثر ڪري ٿي. خشڪسالي جي ڪري نه صرف فصلن کي نقصان رسي ٿو پر ساڳئي وقت چوپائي مال لاءِ چاري جو به سخت بحران ٿي وڃي ٿو.



خشڪسالي يا سوڪهڙي جي ڪري جَرُ به نٿو پرجي جنهن جي ڪري ماڻهن ۽ جانورن جي پيئڻ جي پاڻيءَ جي کوٽ پڻ شدت اختيار ڪري وڃي ٿي.



**سياري جي مُند جو سُسَڻُ:** سياري جي مُند سُسَڻَ لڳي آهي جنهن جي ڪري سياري جي مُند وارن فصلن گُهربل سيءَ وارا ڏينهن ملڻ ڪري سنڌن پيداوار ٿئي ٿي. اُن سان گڏ سياري جي مُند ۾ ڪن ڏينهن ۾ ٿڌ گهٽ ته ڪن ڏينهن ۾ تمام گهٽي وڌي وڃي ٿي ۽ گهٽي ٿڌ وڌڻ جي نتيجي ۾ فصلن ۾ ڪَسَ ٿئي ٿي ۽ پيداوار متاثر ٿئي ٿي.

**موسمياتي تبديلي جي ڪري جيتن ۽ بيمارين جو مسئلو:** ڪجهه سالن کان موسمياتي تبديلين جي نتيجي ۾ اهڙا جيت ۽ بيماريون فصلن ۾ شدت اختيار ڪري ويا آهن، جيڪي پهرين ائين نه هئا؛ جن ۾ وونئڻ ۾ ميلي بگ ۽ انبن ۾ سوڪهڙي واري بيماري مُکه آهن، جڏهن ته هن سال زيتون ۾ ميلي بگ جو حملو نظر آيو آهي.

## موسمياتي تبديلين جو تدارڪ يا بچاءُ:

1. سڀ کان اهم ڪم هي آهي ته موسمياتي تبديلين جي سلسلي ۾ تحقيقي ڪم ۽ صلاحيت کي وڌايو وڃي.
2. موسمياتي تبديلين سان مطابقت رکندڙ جنسون ۽ حڪمت عمليون تيار ڪيون وڃن.
3. آبادگارن جي سطح تي آبادگارن کي گُهرجي ته پنهنجي زمينن ۾ نامياتي مادي وڌائڻ واسطي زمينن ۾ هر سال نه ته به گهٽ ۾ گهٽ هر ٽئين سال وٺاڻ جو پاڻ يا سائو پاڻ ضرور ڏين ته جيئن زمينن جي زرخيزي بحال رهي ، پاڻي کي جذب ڪرڻ ۽ پاڻي جي سوڪهڙي کي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت وڌي ۽ پيداوار متاثر نه ٿئي.
4. جَرَ جي پاڻيءَ تي ڪوشش ڪري گهٽ پاڻيءَ وارا فصل پوکجن ۽ جديد طريقن سان پاڻيءَ جو استعمال ڪجي ته جيئن جَرَ جي پاڻيءَ جي ڪوٽ نه ٿئي ۽ جَرَ جو پاڻي گهٽي استعمال ڪري کارو يا ٻاڙو نه ٿئي.
5. ڊڪ پوک يعني ٿنل اندر ٻاڃين ۽ ميوون کي ڦڙي ڦڙي يا ڦوهاري واري آبپاشيءَ تي پوکيءَ طرف اچڻ گُهرجي ته جيئن ٻاڃين ۽ ميوون کي گهڻي سردي ۽ گرميءَ کان بچائي سگهجي ۽ گهٽ پاڻي تي فصل اُپائي سگهجي.
6. مينهن / باراني زراعت کي هٿي وٺائي وڃي.
7. فصلن کي زمين جي قسم ۽ فصل جي گُهرج مطابق پاڻ ڏيڻ لاءِ زمين جي مٽي ليبارٽرين مان چڪاس ڪرائي ليبارٽرين جي سفارش مطابق پاڻ ڏيڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ زمين جي قسم مطابق ڪيميائي پاڻ نه ڏيڻ جي ڪري زمين خراب ٿي سگهي ٿي ۽ پيداوار ۾ به خاطر خواهه اضافو نٿو ٿئي ان سان گڏ پنهنجي ٽيوب ويلن جو پاڻي پڻ وقفي وقفي سان ليبارٽرين مان ضرور چڪاس ڪرائجي ڇاڪاڻ ته ٻاڙي يا کاري ٿي ويل پاڻيءَ جو فصلن ۾ استعمال زمين کي خراب ڪري رهيو آهي.
8. جيتن ۽ بيمارين جي ضابطي لاءِ زرعي ماهرن جي مشوري بنان زرعي زهرن جو استعمال نه ڪرڻ گُهرجي. ڇاڪاڻ ته جيتن يا بيمارين جي صحيح سڃاڻپ ۽ شدت معلوم ٿيڻ بنان زرعي زهرن جي استعمال جو هڪڙو نقصان اهو آهي ته ماحولياتي گدلاڻ وڌي رهي آهي ۽ ٻيو جيتن ۽ بيمارين ۾ زرعي زهرن خلاف قوتِ مدافعت وڌي رهي آهي جنهن ڪري اُهي هلڪي زهر تي ضابطي ۾ نٿا اچن.
9. هڪڙي قسم جي فصل پوکڻ بجاءِ مختلف فصل پوکڻ گهرجن ته جيئن هڪ فصل جي ناڪام ٿيڻ جي حالت ۾ ٻين فصلن مان اپت ملي سگهي.

# پاڻي جو بهتر استعمال
# Efficient use of water

وڌندڙ فصلن جي ايراضي، انساني آبادي، صنعتي ترقي وغيره جي نتيجي ۾ ڏينهون ڏينهن پاڻيءَ جي گُهرج وڌي رهي آهي. ان ڪري پاڻيءَ جي بچت ۽ بهتر استعمال هن وقت اشد ضروري آهي. پاڻيءَ جي صحيح زرعي استعمال لاءِ سفارشون هيٺ ڏجن ٿيون:

**1. ليزر ليولنگ:** فصلن جي پوکيءَ لاءِ زمين کي ليزر ليولنگ واري مشين سان سنوت ۾ آڻي پوکي ڪرڻ گُهرجي. ليزر ذريعي هموار ڪيل زمين ۾ ؛

- 25 سيڪڙو کان وڌيڪ پاڻيءَ جي بچت ٿئي ٿي.
- 10 سيڪڙي کان فصلن جي پيداوار وڌيڪ لهي ٿي.
- ٻج جو ڦوٽهڙو ڀلو ٿئي ٿو.
- ڪيميائي ڀاڻ سڄي فصل کي هڪجهڙو ملي ٿو، ان ڪري ڀاڻ جو زيان نٿو ٿئي.
- زمينن ۾ گهٽ پاڻي ڏيڻ جي ڪري سم ۽ ڪلر جو خطرو گهٽجي وڃي ٿو.



**2. واٽر ڪورس پڪا ۽ صفائي:** واٽر ڪورسن کي پڪي ڪرڻ سان پاڻيءَ جي بچت ٿئي ٿي ۽ پاڻيءَ جي وهڪري ۾ بهتري اچڻ ڪري فصل گهٽ وقت ۾ پرجي وڃي ٿو. فصل کي وقت تي گهرج موجب پاڻي ملڻ ڪري پيداوار 30 سيڪڙو کان وڌيڪ لهي ٿي. بچيل پاڻيءَ تي وڌيڪ ايراضي پوکيءَ هيٺ اچي ٿي. پڪن واٽر ڪورسن جي نتيجي ۾ سم جو مسئلو به گهٽجي وڃي ٿو. ليڪن پڪن واٽرڪورسن ، ڪچين نالين ۽ ڪسين جي صفائي ۽ ڪاٽي ڪرڻ تمام ضروري آهي، جنهن سان پاڻيءَ ۾ بهتري اچي ٿي.



**3. زمينن جي وَٽ جي بحالي:** مختلف جائزن مطابق سنڌ جي زمينن ۾ نامياتي مادي جي سخت کوٽ آهي، جنهن جي ڪري زمينون سخت ٿيڻ سان گڏ پيداواري صلاحيت وڃائي رهيون آهن ۽ خاص طور تي نامياتي مادي جي کوٽ جي ڪري زمينون وَٽَ گهٽ رکن ٿيون جنهن جي ڪري فصلن کي تڪڙا تڪڙا پاڻي ڏيڻ جي ضرورت پوي ٿي، ان مسئلي جي حل لاءِ؛

- گهٽ ۾ گهٽ هر ٽئين سال 3 ٽرڪون وٿاڻ جو پاڻ في ايڪڙ زمين ۾ وجهي هرن سان هڪدم ملائي ريج ڪجي ۽ بعد ۾ فصل پوکجن. جنهن سان زمين جي پيداواري صلاحيت وڌي ويندي پاڻيءَ جي فصلن کي تڪڙي گُهرج نه پوڻ ڪري پاڻيءَ جي بچت ٿيندي. ان سان گڏ زمين ۾ سم ۽ ڪلر جو مسئلو به نه ٿيندو.
- وٿاڻ جو پاڻ جتي نه هجي اتي ساون گاهن وارا فصل جهڙوڪ؛ جنتر، اِڪڙَ، لوسڻ وغيره پوکي گلن تي ورڻ وقت هرن سان گاهه کي زمين ۾ ملائي ريج ڪري زمين تيار ڪري پوکي ڪجي ته ساڳيا فائدا ملندا.

4. **گڏيل ڪريا پوک:** هن طريقي ۾ 2 کان 3 فصل ساڳي زمين ۾ هڪڙي فصل واري پاڻيءَ تي پوکيا وڃن ٿا. جيئنءَ مثال طور ڪرين تي ڪٽڪ پوکي ناليءَ ۾ ڪمند جي پوک، ڪرين تي بصر پوکي ڪرين جي چوٽيءَ تي پيندبيون ۽ نالين ۾ ڪمند جي پوک وغيره نهايت ئي ڪامياب پوکيءَ جا طريقا آهن. اهڙي طرح سان ويڪرن ڪرين يا ٻٺن تي ولين وارا فصل پوکڻ دوران ولين جي وچ ۾ اُپيون وڌڻ واريون پاڇيون پوکڻ ۽ هيٺان ناليءَ ۾ ڪريي جي سيڪ تي ساوا بصر، ٿوم وغيره پوکي هڪ فصل جي پاڻيءَ تي 3 فصل ڪاميابيءَ سان پوکيا وڃن ٿا.

5. **اونها هر نه ڏيڻ:** اونها هر نه ڏيڻ جي نتيجي ۾ زمينن جي اندر هڪڙو سخت تهه جڙي وڃي ٿو. جنهن جي ڪري زمينون وٽ گهٽ رکنديون آهن ۽ فصلن کي بار بار پاڻي ڏيڻو پوندو آهي. ان ڪري هر ٽئين سال زمين کي اونهو هر هڻي اندريون سخت تهه ضرور ٽوڙڻ گُهرجي. جنهن سان فصل پلا ٿيندا ۽ پاڻيءَ جي بچت ٿيندي.

# زرعي مارڪيٽنگ
# Agriculture Marketing

زرعي شعبو ملڪي معيشيت لاءِ ڪرنگي واري هڏي جي اهميت رکي ٿو. زرعي شعبي جو قومي آمدني ۾ 18.9 سيڪڙو حصو آهي ۽ 42.3 سيڪڙو آبادي کي سڌي يا اڻ سڌي ريت ملازمت جا موقعا فراهم ڪري ٿو. زرعي شعبو مختلف صنعتن جهڙوڪ؛ ٽيڪسٽائيل وغيره کي خام مال فراهم ڪري ٿو. ٻهراڙين جي 67.5 سيڪڙو آباديءَ جو روزگار هن شعبي سان جڙيل آهي ليڪن ايتري اهميت هئڻ باوجود اسان جي زرعي مارڪيٽنگ بنه ئي روائتي آهي ۽ اها جديد بنيادن تي ناهي هلي رهي جنهن جي ڪري زراعت سان لاڳاپيل سموريون ڌريون آبادگارن سميت منافعو گهٽ ڪٽي رهيون آهن.

زراعت جيتوڻيڪ ملڪي ۽ صوبائي معيشت جو بنيادي ٿنڀو آهي. ليڪن اُن ۾ موجود منافعي واري صلاحيت يا گنجائش مان تمام ٿورو حصو حاصل ٿي رهيو آهي. جنهن جو هڪڙو بنيادي ڪارڻ اِهو آهي ته اڪثر آبادگار زراعت کي پنهنجي گذاري جو وسيلو سمجهن ٿا پر زراعت کي ڪاروبار نٿا سمجهن.

آبادگار پاڻ کي واپاري يا ڪاروباري ماڻهو نٿا سمجهن ۽ زراعت کي هڪ غير رسمي پيشو سمجهندي ڪمائڻ کان وڌيڪ پوکيءَ تي ڌيان ڏين ٿا ۽ خود ڪجهه ڪرڻ بجاءِ قدرت ۽ بيروني مدد تي وڌيڪ ڀاڙين ٿا. جنهن جو نتيجو جديد حڪمت عملي ۽ پنهنجي ڪاروباري سوچ نه هئڻ جي ڪري گهٽ پيداوار ۽ گهٽ آمدنيءَ جي شڪل ۾ سامهون اچي ٿو.
ان صورتحال ۾ تمام ضروري آهي ته زراعت بطور ڪاروبار جي تصور کي متعارف ڪرايو وڃي ته جيئن آبادگار:

1. ڪاروبار جي بنيادي علم ۽ مهارتن کي استعمال ڪن.
2. پنهنجي زرعي ڪاروبار ۾ منافعي بخش تبديليون آڻي سگهن.
3. ڪاروبار جي بهتر انتظام ڪاري ڪري سگهن.
4. مارڪيٽنگ جي عنصرن ۽ اصولن مطابق ڪم ڪري سگهن.
5. زرعي ڪاروبار جي منصوبا سازي ڪري سگهن.
6. زرعي ڪاروبار جي حوالي سان ڪاتيداريءَ کي بهتر بڻائي سگهن.
7. خرچ ۽ قيمتن جو صحيح ڪاٿو لڳائي سگهن.
8. پنهنجي اندر ڪاروباري صلاحيتون پيدا ڪري سگهن ته جيئن ڪاروبار ترقي ڪري.

آبادگار جي اصل ڪاميابي ۽ سگهه دراصل زرعي ڪاروبار ۾ ترقي ۾ ئي لڪل آهي. آبادگار ۾ اها صلاحيت موجود هجڻ گُهرجي ته هُو زراعت کي هڪ سنجيده ڪاروبار سمجهي ته جيئن صوبائي ۽ ملڪي معيشت ۾ به هُن جو ڪردار هجي ۽ سُکي زندگي به گذاري سگهي.

## گذاري ۽ ڪاروباري زراعت ۾ فرق

| زراعت ڪاروبار لاءِ | زراعت گذاري لاءِ |
|---|---|
| زراعت بطور ڪاروبار ۾ آبادگار زمين تي فصل وڪري لاءِ پوکيندو آهي ته جيئن آمدنيءَ مان نفعو ڪمائي سگهي يعني فصل وڪري لاءِ پوکيا ويندا آهن. | هن قسم جي زراعت جو بنيادي مقصد گهربل ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ پوکي راهي ڪرڻ هوندو آهي. يعني آبادگار گهرَ جي لاءِ فصل پوکيندو آهي. |
| ٿوري زمين مان وڌيڪ ڪمائي سگهبو آهي. | زمين جو صحيح استعمال ناهي ٿيندو. |
| وڌيڪ لاڳت ۽ وسيلن جي ضرورت هوندي آهي. | ٿوري لاڳت ۽ وسيلن جي ضرورت پوندي آهي. |
| جديد حرفتن، مهارتن ۽ ٽيڪنالوجي جي ضرورت هوندي آهي. | خاص مهارت يا ٽيڪنالوجي سکڻ جي ضرورت ناهي. |
| حدف ۽ نتيجا واضع هوندا آهن. | حدف يا منزل مقرر ناهي هوندي. |
| مارڪيٽ جي هر وقت ضرورت پوندي آهي. ان ڪري مارڪيٽن سان رابطو تيز هوندو آهي. | مارڪيٽ سان خاص رابطو ناهي هوندو. |
| نتيجن ۽ حدف جي حاصل ڪرڻ لاءِ مڪمل منصوبابندي ڪرڻي هوندي آهي. | منصوبابندي نه هئڻ برابر هوندي آهي. |
| ڪاروباري صلاحيتون وڌيڪ هونديون آهن. | ڪاروباري صلاحيتون گهٽ يا بلڪل ناهن هونديون. |

مٿئين فرق کي ائين به سمجهي سگهجي ٿو ته اڄڪلهه ڪن شهرن جي آس پاس زرعي منڊين جي ننڍڙن واپارين ۽ عام ڪم ڪندڙن زمينون مقاطعي تي وٺي اُنهن تي سبزيون ۽ موسمي ميووا پوکڻ شروع ڪيا آهن. ۽ اهڙن مقاطعيدارن جي پاچين وغيره کي سنڀالڻ ۽ ڪم ڪرڻ وارا وري اُهي ئي اتان جا هاري ناري آهن. پر نتيجي ۾ اُهي مقاطعيدار وڌيڪ ڪمائي رهيا آهن. جڏهن ته اُهي روايتي يا خانداني آبادگار به ناهن پر ڪين زراعت بطور ڪاروبار جي حرفت اچي ٿي ان ڪري ئي هُو ڪامياب آهن. ان ڪري عام آبادگار به پنهنجي پوکي راهي کي ڪاروبار طور اپنائي سگهي ٿو.

هاڻ اچو ته ٿورو ان ڳالهه تي غور ڪريون ته ڪاروبار ڇا آهي؟ ۽ ڪيترن قسمن جو ٿئي ٿو.

## ڪاروبار جي وصف ۽ قسم:

شين/جنسن يا خدمتن جي پيداوار ۽ وڪري ۽ خريداري متعلق اهڙو ڪم جيڪو منافعي ڪمائڻ جي مقصد سان ڪيو وڃي. اُن کي ڪاروبار چئجي ٿو. ڪاروبار جا هيٺيان ٽي مُکيه قسم ٿين ٿا:

**1. شين يا جنسن جي پيداوار**: اهڙو ڪاروبار جنهن ۾ مختلف شيون يا جنسون تيار ڪيون وڃن. مثال طور: فصل اُپائڻ، نرسريون پوکڻ، پاچيون ۽ ميووا پيدا ڪرڻ ۽ پاچين ۽ ميوون مان مختلف شيون تيار ڪرڻ جهڙوڪ؛ آچار وغيره، مال متاهه پالڻ وغيره.

**2. تجارت يا ڪاروبار**: اهڙو ڪاروبار جنهن ۾ شين کي خريديو ۽ وڪرو ڪيو وڃي، مثال طور؛ ٻج پاڻ جا دڪان، زرعي زهرن جا اسٽور، پاچين وغيره جا آڙ تي ۽ واپاري اچي وڃن ٿا.

**3. خدمتون**: اهڙو ڪاروبار جنهن ۾ مختلف شين جي مهارتن يعني حرفتن کي گراهڪن تائين پهچايو وڃي. مثال طور؛ ٽيچنگ، تربيت، ڦوهارو ڪرڻ، ٽريڪٽر جي سهولت فراهم ڪرڻ، لوهار وغيره.

ڪاروبار جي وصف ۽ قسمن جي سمجهڻ کان پوءِ ان ڳالهه تي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي ته خدمت فراهم ڪرڻ پڻ هڪ ڪاروبار آهي. جيڪو بين سمورن شعبن ۾ گهڻو ڪري ڪاروبار آهي، ليڪن زراعت ۾ گهڻو گهٽ آهي مثال طور؛ جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو ڍڳو بيمار ٿيندو آهي ته هُو نقصان جي خطري کان هڪدم بيا سمورا ڪم ڇڏي جانورن جي ڊاڪٽر ڏانهن ڊوڙندو آهي. جنهن کي في به ڏيندو آهي ته جيئن نقصان کان بچي سگهي، ليڪن اُهو ساڳيو ماڻهو پنهنجي فصل جي جيتن ۽ بيمارين وغيره جي باري ۾ ايترو اُتاولو ناهي هوندو. ڇاڪاڻ ته هُو پوکي راهيءَ کي

ڪاروبار نٿو سمجهي ۽ لاڳت ۽ آمدني جو جائزو يا ڪاٿو نٿو لڳائي.

هاڻ سڀ کان اهم ڳالهه اِها سمجهڻ جي آهي ته ڪنهن به ڪاروبار جي نظام کي ڇا ٿو چئجي؟. سادي زبان ۾ اُن کي قدر جي زنجير (Value Chain) چيو وڃي ٿو. جنهن تحت ئي ڪنهن ڪاروبار کي منافعي بخش بڻائي سگهجي ٿو.


## قدر جي زنجير (Value Chain):

قدر جي زنجير ۾ اُهي سموريون سرگرميون ۽ خدمتون اچي وڃن ٿيون، جيڪي ڪنهن شيءِ يا جنس يا خدمتن کي پنهنجي تصور کان ويندي آخر ۾ مارڪيٽ ۾ صارف يا گيراهڪ تائين پهچائڻ لاءِ گُهربل هونديون آهن.

يا

ڪنهن به ڪاروبار (شيءِ، جنس يا خدمت) سان لاڳاپيل سمورن ڪاروبارن جو اهڙو نظام جنهن ۾ هڪ ٻئي کان شيون يا جنسون يا خدمتون خريديون يا وڪرو ڪيون وينديون هجن. ته جيئن مارڪيٽ ۾ مؤثر ۽ عمل جوڳي طريقيڪار تحت گراهڪ جي ضرورت ۽ پسند کي پورو ڪيو وڃي.

ان جي بنيادي خصوصيت اِها آهي ته هِن جي خاص نظر هر وقت مارڪيٽ تي هوندي آهي ته جيئن گڏيل مفادن يا مقصدن کي سهڻي نموني حاصل ڪيو وڃي.



جڏهن هر ڌُر جي صلاحيتن ۽ ماحول ۽ سوچ ۾ بهتري آڻجي ۽ هَر ڌر اِهو سمجهي ته سمورين ڌرين جي منافعي ۾ ئي منهنجو منافعو لڪل آهي. ان ڪري سمورين ڌرين جو خيال رکندي پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪري. ان لاءِ قدر جي زنجير جي سمورين ڌرين کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي جي گُهرجن ۽ ضرورتن کي سمجهي پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرائڻ جي هر جاءِ هر وقت ضرورت رهي ٿي. ٻي صورت ۾ هر ڌر پنهنجي پنهنجي طور تي ڪم ڪري ٿي ۽ سوچي ٿي ۽ ٻي ڌر کي ڌيان ۾ رکڻ بنان يا هڪ حد تائين ڌوڪو ڏئي وڌيڪ منافعو ڪمائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. جڏهن ته ائين ممڪن ناهي. جنهن جو مثال ائين آهي ته جيڪڏهن زنجير جي هڪ ڪڙي ٽٽي پوي يا ڪمزور ٿي پوي ته باقي ڪڙيون به پڪ سان ڪمزور ٿينديون بلڪ ڪارگر نه رهنديون.

چند اهم قدر جي زنجير سان لاڳاپيل نڪتا هيٺ ذڪر ۾ آڻجن ٿا:

## غير معياري زرعي شين جو قدر جي زنجير تي اثر:

پاڻ، ٻج يا زرعي زهر وڪرو يا تيار ڪندڙن مان جيڪڏهن ڪو ڪا شيءِ وغير معياري يا ٻئي نمبر جي وڌيڪ نفعو ڪمائڻ جي چڪر ۾ آبادگارن کي فراهم ڪري ٿو ته نتيجي ۾ آبادگارن جي پيداوار گهٽ لهي ٿي ۽ پيداوار جو معيار ڪري پوي ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ ٿي مُکيه نقصان ٿين ٿا؛

1. پيداوار گهٽ لهڻ جي ڪري آبادگارن کي نقصان رسي ٿو ۽ سندن مالي حالت ڪمزور ٿئي ٿي.
2. آبادگارن جي مالي حالت خراب ٿيڻ جي ڪري هُو پنهنجي فصلن کي ضرورت مطابق ٻج، پاڻ، زرعي زهر وغيره نٿا ڏين. جنهن سان نه صرف آبادگارن جي آمدني گهٽجي ٿي بلڪ ٻج، پاڻ، زرعي زهر ٺاهيندڙن ۽ وڪرو ڪندڙن جو وڪرو گهٽجي ٿو ۽ اُنهن کي به نقصان رسي ٿو.
3. ٽيون وڏو نقصان اِهو به ٿئي ٿو ته زرعي جنسن جي پيداوار معياري نه هئڻ جي ڪري ڏيساور جو واپار متاثر ٿئي ٿو. ۽ ايڪسپورٽ واپار ۽ واپارين کي خاطر خواهه منافعو نٿو رسي.

ان هڪڙي مثال مان ئي صاف ظاهر آهي ته قدر جي زنجير ۾ جڙيل سموريون ڌريون هڪ ٻئي لاءِ نهايت ئي اهم آهن ۽ هڪ ٻئي جي وڌيڪ منافعي جون ضامن آهن. قدر جي زنجير ان صورت ۾ ئي وڌيڪ مضبوط ٿي سگهي ٿي جڏهن سموريون ڌريون ان ڳالهه کي سمجهندي هڪ ٻئي جو خيال ڪن ۽ ويجهو اچن.

قدر جي زنجير جي بهتريءَ لاءِ به ٻيا مثال ڏيڻ پڻ ضروري آهن. هڪ ته عام طرح سان زرعي شعبي اندر آبادگار طبقي ۾ مڊل مين جي ڪردار تي سخت تنقيد هلندڙ آهي ۽ ٻئي طرف زرعي جنسن جو ڏيساور ۾ واپار ڪندڙن يعني ايڪسپورٽرن جو رويو به منفي آهي.

## مڊل مين ۽ قدر جي زنجير:

عام طور تي آبادگارن جو اهو مؤقف آهي ته مڊل مين اصل تباهيءَ جو ذميوار آهي. تنهن ڪري ان جي ڪردار کي مڪمل طور تي ختم ٿيڻ گُهرجي پر حقيقت ان جي بلڪل برعڪس آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته مڊل مين گهڻو منافعو ڪمائي ٿو ۽ آبادگارن سان ڪٽي ڪٽي چيٽنگ به ڪري ٿو. ليڪن اُن مثبت پهلوءَ کي به ڏسڻ جي ضرورت آهي. اسان وٽ جيئن ته آبادگارن جي اڪثر آبادي ننڍن آبادگارن جي آهي. جن وٽ به ٿي ايڪڙ زمين آهي، جنهن ۾ هُو مختلف فصل پوکن ٿا. ڪجهه فصل پنهنجي کاڌ خوراڪ لاءِ ٻيو مال متاهه جي چاري لاءِ باقي بچيل پيداوار وڪرو ڪن ٿا. اهڙن آبادگارن کي نه ته بهتر مارڪيٽ تائين رسائي آهي نه وسيلا آهن ۽ نه ئي ايترو وقت آهي. اهڙي صورت ۾ مڊل مين ئي هُن جو واحد سهارو آهي جيڪو ٻج پاڻ ۽ گهر جي خرچ پکي لاءِ سچي منڊ ڪيس سپورٽ به ڪري ٿو. هاڻ جيڪڏهن اُهو سهارو نه هجي ته ننڍو آبادگار بلڪل ويهي رهي. ڇاڪاڻ ته ٿوري پيداوار کي بهتر مارڪيٽ تائين پهچائڻ ۽ سنڀالڻ اهڙن آبادگارن لاءِ مشڪل آهي. ها ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته مڊل مين جو ڪردار آبادگار دوست بڻائڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ گهرجن.


## ڏيساور ۾ واپار (Export) ۾ قدر جي زنجير:

ڏيساور واپار ڪندڙ ڌرين جي منفي رويي سان پڻ زراعت کي نقصان رسي رهيو آهي ۾ قدر جي زنجير ڪمزور ٿي رهي آهي. هن وقت ايڪسپورٽر بہ طرحن جو زرعي مال ٻاهر موڪلن ٿا. هڪ تہ منڊين ۾ ايندڙ مال مان اعليٰ معيار وارو مال چانٽي ڪري ٻاهر موڪليو وڃي ٿو ۽ ٻيو زميندارن وٽان زمين تان چونڊي مال ڪٽي اچي ٻاهر ايڪسپورٽ ڪيو وڃي ٿو. ان طرح سان ٻن قسمن جا نقصان ٿين ٿا:

1. اعليٰ معيار وارو مال ڏيساور هليو وڃي ٿو ۽ باقي گهٽ معيار وارو مال ملڪي صارفن کي ملي ٿو.

2. اهڙي طرح سان ايڪسپورٽ ڪرڻ جو گهڻو فائدو ايڪسپورٽرن کي ئي ملي ٿو پر آبادگار کي ايڪسپورٽ ڪوالٽي جو اگهہ نٿو ملي، ان ڪري آبادگار جو گهڻو زور پيداوار وڌائڻ طرف آهي پر معيار جي بهتريءَ طرف گهٽ آهي. جنهن جي ڪري مجموعي طور تي اعليٰ معيار واري پيداوار ۾ اضافو ناهي ٿي رهيو.

قدر جي زنجير هڪ ڪاروباري ايجنڊا آهي جنهن جو مقصد هر فصل مان هارين نارين، زميندارن، واپارين، پروسيسرن، دڪاندارن وغيره کي منافعو ملي ۽ صارفن کي سندن گُهرج ۾ خريدڻ واري سگهہ مطابق هر وقت ۾ هر جاءِ فراهمي جاري رهي.




# زرعي توسيع ، زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ

زرعي توسيع سنڌ جو بنيادي مقصد سنڌ جي آبادگارن جي رهنمائي ڪري سندن پيداوار وڌائڻ ۽ منافعي ۾ اضافو ڪرڻ آهي. ان سلسلي ۾ آبادگارن کي سندن زمين تي وڃي زرعي توسيعي عملو زرعي مشورا ڏئي رهيو آهي. ان ڪم کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ لاءِ ڪجهه نوان قدم کنيان ويا آهن، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

1 هر فيلڊ اسسٽنٽ پنهنجي علائقي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن هفتي ۾ زميندارن سان ملي کين مشورا ڏيندو.



2 هڪ ڏينهن تي 3 زميندارن سان لازمي طور ملندو.

3 زميندارن کي مشورا ڏيڻ وقت جي پي ايس ڪوآرڊينيٽ واري تصوير ڪيندو تہ جيئن زميندار ۽ فيلڊ اسسٽنٽ جي اصل لوڪيشن جي خبر پئجي سگهي.

4 فيلڊ اسسٽنٽ زميندارن سان ملاقاتن جا تفصيل خصوصي طور تيار ڪيل فيلڊ ڊائري ۾ درج ڪندو ۽ آن لائين رپورٽ ڪندو.

5 زرعي مشورن ڏيڻ سان گڏ هر فيلڊ اسسٽنٽ پنهنجي علائقي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 100وڻ پوکرائيندو.

6 آبادگارن جي وڌيڪ سهولت لاءِ هر زرعي توسيعي ضلعي آفيس ۾ انفارميشن سينٽر قائم ڪيا ويا آهن جتان پڻ ٽيليفون ذريعي يا روبرو وڃي مشورا وٺي سگهجن ٿا.

7 ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيع سنڌ حيدرآباد جي آفيس ۾ هڪ خصوصي آبادگار ڪال سينٽر قائم ڪيو ويو آهي جتي زرعي ماهر آفيس جي ڪم ڪار واري وقت ۾ موجود هجن ٿا جتان پڻ مشورا حاصل ڪري سگهجن ٿا.

هن نئين ڪم جو آغاز 8 سيپٽمبر 2020 تي جناب عبدالرحيم سومرو سيڪريٽري زراعت سنڌ پاران افتتاح ڪرڻ سان ڪيو ويو آهي. ڪم جي اڳواڻي جناب هدايت الله ڇڄڙو ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيع سنڌ ڪري رهيا آهن.

8 زرعي توسيع سنڌ پاران قائم آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز پاران ٻيون بہ ڪيئن سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن جيڪي هيٺ ڏجن ٿيون:




- آبادگار ڪال سينٽر 03111646111
- سائي ستابي سنڌ روزانو زرعي مشورن جو فيسبڪ تي لائيو پروگرام.
- روزانو ريڊيو پاڪستان تان زرعي پروگرام.
- موبائل سينيمائن ذريعي آبادگارن کي ڳوٺن ۾ وڃي زرعي فلمون ڏيکارڻ.
- مختلف مارڪيٽنگ جا اگهہ پار
- موسم جو حال احوال
- نوجوانن کي انٽرنشپ ڪرائڻ
- موبائل فون ايس ايم ايس ڪرڻ وغيره شامل آهن